# رهبر حج

## (حج جي تربيت)



ترجمو ۽ ترتيب
نور محمد نور سومرو

نظرثاني
ڊاڪٽر حافظ محمود الحسن

# رهبر حج

## (حج جي تربيت)

ترجمو ۽ ترتيب

**نور محمد نور سومرو**

نظر ثاني

**پروفيسر ڊاڪٽر محمود الحسن**

**پارانن: رهبر پبلشنگ اڪيڊمي، خيرپور**

**ڊجيٽل ايڊيشن:**

2018ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب "رهبر حج" اوهان اڳيان پيش آهي. ترجمو ۽ ترتيب محترم نور محمد نور سومرو صاحب ۽ نظر ثاني پروفيسر ڊاڪٽر محمود الحسن ڪئي آهي. حج هڪ نهايت اهم مذهبي فرض ۽ اسلام جي بنيادي رڪنن مان هڪ نهايت ئي اهم رڪن آهي. حج جي تربيت بابت هي ڪتاب اوهان جي رهبري ڪندو.

هن ڪتاب ۾ حج جي فرضن ۽ واجبن سان گڏوگڏ انتظامي معاملن خاص طور تي مشاعر مقدسه (يعني منيٰ، مزدلفه ۽ عرفات) جو سهڻي نموني تعارف ڪرايو ويو آهي. هن ڪتاب ڪي هر هر پڙهڻ سان حج جي مسئلن ڪي نہ صرف سمجهڻ ۾ مدد ملندي بلڪي انهن مسئلن ڪي بہ منهن ڏيڻ ۾ مدد پڻ ملندي.

هي ڪتاب **رهبر پبلشنگ اڪيڊمي، خيرپور** پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون مانواري نور محمد نور سومري جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# تلبيه

لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ

حاضر آهيان، اي الله مان حاضر آهيان

لَبَّيْكَ لَا شَرِيْكَ لَكَ لَبَّيْكَ

مان حاضر آهيان، تنهنجو ڪوئي شريڪ نہ آهي مان حاضر آهيان

اِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ

بيشڪ حمد تنهنجي ئي لائق آهي سموريون نعمتون تنهنجون ئي ڏنل آهن

لَكَ وَالْمُلْكَ

بادشاهي بہ تنهنجي ئي آهي

لَا شَرِيْكَ لَكَ

تنهنجو ڪوئي شريڪ نہ

(حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ)

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو | رهبر حج (حج جي تربيت) |
| ترجمو ۽ ترتيب | نور محمد نور سومرو |
| نظرثاني | پروفيسر ڊاڪٽر محمود الحسن چنڙ |
| پروف ريڊنگ | حاجي شاهه محمد سومرو |
| ڪمپوزنگ | نور محمد نور سومرو |
| لي آئوٽ | آصف نظاماڻي |
| ٽائيٽل ڊزائين | جواد احمد JJ سومرو |
| ڇاپو پهريون | مئي 2018 |
| ڳاڻيٽو | 1000 |
| هديه | في سبيل الله دعائن ۾ ياد رکندا |
| پرنٽرز | يوسف پرنٽرز، سکر |
| ڇپائيندڙ | رهبر پبلشنگ اڪيڊمي، خيرپور<br>03337823941 |

# فهرست


| باب نمبر | مضمون | صفحو |
| --- | --- | --- |
| باب پهريون | حج جي سفر کان پهريان پاڪستان ۾ تياري | 8 |
| باب ٻيو | سعودي عرب جي سرزمين تي سفر ۽ مختلف مرحلا ۽ ترسڻ | 25 |
| باب ٽيون | عمري جو طريقو | 49 |
| باب چوٿون | مشاعر مقدسہ جو تعارف | 57 |
| باب پنجون | حج جو طريقو | 81 |
| باب ڇهون | مدينہ منوره جي زيارت | 98 |
| باب ستون | خيال رکڻ جون ڳالهيون | 121 |
| باب اٺون | حج جي سفر لاءِ طبي سهولتون | 135 |
| بان نائون | حادثن کان بچاءَ جا طريقا | 142 |
| | سعودي عرب ۾ عربيءَ جا عام لفظ | 148 |
| | ليکڪ جو تعارف | 149 |

# پنهنجي پاران

حج هڪ نهايت اهم مذهبي فرض ۽ اسلام جي بنيادي رڪنن مان هڪ نهايت ئي اهم رڪن آهي. حج ۽ عمري تي الحمد لله ڪتابن جي ڪائي ڪمي نہ آهي ۽ يقينن هن موضوع تي ڪيترائي سٺا ڪتاب موجود آهن. هن کان پهريان منهنجو ترتيب ڏنل ڪتاب حج جي سفر جي عملي رهنمائي قدم بہ قدم2015 ۾ اڇپي چڪو آهي جنهن کي بي حد پسند ڪيو ويو. ان کان پوءِ سال 2016 ۽ 2017 ۾ وزارت مذهبي امور جي ڪتاب رہنمائے حج جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپرايو هيو ۽ هن سال 2018 رہنمائے حج جو ترجمو ٿيل ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب ۾ حج جي فرضن ۽ واجبن سان گڏوگڏ انتظامي معاملن خاص طور تي مشاعر مقدسہ (يعني منيٰ، مزدلفہ ۽ عرفات) جو سهڻي نموني تعارف ڪرايو ويو آهي. هن ڪتاب کي هر هر پڙهڻ سان حج جي مسئلن کي نہ صرف سمجهڻ ۾ مدد ملندي بلڪي انهن مسئلن کي بہ منهن ڏيڻ ۾ مدد پڻ ملندي.

هي ڪتاب اردوءَ مان سڌو سنئون سولي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جي نظر ثاني پروفيسر ڊاڪٽر محمود الحسن چنڙ صاحب ڪئي آهي. جيڪي وزارت مذهبي امور جا ماسٽر ٽرينر پڻ آهن هن ڪتاب کي ترجمو ڪرڻ وقت اها ڪوشش ڪئي وئي تہ گرامر جي حساب سان ڪا غلطي نہ ٿئي تنهن هوندي بہ پڙهندڙن کي گذارش آهي تہ جيڪڏهن ڪا غلطي ڏسن تہ ضرور آگاهہ ڪندا تہ جيئن ايندڙ شماري ۾ ان جي تحصيح ڪري سگهجي.

اسان جي دعا آهي تہ الله تبارڪ و تعاليٰ توهان جي حج جي سفر کي آسان بڻائي ۽ توهان کي حج مبرور جي سعادت نصيب فرمائي. (آمين)

طالب دعا

**نورمحمد نور سومرو**

abukatooli@gmail.com

## باب پهريون:
## حج جي سفر کان پهريان پاڪستان ۾ تياري

### حج جي فرضيت:
حج هر عاقل، بالغ مسلمان، مرد ۽ عورت استطاعت يعني طاقت هجڻ جي شرط تي زندگيءَ ۾ هڪ دفعو ادا ڪرڻ فرض آهي. حج جي استطاعت جو مطلب آهي رستو پر امن هجي. ان وٽ حج جي خرچن کان علاوه حج جي مدت جي لاءِ پنهنجي ڪفالت هيٺ گهر جي ڀاتين جي کائڻ پيئڻ جو بندوبست پڻ موجود هجي. عورت جي لاءِ هي به شرط آهي ته ان سان گڏ حج جي سفر ۾ ڪوئي محرم موجود هجي.

### حج جي تربيت ۽ تياري:
حج هڪ نهايت عظيم عبادت آهي. انهيءَ ڪري حج جي پانڌيئڙن لاءِ ان جي تربيت نهايت ضروري آهي ته جيئن حجاز مقدس ۾ گذارڻ واري هر گهڙيءَ مان ڀرپور فائدو حاصل ڪري سگهجي.
حج جي مناسڪن جي تربيت کان سواءِ هن مبارڪ سفر جي تياريءَ جا به اهم پاسا آهن. پهريون هي ته پنهنجي نفس جي پاڪائي ڪئي وڃي. پنهنجي رب سان سچي توبهه ۽ اڳتي جي لاءِ ان جي نافرمانيءَ کان پري رهڻ جو پڪو عزم ڪيو وڃي. رب ڪريم قرآن ڪريم ۾ تقوىٰ کي ان سفر جي لاءِ بهترين سفر جو ثمر قرار ڏنو آهي. هي موقعا الله سبحان تعاليٰ جي طرفان خوش نصيب ٻانهن کي عطا ڪيا ويندا آهن ته هو مقدس جڳهن تي پنهنجي رب جي سامهون سچي توبهه ڪندا آهن ۽ حج مبرور جي بدلي ۾ نه صرف جنت جي خوشخبري وٺي ڪري واپس ايندا آهن بلڪي گناهن کان ائين پاڪ

صاف ٿي ويندا آهن جيئن انهن کي ماءُ ان ڏينهن ڄڻيو هجي. جڏهن تہ تياريءَ جو ٻيو رخ عملي يا ظاهري تياري آهي. انهيءَ ڪري پنهنجو پاڻ کي ذهني ۽ جسماني طور تي ان مشڪل سفر جي لاءِ تيار ڪيو وڃي. انهيءَ لاءِ توهان کي اهو سمجھڻو پوندو تہ توهان کي حج ڪان پهريان، ان جي دوران ۽ ان ڪان پوءِ ڇا ڪرڻو آهي. انهيءَ لاءِ ضروري آهي تہ هيٺ ذڪر ڪيل انتظامي معاملن جو خيال رکيو وڃي تہ جيئن هن مبارڪ سفر ۾ مڪمل اطمينان سان عبادتن ۾ مصروف رهندا:

## حج جون درخواستون:

1. جيڪڏهن سرڪاري اسڪيم جي تحت حج تي وڃڻ جو ارادو آهي تہ حج درخواستون وصول ڪرڻ جي با اختيار بينڪ جي ڪنهن ويجهي برانچ سان رابطو ڪندا ۽ درخواستون بر وقت جمع ڪرائيندا.
2. سمورا حج جا پانڌيئڙا مشين ريڊيبل پاسپورٽ تي ئي سفر ڪندا انهيءَ ڪري پنهنجو پاسپورٽ تيار رکندا.
3. پهنجن ويجهن عزيزن، پاڙي وارن يا دوستن مان جيڪڏهن ڪوئي حج جي سفر جو ارادو رکندو هجي تہ انهن سان مِلي ڪري گروپ ٺاهيندا ۽ حج جي درخواست هڪ گروپ جي صورت ۾ ڏيندا. گروپ ۾ ڪنهن تجربي ڪار ۽ تربيت يافتہ شخص کي گروپ ليڊر مقرر ڪندا. هي ڪم بينڪ وارن تي نہ ڇڏيندا.
4. سرڪاري اسڪيم تحت حج درخواستون منظور ٿيڻ ڪان پوءِ خوش نصيب ماڻهن کي ٽپال يا ايس ايم ايس جي ذريعي اطلاع ڏنو ويندو آهي. درخواستن جي باري ۾ معلومات

وزارت مذهبي امور و بين المذاهب هم آهنگي جي ويب سائيٽ www.hajjinfo.org تي ڏسي سگهجي ٿي.

5. وزارت مذهبي امور و بين المذاهب هم آهنگي جي انتظام هيٺ حج جي پانڌيئڙن جا تربيتي پروگرام ترتيب ڏنا ويندا آهن. وزارت جي طرفان حج جي پانڌيئڙن کي فلائيٽ شيڊول ۽ بلڊنگ / مڪتب نمبر کان بہ آگاهہ ڪيو ويندو آهي.
6. عام طور تي ذوالقعد جي پهرين هفتي کان حج اُڏامون شروع ٿي وينديون آهن. جيڪي 04 ذوالحج تائين هلنديون رهنديون آهن ۽ واپسيءَ جون حج اڏامون 15 ذوالحج کان 15 محرم تائين هلنديون رهنديون آهن.
7. سرڪاري نوڪري ڪرڻ وارا پنهنجي روانگيءَ ۽ واپسيءَ جي شيڊول يعني سعودي عرب ۾ ترسڻ جي مدت جي حساب سان پنهنجي اداري کان موڪلون منظور ڪرائن ۽ پنهنجي اداري کان اين او سي بہ حاصل ڪري وٺن.

## طبي معائنو:

حج جي درخواست ڏيڻ کان پهريان پنهنجو طبي معائنو ڪنهن مستند سرڪاري ميڊيڪل آفيسر کان ڪرائيندا ۽ جيڪڏهن ڪنهن پيچيده (مونجهاري واري) بيماريءَ جي ڪري ڊاڪٽر توهان کي حج جي سفر ڪرڻ جي قابل قرار نہ ڏئي تہ توهان پنهنجي صحت ياب ٿيڻ تائين حج تي وڃڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيندا. جيڪڏهن توهان بيماريءَ جي حالت ۾ حج تي ويندا تہ پنهنجي لاءِ پنهنجي ساٿين لاءِ پريشانيءَ جو سبب بڻجندا. جيڪڏهن حج جي ڪٽي نڪرڻ کان پوءِ بيماريءَ جي ڪري حج تي وڃڻ جو ارادو نہ هجي تہ وزارت کي هڪ دم اطلاع ڏيندا تہ جيئن توهان جي جڳهہ تي ڪنهن ٻئي

ڪي عيوض طور موڪلي سگھجي . واضع رهي تہ جعلي طبي سرٽيفيڪيٽ پيش ڪرڻ واري ڪي ان جي ذاتي خرچ تي حج تان واپس موڪليو ويندو ۽ اهڙو سرٽيفيڪيٽ جاري ڪرڻ واري ڊاڪٽر جي خلاف تنبيهي ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي.

## گردن توڙ بخار ۽ ٻيا حفاظتي ٽُڪا:

سعودي عرب روانو ٿيڻ کان پهريان پنهنجي واسطيدار حاجي ڪيمپ مان گردن توڙ بخار، نزلي ۽ زُڪام جا ٽُڪا لڳرائڻ ۽ پوليو جا قطرا پيئڻ لازمي آهن. ڇاڪاڻ تہ اُهي توهان جي صحت لاءِ بي حد ضروري آهن. هي ٽُڪا لڳرائي ڪري هيلٿ ڪارڊ ضرور حاصل ڪندا. ڪجھ حج جا پانڌيئڙا ٽڪن لڳرائڻ کي اهميت نہ ڏيندا آهن ۽ سعودي عرب روانو ٿيڻ کان ٻہ يا چار ڏينهن پهريان ٽڪا لڳرائيندا آهن. اهڙي صورت ۾ سعودي عرب ۾ ترسڻ دوران انهن کي خطرناڪ / موت مار بيماري لاحق ٿي سگھي ٿي. انهيءَ لاءِ توهان کي بار بار تاڪيد ڪجي ٿو تہ روانگيءَ کان گھٽ ۾ گھٽ ڏھ ڏينهن پهريان گردن توڙ بخار جا ٽڪا ضرور لڳرائيندا. سعودي عرب حڪومت حج جي پانڌيئڙن جي لاءِ پوليو ويڪسين بہ لازمي قرار ڏني آهي انهيءَ لاءِ گردن توڙ بخار جي ٽڪي سان گڏ پوليو جا قطرا بہ سيني حج جي پانڌيئڙن کي پيئاريا ويندا.

## ضرورت جو سامان

حج جا پانڌيئڙا سعودي عرب ۾ ترسڻ جي مدت جي حساب سان ضرورت جو سامان هوائي ڪمپنيءَ جي مقرر ڪيل سائز جي سوٽ ڪيس ۾ رکي ڇڏيندا. غير ضروري سامان ساڻ کڻي نہ ويندا. سامان جو وزن 30 ڪلوگرام کان گھٽ هجي تہ جيئن واپسيءَ تي

مقرر ٿيل وزن کان وڌيڪ هئڻ تي ايئرلائين کي واڌو رقم ادا نہ ڪرڻي پوي. سهولت جي لاءِ هيٺ درج ٿيل فهرست جي مطابق سامان تيار ڪري ان جي سامهون واري خاني ۾ " √ " جو نشان لڳائي ڪري اطمينان ڪندا تہ جيئن ڪائي ضروري جي شيءِ ساڻ کڻي وڃڻ کان رهجي نہ وڃي.

| نمبر | سامان/شيون | نشان |
|---|---|---|
| 1 | احرام جون چار اڻ سبيل چادرون | |
| 2 | احرام جو بيلٽ | |
| 3 | احرام جي حالت ۾ پائڻ لاءِ بہ پٽي چپل جنهن سان پير جي اپريل هڏي ۽ کُڙيءَ جي پوئين هڏي کليل رهي. (عورتون ڪوبہ جوتو پائي سگهن ٿيون). | |
| 4 | ٽوال | |
| 5 | عام لباس سان گڏ پائڻ جي لاءِ جوتو | |
| 6 | روز مره جي پائڻ لاءَ چار جوڙا ڪپڙا | |
| 7 | صفائيءَ جي لاءِ ڪپڙو / ڊسٽر | |
| 8 | عورتن جي لاءِ وارن تي ٻڌڻ لاءِ ٻہ عدد رومال | |
| 9 | ٽوپي | |
| 10 | ننڍو تالو | |
| 11 | ڪنگو، آئينو، قينچي ۽ ننهن ڪٽڻي | |
| 12 | نماز جي لاءِ مصلو ۽ تسبيح | |
| 13 | ڪجھ لفافا ڪاغذ ۽ پين | |
| 14 | نظر واري عينڪ ٻہ عدد (جيڪڏهن استعمال ڪندا هجو تہ) | |
| 15 | ٽائليٽ پيپر ۽ ٽشو پيپر | |
| 16 | حج ۽ عمري جو ڪتاب | |
| 17 | سوئي ڌاڳو | |

| | | |
|---|---|---|
| 18 | پلاسٽڪ جا ضروري ٿانو | |
| 19 | ٻل (سيفٽي پن) | |
| 20 | سفري ڪاغذ پٽ رکڻ جي لاءِ ننڍو ٿيلهو | |
| 21 | ٽوٿ پيسٽ، برش ۽ ڏندڻ | |
| 22 | سامان تي نالو لکڻ لاءِ وڏو مارڪر | |
| 23 | ضرورت وقت سامان کي ٻڌڻ لاءِ ڏوري يا رسي | |
| 24 | عورتن جي لاءِ مخصوص ڏينهن دوران استعمال جي لاءِ نيپڪن | |
| 25 | ضروري دوائون ساڻ ڊاڪٽر جو لکيل پرچو جيڪو حاجي ڪيمپ مان پلاسٽڪ جي لفافي ۾ پيڪ ڪرايل هجي. | |
| 26 | ويل چيئر (جيڪڏهن ضرورت هجي ته) | |

## سامان جي سجاڻپ:

پنهنجي سموري سامان تي نالو، ائڊريس ۽ درخواست نمبر ۽ فون نمبر چٽو ۽ صاف لکندا. نالو ۽ ائڊريس لکڻ لاءِ اسٽيڪر حاجي ڪيمپن ۾ مهيا ڪيا ويندا. سامان کي تالو لڳائي ڪري رکندا. هڪ چاٻي احرام جي بيلٽ جي کيسي ۾ ۽ ٻي چاٻي ٿيلهي ۾ رکندا. وڏي بيگ ۽ هٿ ۾ کڻڻ واري ننڍي ٿيلهي جي اندران نالو ۽ ائڊريس جي ٻه هڪ چٽ وجهي ڇڏيندا ته جيئن گم ٿيل سامان ملڻ جي صورت ۾ توهان جي ائڊريس تي موڪلي سگهجي.

## ڪائڻ پيئڻ جون شيون/منع ڪيل شيون:

ڪائڻ پيئڻ جون سموريون شيون سعودي عرب ۾ جهجهي مقدار ۾ ملي وينديون آهن. صحت جي اصولن جي پيش نظر ڪائڻ

پيئڻ جي هر قسم جون شيون سعودي عرب ۾ کڻي وڃڻ جي اجازت نہ آهي. ان لاءِ اٽو، چانور، گيهہ، کنڊ، داليون، مٺائي فروٽ وغيرہ پاڻ سان گڏ هرگز کڻي نہ ويندا. ان ڪانسواءِ گاسليٽ يا گيس وارا چلها، لٽريچر، تصويرون، وڊيو آڊيو ڪيسٽ بہ کڻڻ جي اجازت نہ آهي. حاجي ڪيمپ يا ايئر پورٽ تي چيڪنگ جي دوران سموريون منع ڪيل شيون سامان مان ڪڍيون ونديون آهن.

### انتباهہ (خبردار ڪرڻ):

سعودي عرب ۾ هر قسم جي منشيات (نشي واريون شيون) يعني آفيون (چرس) هيروئن وغيرہ کڻي وڃڻ واري ڪي موت جي سزا ڏني ويندي آهي. انهي لاءِ حج جا پانڌيئڙا احتياط ڪن. ڪنهن جو ڏنل پيڪيٽ يا سامان پاڻ سان گڏ کڻي نہ ويندا. ممڪن آهي تہ ان ۾ ڪائي منع ڪيل شيءِ هجي جيڪا توهان جي لاءِ مشڪل پيدا ڪري.

### عورتن جو لباس:

اهڙو مناسب لباس پاڻ سان گڏ رکندا جنهن جي پائڻ سان باوقار لڳندا ۽ پاڪستان جو تشخص اجاگر ٿئي. عورتون سنها ۽ غير شائستہ (غير اخلاقي) لباس نہ پائن. بلڪي پنهنجي لباس تي عبايہ يا برقعو پائي رکن. خاص طور تي بلڊنگ کان نڪرڻ وقت عبايا لازمي پائن. عورتون وڏي کُڙيءَ وارو سينڊل نہ پائن ان سان هلڻ ۾ مشڪل ٿيندي. شيشي جون چوڙيون پائي نہ وڃن ڇاڪاڻ تہ طواف جي دوران چوڙيون ٽٽڻ سان پاڻ بہ ۽ ٻيا بہ زخمي ٿي سگهن ٿا.

## عباياءُ پاڪستاني جهنڊي جو اسٽيڪر:

سعودي عرب ۾ حج يا عمري جي لاءِ وڃڻ وارين عورتن کي عبايا پائڻ ضروري آهي. ان لاءِ عورتون حج جون پانڌيئڙيون ڪاري رنگ جون گهٽ ۾ گهٽ ٻه عبايا پاڻ سان گڏ رکن جنهن تي پاڪستاني جهنڊي جو اسٽيڪر لڳل هجي. عورتون سعودي عرب ۾ ترسڻ دوران جڏهن ٻه پنهنجي بلڊنگ کان ٻاهر نڪرن ته عبايا پائي رکن. سيني مرد حج جي پانڌيئڙن جي لاءِ ٻه پڻ ضروري آهي ته اهي پنهنجي احرام تي پاڪستاني جهنڊي جو اسٽيڪر لڳائين. هي اسٽيڪر توهان کي واسطي دار حاجي ڪيمپ مان ملندا.

## زرمبادلہ (ناڻي جي مٽا سٽا) جو انتظام:

حج جي پانڌيئڙن کي سعودي عرب ۾ ترسڻ دوران خرچ ڪرڻ لاءِ زرمبادلہ جو انتظام پاڻ ڪرڻو پوندو. ترسڻ جي مدت جي حساب سان زرمبادلہ جي رقم سعودي ريال (گهٽ ۾ گهٽ ٻه هزار ريال ) جي شڪل ۾ پاڻ سان گڏ رکندا. ياد رکندا ته سعودي قانون جي تحت 9500 ريالن کان وڌيڪ رقم پاڻ سان گڏ کڻي وڃڻ منع آهي.

## حاجي ڪيمپ ۾ اچڻ:

هر حاجي ڪيمپ ۾ حج جي پانڌيئڙن جي لاءِ مختلف شعبا قائم ڪيا ويندا آهن، جنهن ۾ آڌر ڀاءُ جو ڪائونٽر، معلومات، ايئر لائين جا دفتر، بينڪ برانچون، ڊسپينسري، ڪينٽين ۽ ضروري شين جا اسٽال شامل هوندا آهن.

توهان وزارت مذہبي امور جي طرفان حج جي سفر جي پروگرام جو خط ملڻ جي مطابق اڏام کان ٻه ڏينهن پهريان پنهنجي سفر جا ڪاغذ پٽ يعني پاسپورٽ ٽڪيٽ وغيره وٺڻ جي لاءِ صبح 9

بجي واسطيدار حاجي ڪيمپ ۾ تشريف وٺي ايندا. روانگيءَ جو پروگرام وزارت مذهبي امور جي ويب سائيٽ تي بہ ڏسي سگهجي ٿي.

ڏورانهن علائقن کان سفر ڪرڻ وارا حاجي سڀُورا حاجي ڪيمپ اچڻ وقت حج جي سفر جو مڪمل سامان پاڻ سان گڏ کڻي اچن جتي انهن جي لاءِ رهائش جي سهولت موجود آهي. جڏهن تہ ويجهن علائقن جا حج جا پانڌيئڙا جيڪي حاجي ڪيمپ ۾ رهائش اختيار نہ ڪرڻ چاهن اهي پنهنجا ضروري ڪاغذات (بينڪ رسيد. اطلاع نامون ۽ شناختي ڪارڊ) سان گڏ حاجي ڪيمپ اچن.

توهان تي حاجي ڪيمپ ۾ ترسڻ جي پابندي نہ آهي، پر ڏورانهن علائقن کان ايندڙ حاجين جي لاءِ هتي ترسڻ جو بندوبست بہ ٿيل آهي. جيڪڏهن توهان حاجي ڪيمپ ۾ ترسيل نہ آهيو تہ اڏام کان گهٽ ۾ گهٽ 6 ڪلاڪ پهريان توهان کي ايئرپورٽ تي پاڻ پهچڻو پوندو.

## حاجي ڪيمپ ۾ ضروري معاملا:

جيڪڏهن ڪنهن خاص بيماريءَ مثال طور شوگر، بلڊپريشر وغيره ۾ مبتلا آهيو تہ ان جي داخلا علاج جي ڪتاب (Treatment Book) ۾ درج ڪرائيندا. هي ڪتاب حاجي ڪيمپ جي ڊسپينسريءَ مان ملي سگهي ٿو. چاليهہ ڏينهن جون دوائون حاجي ڪيمپ جي ڊسپينسريءَ مان پڻ پيڪ ڪرائيندا. جيڪڏهن توهان هينئر تائين ويڪسين ناهي ڪرائي تہ توهان ان ئي ڊسپينسري مان ڪرائيندا.

وزارت جي طرف کان ملڻ واري اطلاع نامي جو ڪارڊ ڏيکاري ڪري واسطيدار ايئرلائين جي ڪائونٽر تان پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽ حاصل ڪندا. هر حاجيءَ کي هتي هڪ شناختي لاڪيٽ ڏنو

ويندو جنهن تي حاجيءَ جو نالو، پاسپورٽ نمبر، مڪتب نمبر ۽ مڪه مڪرمه جي رهائش گاهه جو ڏس پتو لکيل هوندو. ان شناختي لاڪيٽ کي هر وقت ڳچيءَ ۾ پائي رکندا ته جيئن سعودي عرب ۾ توهان جي رهنمائيءَ ۾ آساني ٿئي.

پاسپورٽ تي پنهنجا تفصيل ويزا ۽ ان تي تصوير ضرور چيڪ ڪندا. ڪڏهن ڪڏهن ويزا تي تصوير غلطيءَ سان بدلجي ويندي آهي يا ان تي نالو غلط لکيل هوندو آهي ۽ اڳتي هلي ڪري پريشانيءَ جو منهن ڏسڻو پوندو آهي. ان لاءِ احتياط ضروري آهي. ايئر لائين جي عملي کان اڏام جي روانگيءَ جي وقتن جي متعلق آگاهي ضرور حاصل ڪندا.

بينڪ کان ملڻ واري تصوير واري رسيد، پاسپورٽ ۽ ايئر ٽڪيٽ ان بينڪ جي برانچ ۾ پيش ڪندا جنهن ۾ توهان حج جا پيسا جمع ڪرايا هئا. واسطيدار بينڪ جي برانچ مان توهان کي ڪجهه ڪرنسي واپس ڪري سگهجي ٿي. واپس ڪيل رقم جو دارومدار مڪ مڪرمه ۾ توهان جي لاءِ ورتل رهائشي بلڊنگ جي ڪرائي تي هوندي آهي. ڇاڪاڻ ته مڪ مڪرمه ۾ بلڊنگز جي ڪرائي جو معيار يا حرم جي مفاصلي جي حساب سان مختلف هوندو آهي تنهنڪري مختلف حج جي پانڌيڙن کي واپس ڪيل رقم ۾ فرق هوندو آهي. جيڪڏهن حج جي پانڌيڙن مان ڪنهن حاجي کي توهان کان وڌيڪ رقم واپس ڪئي وئي آهي ته ان جو سبب هي آهي ته ان بلڊنگ جو ڪرايو توهان جي بلڊنگ جي ڪرائي کان گهٽ آهي ۽ اهڙي طرح ان جي رقم وڌيڪ بچي آهي ان سلسلي ۾ بينڪ يا ٻين ماڻهن سان بحث مباحثو ڪرڻ کان پاسو ڪندا.

سيني ضروري معاملن مان واندو ٿيڻ کانپوءِ حاجي ڪيمپ ۾ ٿيڻ وارن حج تربيتي پروگرامن ۾ شرڪت توهان جي لاءِ فائدي مند ٿيندي. هي پروگرام حاجي ڪيمپ جي مسجد ۾ ٿيندا آهن.

## ايئرپورٽ جي لاءِ روانگي:

ايئرپورٽ روانگي کان پهريان ان ڳالھ جي تسلي ڪري وٺندا تہ هيٺ درج ٿيل ڪاغذ پٽ توهان وٽ موجود آهن.

1. پاسپورٽ ۽ هوائي جهاز جي ٽڪيٽ.
2. ويزا واري صفحي سميت پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽ جي فوٽو ڪاپي.
3. واسطيدار بينڪ کان تصديق ٿيل 6 عدد تصويرون.
4. گردن ٽوڙ بخار، فلو جا جي ٽڪن ۽ پوليو جي قطرن پيئڻ جو سرٽيفيڪيٽ.
5. نادرا جو جاري ڪيل ڪمپيوٽرائزڊ شناختي ڪارڊ ساڻ ٻہ عدد فوٽو ڪاپيون.

## هٿ ۾ کڻڻ وارو سامان (HandCarry):

ايئرپورٽ تي بورڊنگ ڪارڊ وٺڻ وقت سامان وارو وڏو ٿيلهو ايئرلائين جي اسٽاف وٽ جمع ڪرايو ويندو آهي. انهيءَ ڪري ضروري سامان هٿ ۾ رکڻ واري هڪ ننڍي بيگ ۾ رکندا جيڪو جهاز جي اُڏام جي دوران توهان سان گڏ رهندو. انهيءَ بيگ ۾ اهو سامان بہ رکي ڇڏيندا. جيڪو جهاز ۾ سوار ٿيڻ کان پهريان ايئرپورٽ تي استعمال هيٺ ايندو. مثال طور احرام جون چادرون، چپل، احرام جو بيلٽ، حج جو ڪتاب، نظر جي عينڪ، ڪانيءَ جو ڏندڻ، سمورا سفري ڪاغذ پٽ پاسپورٽ سميت، ايئر ٽڪيٽ،

ڪرنسي، تسبيح، سرڪاري ملازمن جي لاءِ اين او سي ۽ اڏام دوران استعمال ڪرڻ واريون دوائون. ياد رکندا قينچي، ننهن ڪٽڻي، يا ڪائي پاٽياٺ واري شيءِ هٿ واري بيگ ۾ هر گز نہ رکندا. ان بيگ جو وزن سامان سميت ستن ڪلو گرام ڪان پڻ وڌيڪ نہ هجي.

**ايئرپورٽ جا معاملا:**

حج جي پانڌيئڙن کي گهرجي تہ اڏام جي وقت کان گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ ڪلاڪ پهريان ايئرپورٽ تي پهچي وڃن. ايئرپورٽ جي بلڊنگ ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ ڪسٽم جا اهلڪار سامان چيڪ ڪندا ۽ پوءِ انهن کي اسڪيننگ مشينن مان گذاريو ويندو. ان کان پوءِ توهان واسطيدار جهاز جي اُڏام واري ڪائونٽر تي سامان جمع ڪرائيندا. پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽ ڏيکاري ڪري بورڊنگ ڪارڊ وصول ڪندا، سامان جمع ڪرائڻ ڪان پوءِ توهان کي جده يا مدينہ منوره پهچي ڪري سامان وصول ڪرڻ جي لاءِ ٽيگ بہ ڏنيون وينديون. انهن کي سنڀالي رکندا ۽ هٿ ۾ ڪٽڻ وارو سامان وري بيگ ۾ پاڻ وٽ ئي رکندا. ان ڳالهہ کي يقيني بڻائيندا تہ توهان جي سامان تي حج جو ٽيگ لڳايو ويو آهي. ان کان پوءِ توهان کي اميگريشن جي ڪائونٽر تان گذرڻو پوندو جتي پاسپورٽ تي ملڪ کان ٻاهر وڃڻ جي داخلا ڪئي ويندي. هاڻي پنهنجو پاسپورٽ هٿ ۾ ڪٽڻ واري بيگ ۾ محفوظ ڪري ڇڏيندا ۽ صرف بورڊنگ ڪارڊ هٿ ۾ رکندا. اهڙي طرح سڪيورٽي جي مختلف مرحلن مان گذرڻ ڪان پوءِ توهان مسافرن جي انتظار گاهہ ۾ پهچي ويندا جتي توهان جهاز جي اُڏام تائين رهندا.

## احرام ٻڌڻ:

احرام ڪان پهريان ننهن ڪٽيندا، مڇن جا وار گهٽ ڪندا، دن جي هينان وار ۽ بغلن جا وارصاف ڪرڻ مستحب ۽ غسل ڪرڻ سنت آهي. مردن جي لاءِ ممڪن ٿي سگهي ته جسم تي خوشبو لڳائين. غسل مردن ۽ عورتن ايستائين جو حيض ۽ نفاس وارين عورتن جي لاءِ به سنت آهي. هي سمورا ڪم ايئرپورٽ اچڻ کان پهريان ئي پورا ڪري ڇڏيندا.

مرد ايئرپورٽ پهچي ڪري ضروري معاملن مان واندا ٿي ڪري جڏهن انتظار ڪرڻ واري جڳهه تي پهچن ته احرام جي هڪ چادر گوڏ طور ٻڌن ۽ ٻي چادر ڪلهن تي رکن. هيٺ واري گوڏ ڪي ڏُن کان مٿي رکندا ته جيئن عبادت دوران اگهڙ نه ٿئي.

عورتون پنهنجي عام ڪپڙن ۾ رهن، اهو ئي انهن جو احرام آهي. پر انهن جو لباس مڪمل ڍڪيل هئڻ گهرجي يعني ايترو سنهو نه هجي جو جسم نظر اچي، نه ايترو سوڙهو هجي جو جسم جي جوڙ جڪ ظاهر ٿئي ۽ نه ئي ان جو رنگ ايترو شوخ هجي جو ڪنهن جي نظرن جي توجهه ٿئي. انهيءَ لاءِ پاڪستاني جهنڊي جي اسٽيڪر واري عبايا ضروري آهي. مختصر اهو ته عورتن جا هٿ ۽ منهن کان علاوه سمورو جسم ڍڪيل هئڻ گهرجي. اهو ئي انهن جو احرام آهي. واضع رهي ته عورتن جا وار به نظر نه اچڻ گهرجن ڇاڪاڻ ته هي به ان جي اگهڙ ۾ شامل آهن.

جيڪڏهن مڪروهه وقت نه هجي ته نفل واسطي احرام ادا ڪندا. عورتون پيشانيءَ جي وارن جي شهه رڳ تائين ٻنهي ڪنن جي وچ ۾ منهن نه لڪائين. پر ڪجهه علماء ڪرامن اهو تجويز ڪيو آهي ته نامحرم مردن کان پڙدو ڪرڻ جي ڪري اهڙي ڪيپ (ٽوپي) استعمال ڪجي جنهن تي منهن جي سامهون ڇاري لڳل هجي ۽ اها

منهن جي فاصلي تي هجي يا ڪوئي ڪپڙو وغيره هٿ ۾ رکندا جنهن سان ضرورت جي وقت منهن لڪائي سگهجي. قبلي رُخ تي ڪري عمري جي نيت ڪندا.

اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ اُرِيۡدُ الۡعُمۡرَةَ فَيَسِّرۡهَا لِيۡ وَتَقَبَّلۡهَا مِنِّيۡ

يا الله! مان تنهنجي رضا جي لاءِ عمري جي نيت ڪئي، تون ان کي منهنجي لاءِ آسان فرماءِ ۽ منهنجي طرفان قبول فرماءِ.

يا

لَبَّيۡكَ بِعُمۡرَةٍ

يا الله مان حاضر آهيان عمري جي لاءِ

مرد عمري جي نيت سان ٽي دفعہ وڏي آواز ۾ ۽ عورتون هلڪي آواز ۾ تلبيو چون.

لَبَّيۡكَ ط اَللّٰهُمَّ لَبَّيۡكَ ط لَبَّيۡكَ لَا شَرِيۡكَ لَكَ لَبَّيۡكَ ط

اِنَّ الۡحَمۡدَ وَالنِّعۡمَةَ ط لَكَ وَالۡمُلۡكَ ط لَا شَرِيۡكَ لَكَ ط

تلبيي چوڻ سان ئي احرام جون پابنديون شروع ٿي وينديون آهن. تلبيي چوڻ کان پوءِ عمري جي آساني، قبوليت ۽ اخلاص جون دعائون گهرندا. پاڪستاني حج جا پانڌيئڙا اڪثر ڪري حج تمتع ڪندا آهن (جنهن جي تفصيل اڳتي ايندي) تنهنڪري هي احرام حج تمتع ۾ شامل عمري جو احرام هوندو.

**ضروري وضاحت:**

گذريل سالن وانگر هن سال بہ سرڪاري اسڪيم جي تحت سفر ڪرڻ وارا ڪجھ حاجي سڳورا پاڪستان کان سڌوسنئون مدينہ منوره ويندا جنهن جو اطلاع انهن کي بروقت ڏنو ويندو. انهن مردن ۽ عورتن کي بہ ايئرپورٽ جي انهن مرحلن مان گذرڻو پوندو پر اُهي احرام نہ ٻڌندا. اهي

مدينہ منوره ۾ پنهنجو وقت پورو ڪرڻ کان پوءِ مڪہ مڪرمہ روانگيءَ جي وقت ذوالحليفہ کان عمري جي ادائيگي جي لاءِ احرام ٻڌندا.

**سفردوران ڪجهہ احتياطون:**

جهاز تي وڃڻ جو اعلان ٿئي تہ بورڊنگ ڪارڊ ۽ هٿ وارو سامان کڻي قطار ناهي تحمل سان جهاز ۾ سوار ٿيندا. شناختي لاڪيٽ ڳچيءَ ۾ پائي رکندا. جهاز ۾ پنهنجي سيٽ جي مٿئين خاني ۾ پنهنجو هٿ ۾ رکڻ وارو سامان رکي ڪري ڍڪڻ مضبوطيءَ سان بند ڪندا. جڏهن تہ ڪاغذ پٽ ۽ ڪرنسي وارو بيگ پاڻ سان گڏ رکندا. پنهنجي مخصوص ٿيل سيٽ تي ويهندا. سيٽ بيلٽ ٻڌندا ۽ جهاز ۾ ٿيڻ وارن اعلانن کي غور سان ٻڌندا ۽ انهن جي مطابق عمل ڪندا. ٽيڪ آف ۽ ليندنگ جي وقت جهاز جي اندر هلڻ گهمڻ کان پاسو ڪندا. سفر جي دوران جهاز ۾ پاڻيءَ جو استعمال احتياط سان ڪندا ۽ جهاز جي فرش تي پاڻي نہ هاريندا. جهاز جو ٽوائليٽ تمام ننڍو هوندو آهي. ٽوائليٽ احتياط سان استعمال ڪندا ڇاڪاڻ تہ احرام جي ناپاڪ ٿيڻ جو خدشو هوندو آهي. اُڏام جي دوران ذڪرڪرڻ ۾ مصروف رهندا ۽ تلبيو پڙهندا رهندا. جهاز مان لهڻ وقت بہ هوائي عملي جي هدايتن تي عمل ڪندا ۽ جلدبازيءَ کان پاسو ڪندا.

## باب ٻيو:

## سعودي عرب جي سرزمين تي ترسڻ ۽ سفر جا مرحلا

سعودي عرب پکيڙ جي لحاظ کان اولهه ايشياء جي سڀ کان وڏي عرب رياست آهي هن جي پکيڙ تقريبن 2،150،000 ڪلوميٽر هم چورس آهي ۽ ان جي آبادي تقريبن 28.75 ملين آهي. هن جي اُتر ۾ اردن ۽ عراق، اُتر اوڀر ۾ ڪويت، اوڀر ۾ قطر، بحرين ۽ عرب امارات، ڏکڻ اوڀر ۾ عمان ڏکڻ ۾ يمن واقع آهي. هي واحد ملڪ آهي جيڪو بحيره احمر (ننڍو ڳاڙهو سمنڊ) ۽ خليج فارس (ايران اُپسمنڊ) جي ٻن ڪنارن تي واقع آهي. سعودي بادشاهت 1932 ۾ قائم ٿي. اسلام جي ٻن مقدس جڳهن يعني مسجدالحرام مڪه معظمه ۽ مسجد نبوي ﷺ مدينه منوره ۾ واقع آهن. سعودي عرب دنيا جو تيل پيدا ڪرڻ وارو ٻيو وڏو ملڪ آهي ۽ تيل جي سڀ کان وڏيڪ ايڪسپوٽ هتان کان ٿيندي آهي. شاهه سلمان بن عبدالعزيز آل سعود ان جو بادشاهه آهي. پاڪستان سان شروع کان ئي ان جا تعلق برادرانه رهيا آهن ۽ ڪيترن ئي مشڪل موقعن تي سعودي عرب پاڪستان جي ڀرپور مدد ڪئي آهي.

"جده" اولهه سعودي عرب ۾ بحيره احمر جي ڪناري تي واقع هڪ شهر ۽ بندر گاهه آهي جيڪو رياض کان پوءِ سعودي عرب جو ٻيو وڏو شهر آهي. جده حج بيت الله ڪرڻ وارن پانڌيئڙن ڪي مڪه مڪرمه روانگيءَ جي لاءِ اندروني رستي سان ملائيندو آهي ۽ گهڻو ڪري حج جي پانڌيئڙن جا هوائي جهاز ان جي ئي انٽرنيشل هوائي اڏي تي لهندا آهن.

## جده ايئرپورٽ:

جده ايئرپورٽ تي غير معمولي دير جو منهن ڏسڻو پئجي سگهي ٿو. اميگريشن ۽ ٻين مرحلن کان گذري ڪري حاجين سڀني جو سامان مڪ مڪرمہ وڃڻ وارين بسن ۾ رکيو ويندو آهي. هتي هيٺ ذڪر ڪيل معاملا انجام ڏنا ويندا آهن:

- جده ايئرپورٽ تي جهاز مان لهڻ کان پوءِ توهان کي پوليو جا قطرا پيئاريا ويندا ۽ ڪڏهن ڪڏهن پاڪستان ۾ ٿيل ويڪسين جا ڪارڊ بہ چيڪ ڪيا ويندا آهن.
- ايئر لائين جو اسٽاف توهان کي اميگريشن ڪائونٽر تي وٺي ويندو جتي پاسپورٽ تي دخول (Entry) جي مهر لڳائي ويندي ۽ پاسپورٽ توهان کي واپس ڪيو ويندو. ان سان گڏ ئي سعودي حج رڪارڊ ۾ توهان جي داخلا ڪئي ويندي.
- ان کان پوءِ توهان پنهنجو سامان وصول ڪندا ۽ ڪسٽم ڪليئرينس ۽ سيڪيورٽي اسڪينرز جي مرحلن مان گذرندي ايئرپورٽ جي عمارت کان ٻاهر اچي ڪري وڏين وڏين ڇٽين سان ڍڪيل ميدان ۾ ايندا جتي مختلف ملڪن جي حاجين جون انتظار ڪرڻ جون جايون آهن.
- پاڪستان جي مخصوص ٿيل انتظار گاه ۾ مقرر ٿيل عملو سمورن حاجي سڀني کي ريفريشمينٽ پيش ڪندو.
- جده ايئرپورٽ جي بلڊنگ کان ٻاهر اچي ڪري پنهنجو سامان پورٽرن جي حوالي ڪندا جيڪي ان کي هڪ وڏي ٽراليءَ ۾ رکي ڪري پاڪستاني حاجين جي انتظار گاهہ ڏانهن کڻي ويندا. احتياط طور ان ٽراليءَ جو نمبر پاڻ وٽ نوٽ ڪندا.

- رستي جي نشاندهي لاءِ پاڪستاني جهنڊا جڳهه جڳهه تي لڳل هوندا آهن. آڏر پاءُ ڪرڻ جي لاءِ پاڪستاني ڊيوٽي اسٽاف موجود هوندو.
- جڏهن توهان جي اُڏام جي مسافرن کي جده وٺي وڃڻ وارين بسن جو انتظام ٿي ويندو تہ توهان کي بس اسٽاپ ڏانهن وٺي وڃڻ جو اعلان ڪيو ويندو. توهان پنهنجو سامان پنهنجي گروپ جي لاءِ مخصوص ٿيل بس جي ويجهو رکي ڇڏيندا ۽ پورٽر ان کي بس تي لوڊ ڪندا. هتي توهان پنهنجو پاسپورٽ موئسسہ جي نمائندي جي حوالي ڪري ڇڏيندا ۽ پاسپورٽ حوالي ڪرڻ وقت پنهنجي جهاز جي ٽڪيٽ ڪڍي ڪري پاڻ وٽ محفوظ ڪندا ۽ هڪ سني شهريءَ وانگر قطار ۾ بيهي رهندا.
- خيال رکندا تہ توهان جو سامان جنهن بس تي رکيو ويو آهي توهان ان ئي بس ۾ سوار ٿي رهيا آهيو.
- تقريبن هڪ ڪلاڪ سفر ڪرڻ کان پوءِ بس زم زم دفتر جي سامهون بيهندي هتي توهان کي زم زم ۽ ڪجهہ کائڻ جي شين جا تحفہ ڏنا ويندا ۽ ڪجهہ ضروري ڪاغذي ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي. هتان کان ڪجهہ فاصلي کانپوءِ حرم جي حد شروع ٿي ويندي آهي.
- بسيون توهان کي مڪ مڪرمہ ۾ توهان جي مخصوص ٿيل رهائش گاهہ تي وٺي وينديون جتي توهان جي مڪتب جو عملو موجود هوندو. اُهي توهان کي مڪتب جا ڪارڊ ۽ پيلي رنگ جو شناختي ڪنگڻ ڏيندا. شناختي ڪنگڻ توهان جي پاسپورٽ جو عيوض آهي ۽ سعودي عرب ۾ ترسڻ دوران هي هر وقت توهان جي ٻانهن ۾ موجود رهڻ گهرجي.

- حج جي سيزن ۾ ڪوبہ سعودي عملدار حج جي پانڌيئڙن جا ڪاغذ چيڪ ناهي ڪندو. جيڪڏهن ڪوئي اهڙو مطالبو ڪري تہ هوشيار رهندا ۽ سواءِ ڳچيءَ واري ڪارڊ جي ڪوئي ٻيو ڪاغذ نہ ڪڍندا.
- پاڪستان ڪان سڌو سنئون مدينہ منوره وڃڻ وارن حج جي پانڌيئڙا ڪان ايئرپورٽ تي مڪتب الوڪلا وارا پاسپورٽ وٺي ڇڏيندا ۽ ان جي جڳهہ تي هڪ ڪارڊ ڏيندا. ان ڪي سنڀالي رکندا ڇاڪاڻ تہ ان تي توهان جي رهائش ۽ ٻي معلومات لکيل هوندي آهي.

## سيڪٽر۽ بلڊنگ نمبر:

سرڪاري حج اسڪيم تحت حج تي وڃڻ وارن ماڻهن جي لاءِ حاصل ڪيل بلڊنگز کي ان جي ماڳ جي اعتبار سان مختلف سيڪٽرز (Sectors) ۾ ورهايو ويندو آهي. هر سيڪٽر ۾ ڪيترين ئي بلڊنگز هونديون آهن ۽ انهن مان هر هڪ کي مخصوص بلڊنگ نمبر الاٽ ڪيو ويندو آهي ۽ ان مبارڪ سفر جي شروعات کان پهريان هر حاجيءَ کي ان جي بلڊنگ جو نمبر ٻڌايو ويندو آهي. هر بلڊنگ جي مٿان پاڪستاني جهنڊي واري بورڊ تي بلڊنگ نمبر ۽ مڪتب نمبر درج ٿيل هوندو آهي. بلڊنگ ۾ پهچڻ سان ئي انهن کي پهريان کان الاٽ ٿيل ڪمرن جون چابيون ڏنيون وينديون آهن. گذارش آهي تہ ان سلسلي ۾ ڪمري جي تبديلي جو مطالبو نہ ڪيو وڃي. عام طور تي هڪ ڪمري ۾ ڇهہ ماڻهن جي رهڻ جي گنجائش هوندي آهي. حج جي پانڌيئڙن کي گهرجي تہ ان موقع تي هڪ ٻئي سان تعاون ڪن تہ جيئن عورتن ۽ مردن کي الڳ الڳ ڪمرن ۾ ايڊجسٽ ڪري سگهجي. ان موقعي تي سمورا حج جا پانڌيئڙا جلد

کان جلد ڪمرن ۾ وڃڻ جا خواهش مند هوندا آهن سيني جو سامان بلڊنگ جي ڪيترن ئي طبقن تي ڪمرن ۾ پهچائڻو هوندو آهي انهيءَ ڪري لفٽن تي تمام گهڻي رش ٿي ويندي آهي. حج جا پانڌيئڙا ان موقعي تي صبر جو مظاهرو ڪن ۽ حج جي پانڌيئڙن جو خيال رکندي پهريان انهن کي ڪمرن ۾ وڃڻ ڏين.

## رهائش جي الاٽمينٽ

مڪ معظمہ ۾ رهڻ جون جڳهون پهريان کان حاصل ڪيون ويندیون آهن ۽ ڪمپيوٽر جي ذريعي الاٽ ڪيون وينديون آهن. ڪمرن جي الاٽمينٽ جي سلسلي ۾ گروپ ليڊر،معاونين الحجاج ۽ سرڪاري اهلڪارن جي مشوري تي عمل ڪندا، خاص ڪري وڏي عمر وارن مردن ۽ عورتن حج جي پانڌيئڙن جي ضرورتن کي اوليت ڏيندا. پنهنجي پسند ۽ ناپسند جي بجاءِ ٻين جي خواهشن جو احترام ڪري وڏيڪ ثواب حاصل ڪندا. رهائش جي سلسلي ۾ هيٺ ذڪر ڪيل هدايتن تي عمل ڪندا:

- پنهنجن ڪمرن ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن مهمان کي نہ رهائيندا. هي سعودي حج جي قانونن ۽ حاجين جي سلامتي جي خلاف آهي. شڪايت جي صورت ۾ توهان کي پنهنجي مهمان جو پورو ڪرايو جرماني جي صورت ۾ ادا ڪرڻو پئجي سگهي ٿو. مهمان جو اقامو پڻ ضبط ڪري سگهجي ٿو ۽ ان کي پوليس جي حوالي ڪري سگهجي ٿو.
- غسل خانن جي گهٽتائيءَ جي شڪايت عام هوندي آهي. چاڪاڻ تہ 4 کان 8 ماڻهن جي لاءِ صرف هڪ غسل خانو هوندو آهي. ان کي استعمال ڪرڻ لاءِ وقت ورهائي رکندا، پاڻي ضايع نہ ڪندا.

- عورتون ڪپڙن ڌوئڻ جي لاءِ غسل خاني کي اندران بند ڪري ٻين کي تڪليف نہ پهچائين.
- بيت الخلا ۾ پٿر، پتر، سر، ڪپڙي جا ٽڪرا، استعمال ٿيل چانهہ جي پتي، ٻوڙ ۽ فروٽ جون کلون هرگز نہ اڇليندا. ڊسٽ بن استعمال ڪندا. بيت الخلا ۾ صرف ٽائليٽ پيپر يا پاڻي استعمال ڪندا.
- حرم شريف ۾ رش گهڻي هوندي آهي. طواف جي دوران کيسا ڪٽجڻ جا واقعا بہ ٿي ويندا آهن انهي لاءِ واپسيءَ جي ٽڪيٽ ۽ نقد رقم پاڻ وٽ احتياط سان رکندا. گم ٿي وڃڻ جي صورت ۾ پاڪستان حج آفيس ۾ هڪ دم اطلاع ڏيندا.
- مڪ مڪرمہ کان مدينہ منوره لاءِ توهان جي روانگي پهريان کان طئي ٿيل پروگرام جي مطابق ئي ٿيندي. مقرر تاريخ کان پهريان وڃڻ ممڪن ناهي هوندو. نہ تہ مدينہ منوره ۾ توهان جون چاليهہ نمازون بہ پوريون نہ ٿينديون ۽ خلاف ورزيءَ ڪرڻ جي صورت ۾ توهان کي پريشانيءَ جو منهن بہ ڏسڻو پئجي سگهي ٿو. مدينہ منوره ۾ سرڪاري رهائش بہ پڻ نہ ملي سگهندي.

## کائڻ پيئڻ متعلق هدايتون

- حاجي سڳورن کي بلڊنگ ۾ ئي کاڌو ڏنو ويندو. حاجي سڳورا نظم ۽ ضبط جي پابندي ڪن ۽ لبن يعني لسي، ڏهي، جوس ۽ فروٽ پنهنجي حصي کان وڌيڪ وٺڻ کان پاسو ڪن ڇاڪاڻ تہ پنهنجي حصي کان وڌيڪ وٺڻ جي ڪري حاجين جي وچ ۾ جهيڙي جهڳڙي جو انديشو رهندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن وڌيڪ کاڌو کائڻ بيماريءَ ۽ ٻين تڪليفن جو

سبب بڻجندو آهي. ان کان علاوه شين کي فرج ۾ رکڻ جو ڪوئي فائدو ناهي ڇاڪاڻ ته ان جو مقرر وقت گهٽ هوندو آهي.

- مدينه منوره ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪيترائي حاجي هڪ وڏي هوٽل ۾ ٻين ملڪن جي حاجين سان گڏ ترسايا وڃي سگهن ٿا. اهڙي صورت ۾ پاڪستاني حج پانڌيئڙن کي صرف ان جي مقرر ڪيل ڪيٽرنگ ڪمپنين کان کاڌو وٺڻ گهرجي ۽ ٻين ملڪن جي حاجي سڳورن جي ميزن تان ڪائڻ جون شيون نه کڻڻ گهرجن. اهڙو عمل نهايت شرمندگيءَ جو سبب بڻجندو آهي.
- قطار ۾ کاڌو وٺڻ وقت عورتن، ڪراڙن ۽ معذور ماڻهن کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. بچيل کاڌو ٽوڪريءَ ۾ وجهندا ته جيئن ڊائينگ وارو حصو صاف رهي. جيتوڻيڪ کاڌو پاڪستاني بورچين کان تيار ڪرايو ويندو آهي پر هر ماڻهوءَ لاءِ شخصي طور تي فرمائش پوري ڪرڻ ممڪن نه آهي انهيءَ ڪري ان معاملي ۾ پاڪستان حج مشن سان تعاون ڪرڻ جي درخواست ڪجي ٿي.
- تمام گهڻو ٿڌو شربت يا پاڻي پيئڻ کان پاسو ڪندا ايستائين جو زم زم به حرم ۾ رکيل اهڙن ڪولرن مان استعمال ڪندا جنهن تي"غير مبرد" لکيل هوندو آهي.
- فروٽ، ڏهي، سبزين ۽ جوسن جو استعمال گهڻو ڪندا. پيئڻ جي لاءِ هوٽل جي پلي ڪري آيا ڪائونٽر تي زم زم موجود هوندي آهي. جيڪڏهن زم زم نه ملي سگهي ته ڪچن يا واش روم مان نلڪن وارو پاڻي ڪڏهن به استعمال نه ڪندا بلڪي پاڻيءَ جون بوتلون خريد ڪري استعمال ڪندا.

**بلڊنگ کان حرم تائين ٽرانسپورٽ جو نظام:**

حڪومت پاڪستان مسجد حرام کان واقع پري بلڊنگز ۾ رهائش رکندڙ حج جي پانڌيئڙن جي سهولت جي لاءِ حرم تائين ٽرانسپورٽ جو بندوبست ڪندي آهي ان مقصد جي لاءِ سمورن بلڊنگز جي مناسب گروپ بندي ڪئي ويندي آهي ۽ هر گروپ جي ويجهو هڪ بس اسٽاپ ٺاهيو ويندو آهي جتان کان هر نماز جي وقتن مطابق بسيون موجود رهنديون آهن ۽ ٿوري ٿوري وقفي سان حج جي پانڌيئڙن کي ڪٺي ڪري حرم ڏانهن روانيون ٿي ويندي يون آهن. هر بس جي اڳيان ان جو مخصوص سيڪٽر نمبر ۽ بلڊنگ نمبر لکيل هوندو آهي ته جيئن حج جي پانڌيئڙن کي پنهنجي بسن جي سڃاڻپ ۾ آساني ٿئي. هي بسون حرم کان ويجهو هڪ ٻه ڪلوميٽرن جي فاصلي تي ٺاهيل هڪ ٻئي بس اسٽاپ تائين ڪٺي ويندي يون آهن. ان بس اسٽاپ کان مسجد حرام تائين سعودي حڪومت جي ٽرانسپورٽ سروس (SAPTCO) موجود هوندي آهي. حج جي ڏينهن کان ڪجهه ڏينهن پهريان ۽ پوءِ انهن بسن تي حج جي پانڌيئڙن جي رش تمام گهڻي وڌي ويندي آهي. انهن ڏينهن ۾ بسن تي سوار ٿيڻ وقت نهايت صبر کان ڪم وٺندا ۽ ڌِڪ ڌِڪان ۽ ڌِڪ پيهه پيهان کان پاسو ڪندا. عورتن، ڪراڙن ۽ معذور حج جي پانڌيئڙن کي بس ۾ ويهڻ جي لاءِ ترجيح ڏيندا. عام طور تي ڏٺو ويو آهي ته بس اسٽاپ تي نماز کان هڪ يا ٻه ڪلاڪ پوءِ رش گهٽ ٿي ويندي آهي. انهن مشڪلاتن کان بچڻ لاءِ حرم وڃڻ ۽ واپس اچڻ لاءِ نمازن جي وقت جي ترتيب پڻ رکندا ته جيئن انتظار ۽ رش جي اذيت کان بچي سگهجي. بسن مان لهڻ وقت به صبر ۽ ضبط جو دامن نه ڇڏيندا. حج جي پانڌيئڙن کي گهرجي ته واري واري سان پنهنجي سيٽن تان اٿندا ۽ هڪ خاص

ترتيب سان هيٺ لهندي منظم قوم جي فرد هئڻ جو ثبوت ڏيندا. بسن جي انتظار جي وقت ۽ سفر دوران الله تبارڪ و تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول رهندا. ان انتظار ۾ جيڪڏهن ڪائي تڪليف پهچي ته ان کي الله تعاليٰ جي طرفان آزمائش سمجهندا ۽ ڪاوڙ نه ڪندا. الله تعاليٰ يقينن توهان کي ان صبر جو بهترين اجر عطا فرمائيندو.

**بسن جي بندش (روڪ/ جهل):**

حج جي ڏينهن کان ڪجهه ڏينهن پهريان ۽ حج کان پوءِ ٽن ڏينهن تائين حرم جي اردگرد ٽريفڪ جي تمام گهڻي رش جي ڪري حرم جي لاءِ مليل بسون بند ڪيون وينديون آهن. انهن ڏينهن ۾ حاجين سڀني جي رهائشي جڳهن کان حرم وڃڻ لاءِ ٽيڪسي وارا به پنهنجو اگهه ڪجهه وڌيڪ وڌائي ڇڏيندا آهن. انهي ڪري بهتر ائين آهي ته انهن ڏينهن ۾ حج جا پانڌيئڙا خاص ڪري ڪراڙا مرد ۽ عورتون حرم وڃڻ کان پاسو ڪن ۽ پنهنجون نمازون پنهنجي بلڊنگ جي ويجهي مسجد ۾ ادا ڪن. اهڙي طرح توهان نه صرف ذهني مونجهاري کان بچي سگهندا بلڪي اچڻ وارن حج جي ڏينهن جي لاءِ پنهنجو توانايون به محفوظ ڪري سگهندا.

**بلڊنگ ۾ لفٽ جو استعمال:**

حج جي پانڌيئڙن جي لاءِ مڪه مڪرمه ۽ مدينه منوره ۾ ڪرائي (rent) تي ورتل بلڊنگز ڪيترين طبقن تي مشتمل هونديون آهن ۽ هر طبقي تي وڃڻ لاءِ لفٽ جو انتظام موجود هوندو آهي. پر نماز جي وقتن ۾ لفٽ تي رش وڌي ويندي آهي انهيءَ ڪري پريشانيءَ کان بچڻ لاءِ حج جي پانڌيئڙن کي گهرجي ته هو وقت کان پهريان ئي تيار ٿي ڪري پنهنجن ڪمرن مان نڪرن ۽ لفٽ تي نماز

جي وقت رش کان بچن. لفٽ ۾ سوار ٿيڻ وقت پهريان لفٽ مان لهڻ وارن حاجين کي ٻاهر اچڻ جو موقعو ڏيندا ۽ پوءِ لفٽ ۾ سوار ٿيندا. جنهن به منزل تي وڃڻ مقصود هجي ته لفٽ ۾ سوار ٿيڻ کانپوءِ گهربل منزل جو بٽڻ دٻائيندا، لفٽ جي اُن منزل تي بيهڻ کان پوءِ دروازو کُلڻ جو انتظار ڪندا ۽ آرام سان لهي ايندا. پنهنجن ڪمرن مان هيٺ اچڻ جي لاءِ رش جي وقتن ۾ جيڪڏهن ڏاڪڻ استعمال ڪرڻ جي طاقت رکو ٿا ته ضرور ڪندا.

### گم ٿي وڃڻ جي صورت ۾ عام هدايتون:

- رهائش حاصل ڪرڻ کان پوءِ بلڊنگ جو نمبر، محلو، وڏو رستو ۽ مڪمل ڏس پتو پاڻ وٽ رکندا ته جيئن گم ٿيڻ جي صورت ۾ توهان ان پتي تي پهچي سگهو.
- جيڪڏهن ساٿين کان وڇڙي وڃو يا ڪنهن به قسم جي معلومات ۽ رهنمائي جي لاءِ دفتر واسطي امور حجاج پاڪستان يا ان جي هيٺ ڪم ڪندڙ آفيسن جنهن تي پاڪستاني جهنڊو نظر اچي انهن سان ملندا. اتي موجود معاونين الحجاج توهان جي مدد ڪندا.
- ڪوشش ڪندا ته توهان سعودي عرب پهچندي ئي پنهنجي موبائيل ۾ سعودي سم وجهندا ۽ گڏو گڏ پنهنجن ساٿين جا سعودي نمبر حاصل ڪندا، ته جيئن گم ٿيڻ جي صورت ۾ هڪ ٻئي کان رهنمائي به حاصل ڪري سگهو.

### سعودي عرب ۾ رهنمائيءَ ۽ شڪايت ڪرڻ جو طريقو:

حڪومت پاڪستان سعودي عرب ۾ حج جي پانڌيئڙن جي رهنمائي، مدد ۽ سار سنڀال لهڻ جي لاءِ جده، مڪ مڪرمه ۽ مدينه

منوره ۾ آفيسون کولي رکيون آهن جنهن ۾ توهان جي سهولت جي لاءِ سيئي شعبا قائم ڪيا ويا آهن. انهن ۾ اسپتال، ايئر لائين، شعبو گمشدگي ۽ ملي وڃڻ، شڪايت جا شعبا ڪمپيوٽر ۽ معاونين الحجاج جا دفتر هوندا آهن. هتي هر قسم جي معلومات مثال طور گم شدگي (وڃائجي وڃڻ) مدينه روانگي دفتر، شڪايت، بازيابي (ٻيهر حاصل ڪرڻ) بيماري ۽ موت وغيره جا ڪائونٽر به موجود هوندا آهن. جتي عام طور تي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ مدد حاصل ڪري سگهجي ٿي.

جيڪڏهن بلڊنگ ۾ موجود معاون حجاج توهان جي شڪايت جو ازالو نه ڪري سگهي ته پنهنجي ويجهي دفتر واسطي امور حجاج جي سيڪٽر يا سب سيڪٽر جي آفيس سان رابطو ڪندا. ان سان گڏ ئي مفت هيلپ لائين 08001166622 تي پنهنجي شڪايت درج ڪرائيندا. ان جي باوجود به جيڪڏهن مسئلو حل نه ٿئي ته مين ڪنٽرول آفيس (MCO) ۾ موجود عملي سان يا ڊائريڪٽر (حج) يا ڊائريڪٽر جنرل (حج) سان ملاقات ڪندا. ڪنهن به صورت ۾ احتجاج جو رستو نه وٺندا ۽ نه ئي معصوم حاجين کي احتجاج تي ڀڙڪائيندا. ان سان معاملا وڌيڪ خراب ٿي سگهن ٿا ۽ سعودي پوليس ضروري ڪاروائي ڪري سگهي ٿي.

سعودي وزارت حج به حج جي پاڻڌيئڙن جي فلاح ۽ بهبود جي لاءِ مختلف ادارا ۽ دفتر قائم ڪري رکيا آهن. انهن ۾ مڪه مڪرمه معلمن جي ڪارپوريشن (مؤئسسه جنوب آسيا) ۽ مدينه منوره ۾ ادلہ ڪارپوريشن (مؤسسه ادّله اهليه ) شامل آهن. انهن جو هيلپ لائين نمبر ڪارڊ جي پوئين پاسي لکيل هوندو آهي.

**پهريان عمري جي ادائگي:**

پنهنجي رهائش گاهه تي سامان رکندا، ٿورو آرام ڪرڻ ۽ ڪاڌي پيتي کائڻ کان واندو ٿيڻ کان پوءِ هڪ جهاز مان اچڻ وارا سيئي ماڻهو گروپ جي صورت ۾ گڏ تي ڪري نظم ۽ ضبط سان عمري جي لاءِ حرم شريف ڏانهن ويندا ته جيئن عمري جا مناسڪ صحيح طور تي ادا ٿي سگهن. جيستائين عمرو مڪمل نه ڪندا احرام نه ڪوليندا. حرم ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان ٻاهر هڪ ئي جڳهه تي مقرر ٿيڻ ڪي يقيني بڻائيندا ته جيئن حرم کان ٻاهر گڏ ٿي سگهو. ڇاڪاڻ ته عمري جي ادائيگيءَ جي دوران هڪ ٻئي کان وڇڙي وڃڻ جا امڪان موجود هوندا آهن.

**حرم ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان:**

جڏهن به حرم شريف ويندا ته چڱي طرح ذهن نشين ڪندا ته توهان ڪهڙي رستي کان ۽ ڪهڙي دروازيءَ مان حرم ۾ داخل ٿيا آهيو. جنهن به دروازي مان توهان حرم ۾ داخل ٿيو ته ان جو نمبر نوٽ ڪري ڇڏيندا. انهن دروازن جي ٻاهران موجود اهم نشانيون ۽ وڏيون وڏيون بلڊنگز ذهن نشين ڪري ڇڏيندا ته جيئن توهان حرم کان ٻاهر اچو ته انهن نشانين جي مدد سان پنهنجي بلڊنگ يا پنهنجي بس اسٽاپ ڏانهن نيڪ نشاندهي ڪري سگهو. حرم وڃڻ وقت هڪ ڪپڙي جو ننڍو ٿيلهو جنهن ۾ ڏوري جي مدد سان ڳچيءَ تي لڙڪائي سگهجي پاڻ سان گڏ رکندا ۽ ضرورت جون شيون مثال طور پاڻيءَ جي ننڍي بوتل، اُس واري عينڪ، سفري نماز جو مصلو، چمڙي جا جوراب، طواف جي لاءِ ست داڻن جي تسبيح، حج ۽ عمري جو ڪتاب ۽ عام ضروري دوائون (مٿي جو سور، ڪنگهه، نزلو، زڪام) وغيره ان ۾ رکندا. حرم ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان ئي پنهنجي چپل پلاسٽڪ

بيگ (جيڪا اڪثر ڪري اُتي وڏن دروازن تي ميسر هوندي آهي) ۾ رکي ڪري پنهنجي پُنيءَ جي پويان لڙڪائڻ واري ٿيلهي ۾ محفوظ ڪري پاڻ سان گڏ رکندا تہ جيئن واپسيءَ تي چپل هيڏي هوڏي ٿيڻ جي مونجهاري کان بچي سگهو. گم ٿيڻ جي صورت ۾ جاٽي واٽي ٻين جو چپلون نہ پائيندا.

## طهارت جي لاءِ بيت الخلا:

طهارت جي لاءِ بيت الخلا ( ان کي عربيءَ ۾ دورة المياه چوندا آهن) باب الملڪ عبدالعزيز ۽ الملڪ فهد جي طرف مسجد کان ٻورو پري ناهيا ويا آهن جيڪي ٻہ منزلہ آهن. اهڙي طرح مروه کان ٻاهر ۽ اجياد روڊ جي طرف بہ ڪيترائي بيت الخلا موجود آهن. عام طور ڏنو ويو آهي تہ حج جا پانديئڙا داخل ٿيڻ سان ئي بيت الخلا جي سامهون رش ڪري ڇڏيندا آهن جڏهن تہ ان کان پوءِ وارا يا هيٺين منزل وارا بيت الخلا خالي موجود هوندا آهن.

## حرڪت ڪندڙ ڏاڪڻيون:

مسجد حرام ۾ ڪيترن ئي جڳهن تي پهرين ۽ ٻي منزل تي وڃڻ لاءِ بجلي تي هلڻ واريون آٽوميٽڪ ڏاڪڻيون لڳايون ويون آهن. اهڙي طرح ڪجهہ وضو خانن ۾ وڃڻ لاءِ بہ اهڙين ئي ڏاڪڻن جو بندوبست ڪيو ويو آهي. وڏي عمر جا مرد ۽ عورتون انهن ڏاڪڻن کي استعمال ڪرڻ وقت پنهنجا پير نهايت ئي آرام سان ٻن ڏاڪن جي جوڙ (ڳنڍ) واري جڳهہ کان بچائيندي رکن تہ جيئن توهان پنهنجو توازن برقرار رکي سگهو. مٿين منزل تي وڃڻ لاءِ هيٺان کان مٿي حرڪت ڪندڙ ڏاڪڻن تان ويندا. جيڪڏهن ان مقصد لاءِ ابتي پاسي کان اچڻ وارين ڏاڪڻين تي وڃڻ جي ڪوشش ڪندا تہ حادثي جو

سبب ٿي سگهي ٿو. حرڪت ڪندڙ ڏاڪڻين تي چڙهڻ وقت پاڻ ڪان اڳين حاجين سان گڏ ملي ڪري نہ بيهندا نہ تہ لهڻ وقت ڌڪ ڏِڪان جو انديشو ٿي سگهي ٿو.

## ڪعبي شريف جو تعارف:

### حجراسود:

هي مبارڪ پٿر ڪعبہ شريف جي اوڀر واري ڪنڊ تي نصب ٿيل آهي جنهن جي بلندي مطاف کان تقريبن هڪ ميٽر آهي ان پٿر جي حفاظت جي لاءِ خالص چانديءَ جي گول دائري ۾ گهريل آهي. طواف جي شروعات ۾ پڄاڻي ان مبارڪ پٿر جي سامهون ڪان ٿيندي آهي. آنحضرت صلي الله عليہ وسلم ۽ توهان جا پيشرو (اڳيان اڳيان هلڻ وارا) انبياء ڪرام عليهم السلام هن مبارڪ پٿر کي چميو آهي. انهيءَ لاءِ طواف ڪرڻ وارن جي لاءِ مسنون آهي تہ جيڪڏهن آسانيءَ سان ممڪن ٿي سگهي تہ اهي ان کي چمن نہ تہ رش جي وقت ان جو استلام ڪن يعنيٰ هٿ سان ان جي طرف اشارو ڪن. گهڻي رش جي وقت حج جا پاڌيئڙا ڌڪ ڏيڪان ۽ پيهہ پيهان ڪري هڪ ٻئي کي نہ ايذائن.

### رڪن يماني:

هي ڪعبي شريف جي ڏاکڻي ڪنڊ جو حصو آهي. جيڪڏهن رش جي ڪري پاڻ کي يا ٻين کي ايذاءُ ڏيڻ جو انديشو نہ هجي تہ رڪن يمانيءَ کي ٻنهي هٿن سان يا ساڄي هٿ سان برڪت طور ڇهندا. صرف ڪابي هٿ سان نہ ڇهندا ۽ نہ ئي پري ڪان ان جي طرف اشارو ڪري استلام ڪندا.

**ملتزم:**

كعبي شريف جي دروازي کان وٺي ڪري حجر اسود تائين بيت الله شريف جي پٽ کي مقام ملتزم چيو ويندو آهي. جنهن جي ويڪر تقريبن 2 ميٽر آهي ان جڳهه کي مقام ملتزم چوڻ جي وجهه هي آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ جڏهن طواف کان واندا ٿي ويندا هئا ته هن جڳهه تي اچي ڪري ڪعبه شريف کي چمبڙي ڪري پنهنجو سينو مبارڪ هٿ ۽ ڳل ان جڳهه تي رکي چمبڙي ويندا هئا. هي انهن جڳهن منجهان آهي جتي دعائون يقينن قبول ٿينديون آهن.

**حطيم:**

ڪعبه شريف جي اُتر ۾ اڌ گول واري شڪل وانگر جڳهه کي حطيم چيو ويندو آهي. هي ڪعبته الله جو حصو آهي. هن جڳهه جي فضائل مان هي آهي ته ان ۾ نماز پڙهڻ ائين آهي جيئن ڪنهن بيت الله جي اندر نماز پڙهي. طواف ڪرڻ وقت حطيم جي اندران نه گذرڻ گهرجي.

**ميزاب**(نيسارو):

هي نيسارو ڪعبي شريف جي ڇت تي اتراهين پاسي يعني حطيم جي طرف ڪعبه شريف جي ڇت مان مينهن جو پاڻي ڪڍڻ جي لاءِ لڳايو ويو آهي.

**مطاف:**

خانه ڪعبه جي چئني طرف ڪليل جڳهه جنهن ۾ طواف ڪيو ويندو آهي ان کي مطاف چئبو آهي. مختلف دورن ۾ حج پانڌيئڙن

جي وڌندڙ تعداد جي پيش نظر مطاف ۾ واڌارو ٿيندو رهيو آهي ۽ اجان بہ هلندڙ آهي.

**مقام ابراهيم:**

حضرت ابراهيم خليل الله هڪ پٿر تي بيهي ڪري ڪعبہ شريف جي تعمير ڪئي. جنهن وقت حضرت ابراهيم عليہ السلام ان پٿر تي بيهي رهيو تہ حضرت ابراهيم عليہ السلام جا پير مبارڪ ان جي اندر دٻجي ويا ۽ توهان جي پيرن جا نشان اڄ بہ موجود آهن. مقام ابراهيم ڪعبہ شريف کان لڳ ڀڳ 13 ميٽرن جي مفاصلي تي آهي. ان جي فضيلت قرآن مجيد ۾ وارد ٿي آهي.

**زمزم جو پاڻي:**

نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم ارشاد فرمايو: زم زم جو پاڻي هر ان شيءِ جي لاءِ آهي جنهن جي لاءِ (جنهن نيت سان) پيتو وڃي. يعني هي مبارڪ پاڻي جنهن بہ مقصد جي لاءِ پيتو وڃي الله تبارڪ و تعاليٰ ان جي برڪت سان اهو مقصد پورو فرمائيندو آهي. زم زم جو پاڻي اهڙو مبارڪ ثابت ٿيو آهي جو صدين کان نہ صرف مڪي جا رهاڪو بلڪي سڄي دنيا جا مسلمان ان مان فائدو وٺي رهيا آهن. اڄڪلهہ مسجد الحرام کان ڪجهہ ڪلوميٽرن جي فاصلي تي "ڪدئي" جي علائقي ۾ هڪ فيڪٽري لڳائي وئي آهي ۽ اتي زم زم جون بولتون ميسر هونديون آهن.

حاجي سڳورا وطن واپس ورندي متوقع پاليسيءَ جي مطابق جده ۽ مدينہ منوره جي ايئرپورٽ يا پاڪستاني ايئرپورٽز تان 5 لٽر جي پيڪ ٿيل بوتل حاصل ڪري سگهندا. ان ڏس ۾ حاجين کي وڌيڪ آگاهي ڏني ويندي.

**صفا مروه:**

صفا ۽ مروه ننڍڙيون پهاڙيون هيون. صفا ڪعبہ شريف جي ڏکڻ اوپر ۽ مروه بيت الله شريف کان اُتر اولهہ جي طرف واقع آهي. انهن ٻنهي پهاڙين جي وچ واري جڳهہ (جتي حج ۽ عمري جي لاءِ سعي ڪئي ويندي آهي) کي مسعيٰ چيو ويندو آهي. مسعيٰ کي ڇانوري ۽ ويڪري ڪرڻ لاءِ مختلف وقتن ۾ واڌارو ٿيندو رهيو آهي ۽ هاڻي مسعيٰ هڪ تهہ خاني سميت چار طبقن تي ويراندن جي شڪل اختيار ڪري چڪي آهي ۽ ان کي اڇي رنگ جي سنگ مر مر سان سينگاريو ويو آهي. مسعيٰ واري ويراندي جي ڊيگهہ تقريبن چار سئو ميٽر آهي. ان جي هڪ طرف صفا ۽ ٻئي طرف مروه پهاڙين جا نشان آهن. صفا پهاڙيءَ جو نسبتن وڏيڪ حصو پنهنجي اصل حالت ۾ موجود آهي.

صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي هڪ تاريخي واقعي سان منسوب آهي ۽ اهو آهي حضرت ابراهيم عليہ السلام جي گهرواريءَ محترمہ حضرت هاجره عليہ السلام انهن پهاڙين جي وچ ۾ پنهنجي ننڍي ٻار جي لاءِ پاڻيءَ جي ڳولها ۾ ڊوڙڻ. الله تعاليٰ کي پنهنجي ٻانهيءَ جي هيءَ ادا پسند آئي ۽ اُن ڏينهن کان قيامت تائين مسلمانن کي پابند ڪري ڇڏيو تہ جيڪي بيت الله ۾ حج ۽ عمري جي نيت سان اچن انهن لاءِ لازمي آهي تہ هو صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي ڪن.

**خانہ ڪعبي تي پهرين نظر:**

مسجد حرام ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ خانہ ڪعبہ تي پهرين نظر پئي تہ هيءَ دعا گهرندا:

اللّٰهُمَّ أَنْتَ السَّلَامُ وَمِنْكَ السَّلَامُ فَحَيِّنَا رَبَّنَا بِالسَّلَامِ
اللّٰهُمَّ زِدْ بَيْتَكَ هذا تَعْظِيمًا وَتَشْرِيفًا وَمَهَابَةً وَتَكْرِيمًا
وَزِدْ مِنْ حَجَّةٍ أَوْ عُمْرَةٍ تَشْرِيفًا وَتَعْظِيمًا وَبِرًّا

ترجمو: اي الله تنهنجو نالو سلام آهي ۽ تنهنجي ئي طرفان سلامتي ملي سگهي ٿي پوءِ اسان کي سلامتيءَ سان زنده رک. هن گهر جي شرافت، عظمت ۽ بزرگي، ۽ دبدبو وڌاءِ. جيڪو ان جي زيارت ڪري، ان جي عزت ۽ احترام ڪري وارو هجي حج ڪري وارو يا عمرو ڪري وارو هجي، ان جي به شرافت ۽ بزرگي ۽ ڀلائي ۾ واڌارو فرماءِ.




سعودي عرب جو نقشو





جدهء مدينه منوره ايئرپورٽ جا اندروني منظر



حاجين جو رهائشي علائقو



رهائش کان حرم وڃڻ واريون بسون






مڪ مڪرمہ ۾ پاڪستان حج ميڊيڪل مشن جي وڏي اسپتال



رهائشي جڳهن تي ڊائيننگ هال جا منظر




حاجين جي سهولت ۽ رهنمائيءَ جي لاءِ دفتر امور حجاج پاڪستان جا منظر




طواف جي ستن چڪرن ۽ اضطباع جو مسنون طريقو

## باب ٽيون:

## عمري جو طريقو

### عمري جا فعل:

عمري جا هيٺ درج ٿيل اهم فعل آهن:

1. احرام. 2. طواف. 3. سعي. 4. حلق يا قصر

احرام ۽ طواف فرض آهن. جڏهن تہ طواف کان پوءِ سعي ۽ حلق يا قصر ڪرائڻ واجب آهي.

**احرام:** احرام ٻڌڻ جي تفصيل گذري چڪي آهي.

**طواف:** طواف جا ٻہ فرض آهن:

1. نيت 2. چار چڪر فرض آهن ۽ باقي ٽي واجب آهن، ڪل ست چڪر آهن.

طواف جا واجب هيٺ ڏجن ٿا:

1. طهارت يعني بي وضو نہ هجي ۽ حيض ۽ نفاس ۽ جنابت کان پاڪ هجي.
2. اوگهڙ ڍڪڻ.
3. پنڌ هلڻ (ان لاءِ جيڪو پنڌ هلڻ تي قادر هجي).
4. طواف دوران ڪعبي جو ڪاٻي طرف هجڻ.
5. حطيم جي ٻاهران چڪر لڳائڻ.
6. ست چڪر پورا ڪرڻ.
7. طواف کان پوءِ ٻہ رڪعتون واجب الطواف جي نماز پڙهڻ.

طواف جو سنتون هيٺ ڏجن ٿيون:

1 اضطباع (احرام ۾ ساڄي ٻانهن ۽ ڪلهو ڪليل رکڻ).

2 مردن جي لاءِ پهرين ٽن چڪرن ۾ رمل ڪرڻ (يعني جوانن وانگر تيز تيز هلڻ) آخري چڪرن ۾ رمل نہ ڪرڻ
3 حجر اسود جي سامهون ڪان شروع ڪرڻ
4 رڪن يمانيءَ کي ڇهڻ
5 حجر اسود جو استلام
6 بيت الله شريف ڏانهن نہ ڏسڻ.
7 رڪن يمانيءَ ۽ رڪن حجر اسود جي وچ ۾ هيٺ درج ٿيل دعا پڙهڻ.
8 رَبَّنَا آتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الآخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ

اي الله اسان کي دنيا ۾ بہ ڀلائي عطا فرماءِ ۽ آخرت ۾ بہ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

## طواف ڪرڻ جو طريقو:

طواف شروع ڪرڻ کان پهريان توهان ڪعبتہ الله جي اُن ڪُنڊ ڏانهن ايندا جتي حجر اسود لڳل آهي. بيت الله شريف جي حجراسود واري ڪنڊ تي تمام گهٽي رش هوندي آهي تنهنڪري جڏهن بہ طواف شروع ڪرڻ جي لاءِ حجر اسود جي سامهون اچڻو هجي تہ طواف ڪرڻ وارن جي سامهون کان بلڪل نہ ايندا تہ جيئن ڪنهن کي ايذاءُ نہ پهچي، بلڪي توهان ڪعبہ شريف جي ارد گرد ٻين طواف ڪرڻ وارن وانگر گهڙيال جي الٽي رخ چڪر لڳائيندا. جڏهن حجر اسود جي سامهون ايندا ۽ تلبيو پڙهڻ بند ڪندا ۽ ان ڪنڊ تي پهچي ڪري توهان ساڄو ڪلهو کولي ڇڏيندا اهڙي طرح تہ جيئن ساڄي ٻانهن جي بغل مان احرام جي چادر ڪڍي ڪري کابي ڪلهي تي وجهي ڇڏيندا. ان عمل کي اضطباع چوندا آهن ۽ هي صرف طواف جي دوران ڪيو ويندو آهي. هاڻي ڪعبہ شريف جي طرف

منهن ڪري طواف جي نيت هيئن ڪندا. اي الله! مان تنهنجي رضا جي لاءِ عمري جي طواف جي نيت ڪريان ٿو/ ٿي، تون ان کي منهنجي لاءِ آسان فرمائيندا ۽ قبول فرمائيندا.

طواف جي شروعات حجر اسود کي چمي ڏيڻ يا استلام ڪرڻ سان ٿيندي آهي. استلام مان مراد چمي ڏيڻ هٿ سان ڇهڻ يا پري کان اشارو ڪري چمي ڏيڻ آهي. اڄ ڪلهه تمام گهڻي رش جي ڪري حجر اسود کي سڌو سنئون چمي ڏيڻ کان بچڻ گهرجي، ان تي خوشبو پڻ لڳل هوندي آهي ۽ چمي يا ڇهڻ جي ڪري اها بدن تي لڳي سگهي ٿي جڏهن ته احرام جي حالت ۾ خوشبو جو استعمال منع آهي. تنهنڪري صرف اشاري تي پورائو ڪرڻ گهرجي يعني بسم الله الله اڪبر ولله الحمد چوندي ٻنهي هٿن سان حجر اسود جي طرف اشارو ڪندا هٿن جون تريون چمندا.

هاڻي ڪعبي شريف کي کاٻي طرف رکندي طواف شروع ڪندا. پهريون چڪر ختم ڪندي جڏهن حجر اسود جي بلڪل سامهون پهچو ته ٻيهر استلام ڪندي بسم الله الله اڪبر ولله الحمد چئي ڪري ٻيو چڪر شروع ڪندا، طواف جي پهرين ٽن چڪرن ۾ جوانن وانگر ڪلها لوڏيندي پهلوانن وانگر ٿورڙو تيز هلڻ سنت آهي. ان عمل کي "رمل" چئبو آهي جڏهن ته طواف جي آخري چئن چڪرن ۾ رمل نه ڪرڻ سنت آهي.

طواف دوران ڪائي خاص دعا پڙهڻ ضروري ناهي. ۽ وري ڪتاب تان ڏسي ڪري پڙهڻ سان ڌيان ڪتاب جي طرف رهندو آهي ۽ دل جو ڳانڍاپو ڪعبي سان جُڙي ناهي سگهندو. انهيءَ ڪري بهتر آهي ته پنهنجي زبان ۾ جيڪا به دعا گهرڻ چاهيو گهرندا. درود شريف، استغفار ۽ ٻين ذڪرن جو ورد پڻ ڪندا. پر رڪن يمانيءَ ۽ رڪن حجر اسود جي وچ ۾ هي دعا پڙهڻ سنت آهي

رَبَّنَا آتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الآخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ

دعا وڏي آواز سان نہ پڙهندا تہ جيئن ٻين طواف ڪرڻ وارن ۾ رخنو نہ پوي. طواف جي هر چڪر پورو ڪرڻ ڪانپوءِ حجر اسود جو استلام ڪندا. طواف جا ست چڪر پورا ٿيڻ تي حجر اسود جو استلام ڪندا ۽ اضطباع ختم ڪندا يعني ساڄو ڪلهو ۽ ٻانهن ڍڪي ڇڏيندا، طواف مڪمل ٿي ويو. طواف مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ اهڙي جڳهہ تي ٻہ رڪعتون واجب الطواف جي نماز پڙهندا تہ جيئن مقام ابراهيم توهان جي ۽ ڪعبي شريف جي وچ ۾ هجي. رش جي ڪري اهڙي جڳهہ نہ ملي تہ ڪنهن ٻہ ٻي جڳهہ تي پڙهندا.

## زمزم:

ٿڌا ۽ سادا زم زم سان ڀريل ڪولر ڪعبي جي اڱڻ ۾ ۽ مسجد حرام جي ويراندن ۾ ڪافي تعداد ۾ رکيل هوندا آهن. دعا ڪان واندو ٿيڻ ڪانپوءِ قبلي رُخ بيهي ڪري ٽن ساهين ۾ پيٽ ڀري ڪري ڪولر مان زم زم پيئندا ۽ هيئن دعا گهرندا.

اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ اَسۡئَلُكَ عِلۡمًا نَّافِعًا وَّ رِزۡقًا وَّاسِعًا وَّشِفَآءً مِّنۡ كُلِّ دَآءٍ

"اي الله پاڪ مان توڪان نفعو ڏيندڙ علم ۽ ڪشادو رزق ۽ هر بيماريءَ ڪان شفا جو طلبگار آهيان".

## صفاءِ مروه جي سعي:

آب زم زم پيئڻ ڪان پوءِ سعي جي لاءِ صفا جي طرف ويندي حجر اسود جو نائون استلام ڪندا، هي استلام مسنون آهي. مطاف ڪان صفا پهاڙي جي طرف وڃڻ جو رستو هينئر واري ڪيل واڌاري ۾ مقام ابراهيم جي سامهون ويراندن مان ناهيو ويو آهي. جنهن جي

نشاندهي جي لاءِ جڳهه جڳهه تي بورڊ به لڳايا ويا آهن. صفا جي طرف هي چوندا ويندا:

اَبْدَأُ بِمَا بَدَأَ اللّٰهُ تَعَالٰى بِهٖ. اِنَّ الصَّفَا وَالْمَرْوَةَ مِنْ شَعَآئِرِ اللّٰهِ

" مان ابتدا ڪريان ٿو ساڻ ان جي جنهن جي ذڪر سان الله تعاليٰ ابتدا ڪئي آهي. يقينن صفا ۽ مروه الله تعاليٰ جي نشانين مان آهن".

صفا جي ٽڪريءَ تي گهڻو مٿي چڙهڻ سنت جي خلاف آهي ۽ مروه تي به گهڻو مٿي چڙهڻ نه گهرجي. صرف ايترو چڙهڻ ڪافي آهي ته جيئن خانه ڪعبه نظر اچي، اتي بيت الله ڏانهن منهن ڪري بيهي رهندا. پوءِ ٻنهي هٿن کي ڪُلهن تائين آسمان جي طرف اهڙي طرح کڻندا جهڙي طرح دعا ۾ کڻندا آهيون، پوءِ الله تعاليٰ جو حمد ۽ ثنا ڪندي ٽي دفعا الله اڪبر پڙهندا. تڪبير ۽ ڪلمو بلند آواز ۾ پڙهندا ۽ خوب دل لڳائي ڪري دعائون گهرندا هر هڪ جي لاءِ دعا گهرندا، سيني مسلمانن جي حق ۾ دعا گهرندا، ۽ ملڪ جي سلامتيءَ ۽ بقا جي لاءِ دعا گهرندا هي به دعا جي قبول ٿيڻ جي جڳهه آهي. هيٺ درج ڪيل ڪلمات کي پڻ ورد زبان رکندا.

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ۔ لَآ اِلٰهَ اِلاَّ اللّٰهُ وَحْدَهٗ اَنْجَزَ وَعْدَهٗ وَنَصَرَ عَبْدَهٗ وَهَزَمَ الْاَحْزَابَ وَحْدَهٗ

هاڻي صفا کان مروه جي طرف هلندا. ڪجهه قدمن جي مفاصلي تي مسعيٰ جي ڇت ۾ ڪجهه ڏکهائي ۾ سايون ٽيوب لائيٽون لڳل آهن (صفا ۽ مروه جي وچ واري علائقي کي مسعيٰ چيو ويندو آهي). جيئن ئي سائي لائيٽن جي هيٺان پهچندا ته مرد حاجي ٿورو تيز هلندا پر عورتون عام رفتار سان هلنديون ۽ هيءَ دعا گهرندا:

رَبِّ اغْفِرْ وَارْحَمْ وَتَجَاوَزْ عَمَّا تَعْلَمُ اِنَّكَ اَنْتَ الْاَعَزُّ الْاَكْرَمُ

اي منهنجا رب بخشي ڇڏ ۽ رحم فرماءِ درگزر فرماءِ منهنجي گهمراهين کي جنهن کي تون ڄاڻي ٿو، بيشڪ تون زبردست بزرگيءَ وارو آهين.

صفا ۽ مروه جي چڪرن جي باري ۾ هڪ ڳالهہ ذهن نشين ڪندا تہ صفا کان مروه تائين وڃڻ کي هڪ چڪر چوندا آهن ۽ پوءِ مروه کان صفا تائين اچڻ کي ٻيو چڪر. ٻيهر صفا کان مروه تائين ويندا تہ ٽيون چڪر ۽ پوءِ مروه کان صفا تائين ايندا تہ چوٿون چڪر ٿيندو. اهڙي طرح ستون چڪر مروه تي ختم ٿيندو. ستين چڪر کانپوءِ مروه تي توهان جي سعي مڪمل ٿي ويندي.

## حلق يا قصر:

طواف ۽ سعي کان پوءِ احرام مان حلال ٿيڻ جي لاءِ مردن کي وار کوڙائڻ يا سموري مٿي جا وار هڪ آڱر جي ويڙهي جي برابر ڪترائڻ واجب آهي. پر وار ڪوڙائڻ افضل آهي. عورتن جي لاءِ مٿي جا وار ڪوڙائڻ جائز ناهي بلڪي اهي آڱر جي هڪ ويڙهي يا انچ يا ان کان ڪجهہ وڌيڪ سمورن يا گهٽ ۾ گهٽ چوٿائي مٿي جي وارن جي چوٽي پڪڙي ڪري ڪترائين، تہ احرام جي حالت مان نڪرڻ جي لاءِ ڪافي آهي. مرد حاجي سڀَ ڳورا حجمن جي دوڪانن تي وڃي ڪري حلق يا قصر ڪرائن.

ان کانپوءِ جيڪڏهن ٿي سگهي تہ ٻہ نفل مسجدالحرام ۾ ڪهڙي بہ جڳهہ تي پڙهندا. مروه تي نفل پڙهڻ مڪروهہ آهي. هاڻي توهان جو عمرو مڪمل ٿي ويو ۽ ان سان گڏ ئي توهان احرام ۽ احرام جي پابندين مان آجا ٿي ويا. پر حرم جي حدن جون پابنديون لاڳو رهنديون. توهان وهنجي سهنجي سبيل ڪپڙا پائي سگهو ٿا ۽ هاڻي 8 ذوالحج جو مڪہ مڪرمہ کان منيٰ روانگيءَ جي لاءِ حج جي احرام ٻڌڻ جي

ضرورت ٿيندي. مناسب ٿيندو تہ عمرو مڪمل ٿيڻ کان پوءِ توهان حرم ۾ لڳل گهڙيال ۾ نمازن جا وقت نوٽ ڪندا ۽ نماز جي لاءِ وقت تي حرم پهچڻ جي ڪوشش ڪندا. پنهنجي خيريت جو اطلاع پاڪستان ۾ پنهنجي گهر وارن کي ڏيندا.


صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي ڪرڻ جي جڳهه
بداية الصفا
SAFA START

## باب چوٿون:

## مشاعر مقدسہ جو تعارف

حاجي سڳورا ڇاڪاڻ تہ حج جي ڏينهن جو ڪافي حصو منيٰ ۾ گذاريندا آهن انهيءَ ڪري اتان جي اهم امتيازي نشانن کان آگاهي فائدي کان خالي نہ ٿيندي. هيٺ ذڪر ڪيل نقشي ۾ انهن جڳهن جي نشادهي ڪئي وئي آهي جتي حج جا مناسڪ ادا ڪيا ويندا آهن. مسجدالحرام کان منيٰ جو مفاصلو تقريبن 6 ڪلوميٽر آهي جڏهن تہ عرفات کان مزدلفہ ۽ منيٰ ترتيب سان 9 ۽ 13 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهن.

### منيٰ کان مختلف جڳهن جا فاصلا:

مسجد الحرام کان منیٰ جو مفاصلو 6 ڪلو ميٽر آهي ۽ پنڌ هلڻ وارن لاءِ انهن جڳهن جي وچ ۾ هڪ ڇانوري وارو رستو ٺاهيو ويو آهي جڏهن تہ ٻنهي ڪنارن تي ٿوري ٿوري پنڌ تي پيئڻ جي لاءِ ٿڌي پاڻيءَ جا ڪولر هنيا ويا آهن.

منیٰ کان ميدان عرفات تائين جو مفاصلو تقريبن 13 ڪلوميٽر آهي ۽ هتي بہ پنڌ هلڻ وارن جي سهولت لاءِ الڳ الڳ وسيع رستا ٺاهيا ويا آهن. بسن ۽ ٻي ٽريفڪ جي لاءِ الڳ الڳ روڊ آهن جنهن تي عرفہ واري ڏينهن (9 ذوالحج) جو ايتري وڏيڪ رش ٿيندي آهي جو پير رکڻ جي جاءِ ناهي هوندي.

منیٰ کان مزدلفہ تقريبن چار ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي آهي. منیٰ کان عرفات وڃڻ وارا سيئي رستا مزدلفہ مان ئي گذرندا آهن. حج جي پانڌيئڙن ڪي هي سفر 10 ذوالحج جو ڪرڻو هوندو آهي ۽ ان ڪي پنڌ هلي ڪري پورو ڪرڻ ٻين ذريعن جي نسبت کان وڌيڪ

آسان هوندو آهي. ميدان عرفات کان مزدلفہ جو رستو تقريبن 9 ڪلوميٽر آهي.

**منيٰ ۾ داخل ٿيڻ جا رستا:**

8 ذوالحج جو هن مبارڪ جاءِ تي حج جي پانڌيئڙن جي داخل ٿيڻ سان ئي اسلام جي رڪن حج جي مناسڪن جو آغاز ٿي ويندو آهي. حج جي پانڌيئڙن لاءِ بهتر ٿيندو تہ 8 ذوالحج جو منىٰ ۾ پهريون دفعو پنهنجي مڪتب جي ذميدار ماڻهن جي رهنمائيءَ ۾ وڃن. جڏهن تہ منىٰ ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ هيٺ ذڪر ڪيل 4 وڏا رستا آهن. انهن رستن جي سڃاڻپ حاجين سڀني جي لاءِ فائدي مند ٿيندي.

1. **مدخل طريق 68 الملڪ فهد:** هي رستو منىٰ ۾ ماڻهوءَ جي اولہ پاسي کان داخل ٿيندو آهي. شيشہ ۽ طريق الحج جي علائقن ۾ رهڻ وارا حاجي سڀ ان رستي کان منىٰ ۾ داخل ٿيندا آهن.
2. **مدخل ڪبري الملڪ خالد:** هي رستو منىٰ ۾ ڏاکڻي پاسي کان مسجد خيف جي ويجهو کان داخل ٿيندو آهي. عزيزيہ ۾ سوق السلام، راجحي سينٽر ۽ بين ويجهن علائقن ۾ رهائش رکندڙ حاجي سڀ هن رستي کان منىٰ ۾ داخل ٿيندا آهن.
3. **مدخل ڪبري الملڪ عبدالعزيز:** هي رستو بہ منىٰ ۾ ڏکڻ طرف کان داخل ٿي ڪري منىٰ جي عين وچ مان گذرندو آهي. تنهنڪري وڏ ۾ وڏ حاجي سڀ منىٰ ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ هي رستو اختيار ڪندا آهن. عزيزيہ جي اوپر واري پاسن جي علائقن يعني بن داؤد، طريق الملڪ عبدالله ۽ طريق عبدالله خياط جي آس پاس رهائش رکندڙ حاجي سڀ هن رستي کان منىٰ ۾ داخل ٿيندا آهن.

4. **مدخل ڪبري الملڪ فيصل:** هي رستو منيٰ ۾ ڏکڻ طرف کان ئي داخل ٿيندو آهي. پر جيئن تہ هي منيٰ کان انتهائي اوپر ڪناري کان منيٰ ۾ داخل ٿيندو آهي تنهنڪري گهٽ ماڻهن جي استعمال هيٺ ايندو آهي.

**منيٰ ماٿريءَ ۾ امتيازي (ترجيحي يا نمايان) نشان(LandMarks):**

حج جا پانديئڙا حج جي ڏينهن ۾ گهڻو وقت منيٰ جي خيمن ۾ ئي گذاريندا آهن ۽ پوءِ هتان کان انهن کي حج جي مناسڪن جي ادائگي جي لاءِ مختلف ڏينهن ۾ منيٰ کان ٻين مقدس جاين ڏانهن وڃڻو اچڻو هوندو آهي. انهيءَ ڪري منيٰ ۾ پنهنجي خيمن جي جاءِ چڱي طرح ذهن نشين ڪرڻ انتهائي ضروري هوندي آهي. جيئن وقت سر پنهنجي خيمن ۾ اچڻ وڃڻ وارن رستن کان چڱي طرح سڃاڻپ ٿي وڃي ۽ خدا نہ خواستہ گم ٿيڻ جا امڪان بلڪل ختم ٿي وڃن. ان مقصد لاءِ منيٰ ماٿريءَ ۾ موجود هيٺ ذڪر ڪيل امتيازي نشانن کان آگاهي نهايت ئي ضروري آهي.

**منيٰ جون اَهم پُليون:**

پُل کي عربي ۾ ڪُبري يا جَسر چوندا آهن مقامي زبان ۾ پُل جي لاءِ گهڻوڪري ڪُبري جو لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي منيٰ ماٿريءَ ۾ ٽريفڪ جي سهولت جي لاءِ ڪيترين ئي پُليون ناهيون ويون آهن جن مان ٽن اهم ترين پُلين جو هيٺ ذڪر ڪجي ٿو:

1. **ڪُبري ملڪ خالد:** هيءَ ڪُبري منيٰ کان اتراهين علائقن مسجد خيف جي ويجهو جمرات کان تقريبن اڌ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي واقع آهي جيڪڏهن توهان منيٰ ۾ شارع خالد

کان داخل ٿيندا تہ هڪ سرنگ (عربي زبان ۾ نفق) کان داخل ٿيڻ کان پوءِ توهان اُن ئي کُبري تي اچي نڪرندا ۽ توهان جي کاٻي هٿ جي طرف منیٰ جي هڪ اسپتال آهي جنهن کي عربي زبان ۾ مستشفیٰ الطواري چيو ويندو آهي يعني ايمرجنسي اسپتال. هن ڪبري جي ساڄي طرف کان منیٰ ۾ وڌن رستن کان ڪبريءَ جي مٿان اچڻ لاءِ رستو مهيا ڪندو آهي.

2. **کُبري ملڪ عبدالعزيز:** هيءَ ڪبري منیٰ جي تقريبن وچ ۾ ڪبري ملڪ خالد کان هڪ ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي واقع آهي ۽ منیٰ ۾ حاجين جي خيمن کي ٻن وڏن حصن ۾ ورهائي ٿي جيڪڏهن توهان شارع ملڪ عبدالله جي رستي عزيزيہ کان منیٰ ۾ داخل ٿيندا تہ هن ڪبري جي مٿان کان توهان منیٰ ۾ داخل ٿيندا ۽ توهان جي کاٻي طرف هڪ ٻي اسپتال آهي جنهن جو عربي زبان ۾ نالو مستشفیٰ منیٰ الجسر آهي. ڪبري ملڪ عبدالعزيز جي هيٺان مستشفیٰ الجسر جي ويجهو ايمبولينس اسٽاپ بہ واقع آهي. ضرورت جي وقت هتان کان ايمبولينس وٺي سگهجي ٿي. ايمبولينس کي عربي زبان ۾ اَسعاف چوندا آهن.

3. **کُبري ملڪ فيصل:** هيءَ ڪبري نيو منیٰ ۽ مزدلفہ جي ميدان جي وچ ۾ واقع آهي. حاجين سڀني جا رهائشي خيما جيڪي ڪبري ملڪ خالد ۽ مسجد خيف جي ويجهو کان شروع ٿيندي ئي ڪبري ملڪ فيصل جي ويجهو اچي ڪري ختم ٿيندا آهن ۽ ڪبري جي ٻئي طرف ميدان مزدلفہ شروع ٿي ويندو آهي. حج جا پانڌيئڙا 10 ذوالحج جي صبح جو جڏهن مزدلفہ کان منیٰ جي طرف روانا ٿيندا آهن تہ سڀ کان پهريان

ڪبري فيصل جي هينان ڪان ئي انهن جو گذر ٿيندو آهي ۽ هتان ڪان ئي خيما شروع ٿيندا آهن جيڪي تقريبن چار ڪلوميٽرن ڪان پوءِ ڪبري ملڪ خالد ڪان ٿوري ئي فاصلي ڪان پوءِ ختم ٿي ويندا آهن.

## منيٰ جا زون:

زون ڪي عربي زبان ۾ منطقہ چيو ويندو آهي ۽ منىٰ جي ماٿريءَ کي 9 مختلف زونن ۾ ورهايو ويو آهي.زون 1 کان 7 منىٰ ۾ جڏهن تہ زون 8 ۽ 9 مزدلفہ ۾ آهن. زون هڪ جمرات جي طرف آهي ۽ ائين انهن جا نمبر مزدلفہ جي طرف وڌندا ويندا آهن. منىٰ ۾ حاجين سڀني جا رهائشي خيما زون 7 تائين ويندا آهن جيڪي ڪبري فيصل جي بلڪل ويجهو واقع آهن. هر هڪ زون جي نشاندهي جي لاءِ تمام وڏي ڊگهي پول تي پيلي رنگ جا بورڊ لڳايا ويا آهن ۽ انهن تي ڪاري رنگ سان زون نمبر لکيا ويا آهن. زون جي نشاندهي اتي موجود نندين رستن سان بہ ٿيندي آهي. جيئن شارع 511 يعني زون 5 جي 11 نمبر رستي تي آهي ۽ اهڙي طرح شارع 219 يعني زون 2 جو 19 نمبر رستو آهي. پاڪستاني حاجين سڀني جا خيما عام طور تي زون 6,5,4,2 ۽ 7 ۾ هوندا آهن.

## نيو منيٰ:

وقت گذرڻ سان گڏوگڏ جيئن جيئن حج بيت الله ڪرڻ وارن جي تعداد ۾ واڌارو ٿيندو ويو تہ منىٰ جي ماٿري پنهنجي سموري گنجائش جي باوجود تنگ ٿيڻ شروع ٿي وئي. ان ڳالھ جو اندازو هن ڳالھ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪجھ عرصو پهريان جتي پوري ڳوٺ يا محلي ۾ صرف ڪجھ ماڻهن کي حج بيت الله جي سعادت

نصيب ٿيندي هئي الحمد الله هاڻي اُتي هر ٻئي گهر جا ڪيترائي حج جا پانڌيئڙا نظر اچڻ لڳا آهن انهيءَ ڪري اهو ضروري ٿي ويو آهي تہ حج جي پانڌيئڙن جي رهائشي خيمن کي قديم (پُراڻي) منىٰ ماٿريءَ جي حدن کان ٻاهر مزدلفہ جي حدن ۾ بہ هنيو وڃي. انهيءَ ڪري سعودي حڪومت مستند (سرڪاري) عُلماء ڪرامن جي متفقہ فتوىٰ جي روشنيءَ ۾ حاجين سڳورن جي رهائشي خيمن کي قديمي يعني پراڻي منىٰ سان بلڪل گڏ مزدلفہ جي حدن ۾ ڪبري فيصل تائين وڌائي ڇڏيو آهي. مزدلفہ جي حدن ۾ اُهي علائقا جتي حاجين سڳورن جا رهائشي خيما لڳايا ويا آهن ان کي عام طرح نيو منىٰ چيو ويندو آهي ۽ هتي حاجين سڳورن جو رهڻ انهن جي منىٰ جي قيام کي ظاهر ڪري ٿو.

**منىٰ جا اهم رستا:**

منىٰ هڪ ڪشادي وادي (ماٿري) آهي هتي لکين ماڻهن جي قيام (ترسڻ) جي لاءِ انتظام ڪيو ويندو آهي. انهيءَ ڪريِ هتي ڪيترن ئي ننڍن ۽ وڏن رستن جو ڄار وڇايو ويو آهي. وڏن رستن کي عربي زبان ۾ طريق چوندا آهن ۽ منىٰ ۾ هر طريق يعني وڏي رستي جو پنهنجو نالو ۽ نمبر هوندو آهي. هي رستا منىٰ ماٿريءَ جي ڊگهي رُخ يعني شرقاً (اوڀر) غرباً (اولهہ) ٺاهيا ويا آهن. منىٰ جا ڪجهہ اهم رستا بيان ڪجن ٿا.

1. **طريق 38 الملڪ عبدالعزيز:** هي رستو مسجد الحرام کان منىٰ ۽ مزدلفہ کان ٿيندو عرفات تائين وڃي ٿو ۽ ريل جي پٽڙي جي بلڪل هينان هلندو آهي.
2. **طريق 44 القصر المڪي:** هي رستو عرفات جي ميدان کان شروع ٿيندو آهي ۽ مزدلفہ کان ٿيندو ڪبري فيصل جي هينان کان

منىٰ ۾ داخل ٿيندو آهي ۽ پوءِ طريق الملڪ عبدالعزيز سان گڏ هلندي ڪبري عبدالعزيز ڪان پوءِ طريق 38 سان مِلي ويندو آهي.

3. **طريق 50 الملڪ فيصل:** هي رستو عرفات جي ميدان جي اوپر ڪناري ڪان شروع ٿيندي ئي ۽ طريق القصرالمڪي جي اُتر طرف ڪان ان سان گڏوگڏ هلندو آهي. پوءِ مزدلفہ ڪان ٿيندو منىٰ جي آخري حصي ۾ جمرات جي ويجهو ختم ٿيندو آهي.

4. **طريق المشاة (پنڌ هلڻ جو رستو):** مشاة عربي زبان ۾ پنڌ هلڻ کي چئبو آهي. يعني مڪہ ڪان منىٰ ۽ منىٰ ڪان عرفات تائين پنڌ سفر ڪرڻ وارن جي سهولت جي لاءِ ناهيل رستن مان هي پهريون وڏو پنڌ هلڻ وارن لاءِ رستو آهي. گهڻو ڪري حاجي سڀ‍ُورا مزدلفہ ڪان منىٰ ايندي هن رستي تي سفر ڪندا آهن.

5. **طريق 56 الجوهرة:** هي رستو بہ طريق مشاة سان گڏ هلندي عرفات ڪان منىٰ جي آخري حصي ۾ واقع جمرات تائين وڃي ٿو.

6. **طريق 62 سوق العرب:** طريق سوق العرب بہ عرفات جي ميدان ڪان اوپر واري حصي ڪان شروع ٿيندي ئي جبل الرحمت جي ويجهو ڪان گذرندو آهي. طريق 62 ميدان مزدلفہ ۽ منىٰ جي ماٿريءَ ڪان ٿيندو جمرات جي ويجهو اچي ختم ٿيندو آهي. منىٰ ۾ جنوب ايشيائي ملڪن يعني افغانستان، پاڪستان، هندستان ۽ بنگلاديش جي حاجين سڀ‍ُورن جا خيما طريق الجوهرة ۽ طريق سوق العرب تي ئي واقع هوندا آهن. انهيءَ ڪري توهان جي لاءِ انهن وڏن رستن کي چڱي طرح سمجهڻ نهايت ضروري آهي.

**اهم نوٽ:**

طريق الجوهرة، طريق سوق العرب ۽ طريق المشاة عرفات کان شروع ٿيندا آهن، انهن جي وچ ۾ وقفو ڪٿي ڪجهه وڏيڪ ٿي ويندو آهي ته ڪٿي گهٽ ۽ وادي محسر ۾ ته بلڪل ملي وڃڻ کان پوءِ وري الڳ ٿيندا آهن. انهيءَ ڪري حج جا پانڌيئڙا 10 ذوالحج جي صبح مزدلفه کان منىٰ جو سفر ڪندي جڏهن وادي محسر پهچندا آهن ته انهن جو غلطيءَ سان پنهنجي واسطيدار رستي جي بجاءِ ڪنهن ٻئي رستي تي هلي وڃڻ جا امڪان وڌي ويندا آهن. انهيءَ ڪري توهان کي وادي محسر ۾ انهن رستن جي نشاندهي ڪرڻ وارن بورڊن ۽ نقشن وغيره جي مدد سان پڪ ڪرڻ گهرجي ته توهان واسطيدار (گهربل) رستي تي ئي سفر ڪري رهيا آهيو. نه ته پنهنجي خيمن جا رستا ڀلجي وڃڻ جوامڪان وڌي ويندو آهي.

7. **طريق68الملڪفهد:** هي رستو عرفات جي ميدان جي اولهه ڪناري تي واقع عرفات رنگ روڊ کان شروع ٿي ڪري مزدلفه ۽ منىٰ جي اُتر واري حصي کان گذرندو آهي ۽ جمرات جي اُتر کان گذرندي مڪ مڪرمه ۾ داخل ٿيندو آهي. منىٰ ۾ ان رستي جي ڪناري تي گهڻو ڪري آفريقي ۽ عرب ملڪن جي حاجين سڀڱورن جا خيما لڳل هوندا آهن.

## ننڍا رستا:

منىٰ ۾ مٿي ذڪر ڪيل رستن کي ڪيترن ئي ننڍن لاڳاپيل رستن جي ذريعي ملايو ويو آهي. انهن رستن کي عربي زبان ۾ شارع چيو ويندو آهي. انهن مان هر هڪ رستي کي ان جي زون جي مطابق نمبر الاٽ ڪيو ويو آهي. مثال طور شارع نمبر 521 ۾ 5 جو انگ ان جي زون کي ظاهر ڪري ٿو ۽ 21 رستي جو نمبر آهي. يعني هي زون 5 جو 21 نمبر شارع آهي. اهڙي طرح شارع 210 يعني زون نمبر 2 جو

10 نمبر رستو آهي. رستن جي نمبرنگ ۾ هڪ ٻي خاص ڳالهہ سمجهڻ جي هيءَ آهي تہ منیٰ جي اُفقي (اولهہ اوڀر) رستن جا ٻڌي انگ ۽ عمودي رستن جا نمبر اِڪي هوندا آهن. مثال طور شارع 714، شارع 716 ۽ شارع 718 زون نمبر 7 ۾ نسبتن يعني وڏا اُفقي (اوڀر اولهہ) رستا آهن ۽ شارع 717، شارع 735 ۽ شارع 737 ننڍن عمودن (اتر ڏکڻ) رستن جي ذريعي ان جي وچ ۾ رابطو مهيا ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح منیٰ جي هر زون ۾ حاجي سڳورن جي سهولت جي لاءِ ننڍن وڏن رستن جو نيٽ ورڪ موجود آهي. جنهن ۾ ڪجهہ رستا ضرورت وقت بند بہ ڪيا ويندا آهن.

## مڪتب نمبر:

منیٰ ۾ حاجين سڳورن جي خيمن کي مختلف مڪتبن ۾ ورهايو ويندو آهي ۽ هر مڪتب کي هڪ نمبر الاٽ ڪيو ويندو آهي. جنوبي ايشيائي ملڪن جا مڪتب منیٰ جي هڪ ئي حصي ۾ هوندا آهن. ڪجهہ مڪتب صرف پاڪستاني حاجين جي لاءِ مخصوص هوندا آهن جڏهن تہ ڪجهہ مڪتبن ۾ پاڪستان سان گڏ ٻين ايشيائي ملڪن جي حاجين سڳورن جا گڏيل خيما بہ هوندا آهن. مڪتبن جي سلسلي ۾ ڪجهہ خاص ڳالهين جو هيٺ ذڪر ڪجي ٿو:

- منیٰ ۾ مڪتبن جي جڳهہ ڪنهن خاص ترتيب سان الاٽ نہ ڪئي ويندي آهي انهيءَ ڪري ممڪن آهي تہ مڪتب نمبر 1 سان گڏ مڪتب نمبر 13 ۽ پوءِ 28 موجود هجي. پاڪستاني مڪتبن جي وڏي گيٽ جي مٿان مڪتب نمبر جا بورڊ لڳايا ويندا آهن ۽ پاڪستاني جهنڊا بہ لڳايا ويندا آهن مڪتب جي مين گيٽ سان گڏ پول نمبر جو بورڊ بہ لڳل هوندو آهي.

- حج جي پانڌيئڙن کي گذارش آهي تہ جڏهن 8 ذوالحج جو مڪتب جا ذميدار ماڻهو توهان کي پهريون دفعو پنهنجي مڪتب ۾ وني وڃن تہ پنهنجي مڪتب جو ماڳ، هنڌ ۽ نڪاڻو چڱي طرح سمجهي وٺو تہ ڪهڙي رستي تي واقع آهي ۽ ان جو پول نمبر ڪهڙو آهي تہ جڏهن بہ مڪتب کان ٻاهر وڃڻو هجي تہ آسانيءَ سان واپس اچي سگهجي.
- مڪتب ۾ رهائش دوران مڪتب جو جاري ڪيل ڪارڊ هر وقت پاڻ سان گڏ رکندا تہ جيئن مڪتب ۾ داخل ٿيڻ وقت سڪيورٽيءَ تي مقرر ٿيل ماڻهن کي ڏيکاري ئي توهان اندر وڃي سگهندا. مڪتب جي اندر وضو خانہ نہيل هوندا آهن ۽ نماز جي وقتن کان پهريائين اڪثر ڪري اُتي رش وڏي ويندي آهي. انهيءَ ڪري وضو جي لاءِ اهڙي وقت جي چونڊ ڪندا جنهن وقت رش گهٽ هجي. عام طور تي نمازن جي وقتن کان پوءِ وضو خانن تي رش گهٽ ٿي ويندي آهي. وضو خانن ۾ لڳل پاڻيءَ جي ٽوٽين (ٻُجين) کي آرام سان کوليندا نہ تہ پاڻي وڏيڪ پريشر سان ٻاهر ايندو ۽ حمام يعني غسل خاني جي فرش کي لڳڻ کان پوءِ ڇنڊا توهان جي ڪپڙن تي بہ پئجي سگهن ٿا.

## پول نمبر:

منىٰ ۾ حاجين جي رهائشي علائقن کي مختلف ڪيمپن ۾ ورهايو ويو آهي. هر ڪيمپ جو هڪ خاص نمبر هوندو آهي جيڪو هڪ پول جي مٿان ننڍي بورڊ تي پڌرو ۽ چٽو لکيو ويندو آهي. هي نهايت ئي اهم نشان آهي جيڪوحاجين جي منىٰ ۾ رهنمائيءِ جي لاءِ وڏي اهميت وارو آهي. ان پول تي خيمي جو نشان نہيل هوندو آهي.

خيمي جي نشان جي مٿان عربي زبان ۾ ۽ هيٺان انگريزي زبان ۾ پول نمبر لکيل هوندو آهي. پول نمبر جي متعلق هيٺ ذڪر ڪيل خاص ڳالهين کي چڱي طرح ذهن نشين ڪرڻ سان منیٰ ۾ نه صرف پنهنجي خيمن کي ڳولهڻ آسان ٿي ويندو بلڪ ٻين حاجين سڀني جي رهنمائي ڪري اجر ۽ ثواب حاصل ڪرڻ به ممڪن ٿي ويندو.

پول نمبر ڪسر عدد (ڀاڱن جي شڪل ۾ لکيا ويندا آهن. مثال طور 56/6 جو مٿيون عدد ڪيمپ نمبر يا پول نمبر کي ظاهر ڪندو آهي ۽ هيٺيون عدد يا انگ واسطي دار (لاڳاپيل) رستي جي نمبر کي ظاهر ڪندو آهي. يعني پول نمبر 56/6 ۾ رستي 56 جي 6 نمبر ڪيمپ کي ظاهر ڪري ٿو.

پول نمبر هر ننڍي وڏي رستي تي ٻنهي ڪنارن تي ڪيمپ جي اندر لڳل نظر ايندا آهن. انهن نمبرن جي شروعات هر رستي جي مُنڍ ۾ اُبتي پاسي کان يعني کاٻي پاسي کان اهڙي طرح هوندي آهي جو اِڪي انگ جي پول جو رستو کاٻي طرف ۽ ٻڌي انگ جي پول جو رستو ساڄي طرف هوندو آهي. مثال طور توهان جيڪڏهن 56 رستي جي مُنڍ ۾ هلڻ شروع ڪندا ته شروع ۾ ئي پول نمبر 56/1 توهان جي کاٻي طرف هوندو ۽ ٿوري دير کان پوءِ پول نمبر 56/2 توهان جي ساڄي هٿ جي طرف ايندو.

ڪنهن به رستي تي سيني پول نمبرن جي ڳڻپ انهن جي ڊگهائيءَ تي مدار رکي ٿي. يعني ڪنهن ننڍي رستي جي پولن جي ڳڻپ وڏن رستن جي ڳڻپ کان گهٽ ٿيندي. مثال طور رستو نمبر 521 زون نمبر 5 جو هڪ ننڍو رستو آهي انهيءَ ڪري انهن جي پول نمبر جي ڳڻپ 9 آهي. يعني آخري پول نمبر 56/9 آهي. اهڙي طرح طريق 62 سوق العرب هڪ وڏو رستو آهي ان جي پول نمبر جي ڳڻپ 63 آهي يعني رستي تي آخري پول 62/63 آهي.

سمورن وڏن رستن جا پول نمبر جمرات جي طرف کان شروع ٿيندا آهن ۽ ڪبري فيصل وٽ ختم ٿيندا آهن. انهيءَ ڪري جيڪڏهن توهان ان رستي تي ڪٿي به موجود آهيو ته توهان کي پنهنجي مڪتب جي پول نمبر جي خبر آهي ته توهان صحيح رخ طرف وٺي ڪري پنهنجي خيمي ۾ وڃي سگهندا.

مڪتب جا ذميدار ماڻهو هرهڪ حاجيءَ کي ڳچيءَ ۾ پائڻ وارو مڪتب جو ڪارڊ يا ٻانهن ۾ ٻڌڻ وارو پلاسٽڪ جو ڪنگڻ ڏيندا آهن. جنهن تي منىٰ ۽ عرفات جو ڏس پتو ۽ ان سان گڏ پول نمبر لکيل هوندو آهي. ان کي حج جي ڏينهن ۾ پاڻ وٽ محفوظ رکندا ۽ پنهنجي خيمن جو رستو ڀُلجڻ جي صورت ۾ ڪنهن به مُلڪ جي رضاڪار يا معاون کي ڪارڊ يا ڪنگڻ ڏيکاري رستو پڇي سگهو ٿا.

## طواف زيارت جي لاءِ وڃڻ وارا رستا:

جڏهن به 10۽12 ذوالحج جي وچ ۾ توهان کي پنهنجي سهولت مطابق منىٰ کان مڪه مڪرمه طواف زيارت جي لاءِ وڃڻو هجي ته توهان پيرين پنڌ به وڃي سگهو ٿا ۽ بس ٽيڪسي تي به پر جيڪڏهن صحت اجازت ڏئي ته پنڌ وڃڻ ڏاڍو ڀلو آهي، نوجوانن کي ته هر صورت ۾ پنڌ وارو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته بس، ٽيڪسي وارا هڪ ته انهن ڏينهن ۾ ڪرايا تمام وڌيڪ ڪري ڇڏيندا آهن ٻيو ته ٽريفڪ جي رش جي ڪري تمام گهڻو وقت لڳائي ڇڏيندا آهن. ۽ پوءِ توهان کي حرم کان ڪافي فاصلي تي لاهي ڇڏيندا آهن ڇاڪاڻ ته ٽريفڪ جي پابندين جي ڪري حرم جي ويجهو وڃڻ ممڪن ناهي هوندو. اهڙي طرح حرم کان (طواف زيارت کان پوءِ) منىٰ اچڻ وقت اتان کان پري ڪنهن اڻ ڄاڻ جڳهه تي لاهي ڇڏيندا ۽ توهان لاءِ

پنهنجن خيمن ۾ پهچڻ انتهائي ڏکيو ٿي پوندو، طواف زيارت جي لاءِ هيٺ ذکر ڪيل ڳالهين کي چڱي طرح ذهن نشين ڪندا:

منيٰ کان جمرات تائين وڃڻ وارا سيئي رستا جمرات جي ويجهو پاڻ ۾ ملي ويندا آهن ۽ جمرات جي عمارت کان سڌو اڳتي ويندا ته ٿوري دير کان پوءِ کابي هٿ تي سرنگ کان هڪ رستو نڪرندو آهي جيڪو حرم تائين پنڌ هلڻ وارن لاءِ ٺاهيو ويو آهي ان رستي جو گهڻو حصو ڍڪيل آهي ۽ حج جي پانڌيئڙن کي ڇانوَ مهيا ڪندو آهي، روڊ جي ٻنهي پاسن کان ٿڌي پاڻيءَ جا ڪولر ٻه هنيا ويا آهن، طواف زيارت جي لاءِ هن روڊ تان پنڌ وڃڻ بهتر طريقو آهي وڏي عمر وارا ماڻهو جيڪي وڌيڪ پنڌ نه هلي سگهن جتي ٿڪجي پون ته ٿوري دير آرام ڪن ۽ ٿوري دير ساهي پٽڻ کان پوءِ ٻيهر سفر شروع ڪن اهڙي طرح ساهيون پٽيندي پنڌ سفر ڪرڻ گاڏيءَ تي سفر ڪرڻ کان ڀلو آهي.

جيڪڏهن توهان جا خيما جمرات کان وڌيڪ مفاصلي تي آهن ۽ پنڌ حرم شريف وڃڻ مشڪل هجي ته توهان جمرات تائين جو سفر ٽرين تي ڪندا ۽ منيٰ اسٽيشن 3 تي لهڻ کان پوءِ جڏهن توهان لنهواري وانگر پل جي ذريعي جمرات جي طرف ويندا ته تقريبن 300 ميٽر هلڻ کان پوءِ هي رستو طريق ملڪ عبدالعزيز سان ملي ويندو آهي ۽ ان جي ساڄي طرف کان طريق ملڪ عبدلعزيز تي آسانيءَ سان وڃي سگهو ٿا، هتان کان حرم وڃڻ واريون بسون ملي وينديون آهن جيڪي توهان کي حرم جي ٿوري مفاصلي تي لاهي ڇڏينديون، جتان کان توهان پنڌ حرم شريف وڃي سگهو ٿا.

طواف زيارت جي لاءِ وڃڻ لاءِ جيڪڏهن توهان کي بس، گاڏيءَ تي وڃڻ جو چارو نه هجي ته توهان هيءِ سهولت ڪبري خالد، ڪبري الملڪ عبدلعزيز ڪبري الملڪ فيصل کان آسانيءَ سان ملي

ويندي جيڪا بہ ڪبري توهان جي خيمي/ مڪتب جي ويجهو هجي اتان ڪان حرم وڃڻ واري گاڏي توهان کي ملي ويندي.

حاجين سڳورن کي سعودي عرب ۾ ترسڻ دوران پنهنجي گروپ سان گڏ رهڻ گهرجي ۽ رميءَ جي لاءِ مڪتب جي طرفان ڏنل وقتن جي سختيءَ سان پابندي ڪندا. حاجي سڳورن جي رميءَ جي لاءِ روانگيءَ جي وقت مڪتب ۽ معاونين جو عملو حاجي سڳورن کي منظم رکڻ جي لاءِ موجود هوندو آهي. معذور، ويل چيئر تي سوار ۽ ٻار رميءَ جي لاءِ شريعت جي مطابق پنهنجي طرفان پنهنجي گروپ جي مرد ساٿين مان ڪنهن کي پنهنجو وڪيل بڻائي سگهن ٿا.

## مشاعرمقدسہ (منيٰ، مزدلفہ، عرفات) لڳل رهنمائيءَ جي لاءِ بورڊ:

مشاعر مقدسہ ۽ مڪہ مڪرمہ ۾ حج جي پانڌيئڙن جي رهنمائيءَ لاءِ، روڊ، اسپتالون، مسجدون ۽ ٻين اهم جڳهن جي نشاندهي جي لاءِ ڪيترن قسمن جا بورڊ لڳايا ويندا آهن انهن بورڊن کي عربي زبان ۾ ”لوحات“ چيو ويندو آهي انهن مان ڪجھہ اهم قسمن جي بورڊن جو ذڪر هيٺ درج ڪجي ٿو:

**حدود بورڊ:** هي بورڊ تمام وڏي اهميت جا حامل آهن ۽ هي منىٰ، مزدلفہ ۽ عرفات جي حدن جو تعين ڪندا آهن هي بورڊ مشاعر مقدسہ جي حدن جي شروعات يعني مُنڍ ۽ اختتام يعني پُڇاڙيءَ تي لڳايا ويندا آهن منىٰ جي حدن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ بنفشي رنگ. مزدلفہ جي لاءِ ڄمونءَ جو رنگ جڏهن تہ عرفات جي نشاندهي جي لاءِ پيلي رنگ جا بورڊ لڳايا ويندا آهن انهن سڀني جڳهن جي حدن جي شروعات تي ”بدايہ“ (يعني ابتدا)، اڳياڙي يا مُنڍ لکيل هوندو آهي ۽ حدن جي پُڇاڙيءَ تي ”نهايہ“ يعني انتها يا آخري حد لکيل هوندو آهي ياد رکندا

جيڪڏهن توهان کي ”بدايہ عرفات“ جو بورڊ نظر اچي رهيو آهي تہ توهان هن وقت ميدان عرفات جي حدن کان ٻاهر آهيو ۽ جيڪڏهن توهان کي ”نهايہ عرفات“ جو بورڊ نظر اچي رهيو آهي تہ توهان عرفات جي حدن جي اندر موجود آهيو، اهائي ڳالهہ مزدلفہ ۽ منیٰ ۾ حدن جي نشاندهي ڪرڻ وارن بورڊن جي لاءِ بہ صحيح آهي.

**رستن جي نشاندهي وارا بورڊ:** سمورن اهم رستن تي مختلف قسمن جا بورڊ لڳايا ويندا آهن. جن تي ان رستي تي اچڻ وارين اهم جڳهن جي فاصلي ۽ رستي جي ساڄي کاٻي وڃڻ وارن رستن جي نالن وغيره جي بہ خبر پوندي آهي. حج جا پانڌيئڙا پنهنجي منزل جي لاءِ صحيح رستو منتخب ڪرڻ وقت انهن بورڊن جي رهنمائي وٺي سگهن ٿا يعني توهان جنهن رستي تي وڃي رهيا آهيو ان رستي جي اڳيان ۽ ساڄي کاٻي پاسي وڃڻ وارن رستن تي کهڙيون اهم جڳهون ڪيتري فاصلي تي اينديون.

**قبلہ رُخ بورڊ:** هي بورڊ منیٰ، مزدلفہ ۽ عرفات ۾ قبلي جي رُخ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ لڳايا ويا آهن انهن جڳهن ۾ نماز جي ادائگيءَ کان پهريان ”اتجاهہ قبلہ“ جي بورڊ کي ڏسي ڪري قبلي جي رُخ جو صحيح تعين ڪندا.

## جمرات:

جمرات لفظ جمره جو جمع آهي منیٰ وادي جي اولهہ واري حصي ۾ جمرات کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ تمام وڏي چار منزلہ عمارت ٺاهي وئي آهي هيءَ عمارت مسجد خيف جي ويجهو ڪبري خالد کان تقريبن هڪ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي منیٰ کان مڪ مڪرمہ جي طرف واقع آهي هتي گرائونڊ فلور سميت پنجن منزلن تي هڪ ئي

وقت رمي ڪري سگهجي ٿي هر منزل تي رميءَ جي لاءِ وڃڻ جا مختلف رستا آهن جمرات جي عمارت ۾ داخل ٿيڻ وارا رستا اُن عمارت ڪان منیٰ جي طرف آهن ۽ ٻاهر نڪرڻ وارا رستا ان ڪان مڪہ مڪرمہ جي طرف آهن عمارت جي اندر ٽي جمرات آهن انهن جا نالا جمره صغره، جمره وسطیٰ ۽ جمره عقبہ آهن، عمارت ۾ داخل ٿيڻ ڪان تقريبن 150 ميٽرن ڪان پوءِ سڀ ڪان پهريان جمره صغره (ننڍو جمره) آهي ان ڪان 150 ميٽر پوءِ جمره وسطیٰ (وچون جمره) ۽ ان ڪان پوءِ 190 ميٽرن جي مفاصلي تي جمره عقبہ (وڏو جمره) واقع آهي. جمرات سان تعلق رکندڙ اهم ڳالهيون هيٺ لکجن ٿيون:

پاڪستاني حج جا پانڌيئڙا منیٰ ڪان جمرات جي طرف پنڌ هلندي طريق المشاة 1(پنڌ هلڻ لاءِ رستو) طريق الجوهرة يا طريق سوق العرب ڪان گذرندا آهن جيڪڏهن ٽرين جي ذريعي وڃو تہ منیٰ اسٽيشن 3 تي لهندا.

منیٰ ڪان جمرات ڏانهن اچڻ وارا سمورا رستا حاجين سڀني کي جمرات جي عمارت جي مختلف منزلن تي وٺي ويندا آهن طريق الجوهرة ۽ طريق سوق العرب تي وڃڻ وارا حاجي گرائونڊ فلور تي رمي ڪندا آهن. طريق المشاة1 (پنڌ هلڻ وارو رستو) هڪ جهڪيل، لنهواري رستي ذريعي پهرين منزل تي ويندو آهي ۽ ٽرين تي وڃڻ وارا حاجي سڀورا متاهين منزل تي رمي ڪندا آهن.

جيڪڏهن حج جا پانڌيئڙا طواف زيارت ڪرڻ ڪانپوءِ مڪہ مڪرمہ ڪان واپسيءَ تي پنڌ هلڻ وارا رستا استعمال ڪن تہ تقريبن 600 ميٽر هلڻ ڪانپوءِ اُهي جمرات وٽ پهچندا آهن جيڪڏهن ڪنهن کي ان ڏينهن جي رمي ڪرڻي هجي تہ ان ئي رستي تي نهيل لنهواريءَ وارو رستو حج جي پانڌيئڙن کي جمرات جي عمارت جي ٻي منزل تي وٺي ويندو آهي ٻئي فلور تي رمي ڪرڻ ڪانپوءِ

جيڪڏهن حج جا پانڌيئڙا عزيزيہ وڃڻ چاهن تہ ٻي منزل جي مخرج (يعني خارج ٿيڻ جي جاءِ کان نڪري ڪري هڪ سرنگ يعني زمين دوز رستي جو استعمال ڪندي اُهي پنهنجي بلڊنگ ۾ وڃي سگهن ٿا.

جمرات عمارت جي ٽئين منزل پاڪستاني حج جي پانڌيئڙن جي استعمال هيٺ ناهي ايندي، ان منزل تي اچڻ وارا رستا منیٰ جي اُن حصي مان ايندا آهن جتي صرف ٻين ملڪن جا حاجي سڀ‍ڳورا رهائش رکندڙ هوندا آهن.

ٽرين جي ذريعي رمي جمرات ڏانهن اچڻ وارا حج جا پانڌيئڙا منیٰ کان پنهنجي ويجهي ريلوي اسٽيشن يعني منیٰ اسٽيشن 1 يا منیٰ اسٽيشن 2 کان ريل ۾ سوار ٿيندا آهن ۽ منیٰ اسٽيشن 3 (جيڪو جمرات جي ويجهو آهي) تي لهي ويندا آهن. هتان کان هڪ لنهواريءَ وانگر پُل تي تقريبن 600 ميٽر پنڌ هلڻ ڪانپوءِ اُهي جمرات عمارت جي مٿئين منزل تي پهچندا آهن اتي ٽنهي جمرات تي واري واري سان رمي ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي ڪاٻي هٿ تي نهيل پُل جي مٿان وڃڻ وارا رستا اختيار ڪندي واپس منیٰ اسٽيشن 3 تي هليا ويندا آهن.

مٿئين منزل تي رمي کان واندو ٿي ڪري پُل وارو رستو اختيار ڪرڻ وارن بزرگ عورتن، مردن ۽ ٻارن ڪي اسٽيشن تي پهچائڻ جي لاءِ ننڍين گاڏين جو بندوبست بہ هوندو آهي پنڌ هلڻ وارا حج جا پانڌيئڙا طريق الملڪ عبدالعزيزکي پار يعني عُبور ڪندا آهن ۽ پوءِ آٽوميٽڪ ڏاڪڻين جي ذريعي اسٽيشن وڃڻ واران رستن تي وڃي سگهن ٿا.

رمي جمرات جي ٻنهي طرفن کان ڪري سگهجي ٿي پر جيڪڏهن توهان رمي ڪرڻ وقت جمري جي طرف اهڙي طرح رُخ ڪندا تہ جيئن منیٰ توهان جي ساڄي هٿ جي طرف ۽ مڪ مڪرمہ

ڪابي هٿ جي طرف هجي ته توهان جو هي عمل سنت جي مطابق ٿيندو ۽ جمرات کان واپسيءَ جي لاءِ پنهنجي اُبتي هٿ وارو رستو وٺڻ آسان ٿيندو هي رستو طريق الجوهره طريق سوق العرب، زون 5 ۽ زون 7 ۾ رهڻ وارن حاجين ڪي آسانيءَ سان پنهنجي خيمن جي طرف وٺي ويندو جيڪڏهن منىٰ جي انهن علائقن ۾ رهڻ وارن حاجين واپسيءَ تي جمرات جي ساڄي طرف کان اچڻ وارا رستا اختيار ڪيا ته اُهي انهن ڪي پنهنجي خيمن کان گهڻو پري اتر منيٰ جي طرف وٺي ويندا.

جمرات کان واپسيءَ تي ڪابي طرف نڪرڻ وارا ماڻهو طريق الملڪ فيصل تي اچي نڪرندا ۽ مسجد خيف جي ويجهو گذرندي 50 ڪبري ملڪ خالد جي هيٺان کان گذرندا هيءَ ڳالهه چڱي طرح ذهن نشين ڪندا ته توهان جنهن رستي کان واپس وڃي رهيا آهيو توهان رميءَ لاءِ اچڻ وقت اهو رستو اختيار نه ڪيو هو بلڪ جنهن رستي کان توهان رميءَ جي لاءِ آيا هئا هاڻي اُهو توهان جي ڪابي هٿ جي طرف آهي ڇاڪاڻ ته ياڃ ۽ ڊِڪ ڊِڪان کان بچڻ جي لاءِ رميءَ جي لاءِ اچڻ وارن رستن تي واپس وڃڻ سعودي حڪومت طرفان بند ڪيو ويندو آهي. هاڻي توهان ڪي ڪافي پري تائين واپسيءَ جي لاءِ ٻيو رستو اختيار ڪرڻو پوندو ۽ ڪابي طرف وڃڻ جي لاءِ جيڪوبه پهريون ملڻ وارو رستو ڪُليل ملي نهايت ذهانت سان ان کي اختيار ڪندي پنهنجي گهربل رستي يعني طريق الجوهره يا طريق سوق العرب جي طرف ويندا.

زون نمبر 6 ۾ ڪويتي مسجد جي چئو طرف رهائش رکندڙ حاجي سڳورا رميءَ کان واندي ٿيڻ ڪانپوءِ واپسيءَ تي پنهنجي ڪابي هٿ وارو اتر منيٰ ڏانهن وڃڻ وارو رستو اختيار ڪن ۽ طريق الملڪ فهد تان ٿيندا پنهنجي خيمن ۾ پهچندا.

## مشاعرٽرين:

گذريل ڪجهه سالن کان منىٰ، مزدلفه ۽ عرفات جي وچ ۾ حاجين سڀڱورن جي سفر کي آسان بڻائڻ لاءِ ٽرين جو استعمال ڪيو ويندو آهي. ان مقصد لاءِ انهن جڳهن جي وچ ۾ هڪ پل تي ٻِٽي پٽڙي وڇائي وئي آهي ان سلسلي ۾ ڪجهه خاص ڳالهيون جن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

منىٰ، مزدلفه ۽ عرفات ۾ ٽي ٽي ريلوي اسٽيشنون ٺاهيون ويون آهن انهن اسٽيشنن کي عرفات جي اوپر ڪناري جي طرف کان نمبر الاٽ ڪيا ويا آهن. عرفات جي ميدان ۾ اوپر جي طرف سڀ کان پهرين اسٽيشن عرفات اسٽيشن 1 آهي پوءِ عرفات اسٽيشن 2 ۽ عرفات اسٽيشن 3 آهي. منىٰ ماٿريءَ ۾ به مزدلفه جي طرف پهرين ريلوي اسٽيشن جو نالو منىٰ اسٽيشن1 آهي منىٰ ۾ رهائش رڪندڙ گهڻي ڀاڱي پاڪستاني حج جا پانديئڙا اِهي اسٽيشنون استعمال ڪندا آهن. ان کانپوءِ منىٰ اسٽيشن 2 آهي. هي به ڪيترن پاڪستاني حاجين سڀڱورن جي استعمال هيٺ ايندي آهي ۽ آخر ۾ جمرات وٽ منىٰ اسٽيشن 3 آهي رمي جمرات جي لاءِ اچڻ وارا سيئي حاجي ان ئي اسٽيشن تي لهندا آهن.

هر اسٽيشن جي ٻنهي طرفن کان پليٽ فارم ٺاهيا ويا آهن مسافرن جي حفاظت لاءِ هر پليٽ فارم ۽ ريل جي پٽڙي جي وچ ۾ شيشي جي آڙ (رڪاوٽ) لڳائي وئي آهي جنهن تي ڪيترا ئي دروازا ٺاهيا ويا آهن ٽرين جڏهن بيهندي آهي ته ان جا دروازا شيشي جي رڪاوٽ جي دروازي جي بلڪل سامهون هوندا آهن ۽ مسافرن کي ٽرين ۾ سوار ٿيڻ وقت ڪنهن به مشڪلات جو منهن نه ڏسڻو پوندو آهي.

هر پليٽ فارم تي تقريبن ٽي هزار مسافرن جي ويهڻ جي گنجائش هوندي آهي. پليٽ فارم تي وڃڻ وارن مسافرن جي تعداد يعني انگ کي ڳڻڻ لاءِ ٽرمل ڪيميرائون لڳايون ويون آهن ۽ گهربل تعداد پورو ٿيڻ کانپوءِ پليٽ فارم تي وڃڻ وارن مسافرن کي ان وقت تائين روڪيو ويندو آهي جيستائين اُتي پهريان کان موجود حج جا پانڌيئڙا ٽرين ۾ سوار نہ ٿا ٿين.

چاڪاڻ تہ پليٽ فارمَ زمين کان گهڻو اونچائيءَ تي آهن. انهيءَ ڪري انهن تي وڃڻ لاءِ ڪشاديون ۾ حرڪت ڪندڙ ڏاڪڻين ۽ ڪشادين لفٽن جو انتظام ڪيو ويو آهي. ويل چيئر تي وڃڻ وارا مسافر لفٽن جي مدد سان پليٽ فارم تي ويندا آهن.

ٽرين جي رفتار تقريبن 80 ڪلوميٽر في ڪلاڪ هوندي آهي ۽ هي منىٰ کان عرفات جو سفر صرف 13 منٽن ۾ جڏهن تہ عرفات کان مزدلفہ جو سفر 7 منٽن ۾ طئي ڪندي آهي. مشاعر مقدسہ جي وچ ۾ سفر دوران ٽرين جيتوڻيڪ ڪجهہ منٽ وٺندي آهي پر ان تي سوار ٿيڻ لاءِ گهڻو انتظار ڪرڻو پوندو آهي ٽرين ۾ سوار ٿيڻ وارن مسافرن کي انهن جي مڪتبن جي حساب سان گروپ بندي ڪئي ويندي آهي ۽ انهن گروپن کي مناسب وقفي کانپوءِ پنهنجي پنهنجي نمبر اچڻ تي مڪتب جي ريلوي اسٽيشن تي آندو ويندو آهي ائين ڪجهہ گروپ پليٽ فارم تي انتظار ڪري رهيا هوندا آهن ۽ ڪجهہ گروپ ڏاڪڻين تي انتظار ۾ هوندا آهن. اهڙي طرح ان کان پوءِ اچڻ وارا گروپ ويجهي رستن تي موجود هوندا آهن ۽ انهن جو وارو ان کانپوءِ هوندو آهي ۽ اُهي پنهنجي مڪتبن ۾ انتظار ڪري رهيا هوندا آهن. فرصت ۽ واندڪائي ۽ انتظار جي وقتن کي گذارڻ صبر آزما هوندو آهي پر انهن لمحن کي الله جي ذڪر،تلبيہ ۽ استغفار ۾ گذاريندا تہ مشڪل آسانيءَ ۾ بدلجي ويندي.

ٽرين جي سفر تي وڃڻ وقت پاڻيءَ جي بوتل ۽ ڇٽي پاڻ سان گڏ ضرور رکندا تہ جيئن اُس کان بچي سگهو ۽ اُڃ لڳڻ جي صورت ۾ پاڻي بہ توهان وٽ موجود هجي.

حج جا ڏينهن شروع ٿيڻ کان پهريان مڪتب جا ذميدار ماڻهو حج جي پانڊيئڙن جي بلڊنگ ۾ اچي ڪري انهن کي ٽرين جي ٽڪيٽ ڏئي ڇڏيندا آهن هي هڪ پلاسٽڪ جو پٽو هوندو آهي جنهن کي ٻانهن جي ڪارائيءَ ۾ ٻڌي ڪري محفوظ ڪيو ويندو آهي ۽ اهو پٽو حج جي 5 ڏينهن ۾ استعمال جي قابل هوندو آهي.

ٽرين تي سوار ٿيڻ لاءِ پليٽ فارم تي وڃڻ وقت ٽرين تي سوار ٿيڻ وقت ۽ اهڙي طرح لهڻ وقت صبر جو دامن هٿ مان نہ ڇڏيندا نہ تہ ڌِڪ ڌِڪان ۽ پيهہ پيهان جي ڪري حادثن ٿيڻ جو خطرو وڌي ويندو آهي. منىٰ کان عرفات جي سفر ۾ ٽرين مان لهڻ کان پوءِ مڪتب جي ذميدار ماڻهن يا رضاڪارن جي رهنمائيءَ ۾ پنهنجي مڪتب جي لاءِ مخصوص خيمن ۾ هليا ويندا ۽ اُتي بہ نهايت عاجزيءَ ۽ نوڙت واري حالت ۾ عبادتون ڪندي عرفات جو ڏينهن نهايت قيمتي گذاريندا.

مزدلفہ ۾ ڇاڪاڻ تہ خيما نہ هوندا آهن ۽ هيءَ رات کُلئي آسمان جي هيٺان گذارڻ سنت آهي انهيءَ ڪري عرفات کان مزدلفہ جي سفرڪانپوءِ ٽرين مان لهڻ ڪانپوءِ اسٽيشن جي ويجهو ئي ويهڻ شروع نہ ڪندا بلڪہ ٿورو پري هليا ويندا تہ جيئن ان ڪانپوءِ اچڻ وارن حاجي سڀُورن کي جڳهہ آسانيءَ سان ملي سگهي.

نوٽ: اها ڳالهہ ملحوظ خاطر رهي تہ مشاعر ٽرين جي گنجائش محدود هوندي آهي. گهڻن ملڪن جي حاجين جي منيٰ کان عرفات روانگي ۽ واپسيءَ جي لاءِ مڪتب جي طرفان بسين جو انتظام ڪيو ويندو آهي.

## عرفات جي ميدان جو تعارف:

عرفات جو ميدان مڪ مڪرمہ کان اوڀر ۾ حرم جي حدن کان ٻاهر واقع آهي ان ميدان جي ڊيگهہ چار ڪلو ميٽر ۽ ويڪر ڪٿي ٿي تہ ڪٿي چار ڪلوميٽرن تائين آهي هتي حج جي پانڌيئڙن کي ڇانوَ مهيا ڪرڻ جي لاءِ بي شمار وڻ لڳايا ويا آهن ان ئي ميدان ۾ ”جبل رحمت“ نالي پهاڙ موجود آهي جتي حضور ﷺ خطبہ ”حجتہ الوداع“ ارشاد فرمايو هيو. هتان جي وڏي مسجد جو نالو مسجد نمره آهي جتي حج جو خطبو پڙهيو ويندو آهي هتي ٽرين جون ٽي اسٽيشنون آهن هن ميدان ۾ 9 ذوالحج جو حاضر ٿي ڪري دعائون گهرڻ حج جو رڪن اعظم آهي.

## مزدلفہ:

مزدلفہ ، منيٰ ۽ عرفات جي وچ ۾ واقع آهي. مزلفہ کان عرفات جو مفاصلو تقريبن 7 ڪلوميٽر آهي هتان جي وڏي مسجد جو نالو مسجد مشعرالحرام آهي. مشعرالحرام نالي جبل بہ هتي واقع آهي، مزدلفہ ۾ بہ عرفات ۽ منيٰ وانگر ٽي ئي ريلوي اسٽيشنون آهن هتي گهٽي تعداد ۾ طهارت خانہ بہ موجود هوندا آهن. مزدلفہ جيتوڻيڪ هڪ ڪشادي ماٿري آهي، پر 10 ذوالحج جو مغرب کان پوءِ جڏهن حج جا پانڌيئڙا عرفات کان مزدلفہ جو سفر ڪندا آهن تہ رات جو هتي پير رکڻ جي جڳهہ بہ ناهي ملندي.

## باب پنجون؛
## حج جو طريقو

### حج جا قسم

### حج افراد:
يعني حج جي ڏينهن ۾ صرف حج جي ادائگيءَ جي لاءِ احرام ٻڌڻ ۽ عمرو نہ ڪرڻ. ان ۾ قرباني واجب نہ آهي.

### حج تمتع:
هڪ ئي سفر ۾ پهريان عمري جو احرام ٻڌو. طواف ۽ سعي کان پوءِ حلق ڪرائي هن احرام مان واندو ٿي ويو. پوءِ حج جو وقت آيو تہ حج جو احرام ٻڌو. ڇاڪاڻ تہ هڪ ئي وقت ۾ ٻن عبادتن کي ملائي ڪري فائدو حاصل ڪيو ويو ان ڪي حج تمتع چوندا آهن ۽ تمتع ڪرڻ واري کي متمتع چئبو آهي ۽ ان تي شڪراني جي قرباني واجب هوندي آهي. پاڪستاني حج جا پانڌيئڙا اڪثر ڪري حج تمتع ئي ڪندا آهن.

### حج قران:
هڪ ئي وقت ۾ حج ۽ عمري جو احرام ٻڌو، پهريان عمري جا رڪن ادا ڪيا، اهڙي طرح عمري جي سعيءَ کان پوءِ حلق يا قصر نہ ڪرائي بلڪي طواف قدوم ۾ دستور مطابق احرام جي حالت ۾ رهيو ايستائين جو حج جي ڏينهن ۾حج جا رڪن ادا ڪري حلق يا

قصر ڪرائي ۽ احرام مان واندو ٿيو. حج قران ڪرڻ واري تي به قرباني واجب ٿيندي آهي.

**حج جا ڏينهن:**

**يوم ترويه:** 8 ذوالحج کي يوم ترويه چئبو آهي. ان ڏينهن حج جا پانڌيئڙا مڪه مڪرمه کان منيٰ جي طرف سفر جي شروعات ڪندا هئا.

**يوم عرفه:** 9 ذوالحج کي يوم عرفه چئبو آهي. ان ڏينهن حج جا پانڌيئڙا منيٰ کان عرفات جو سفر ڪندا آهن. سڄو ڏينهن عرفات جي ميدان ۾ گذاريو ويندو آهي ۽ سج لهڻ کان پوءِ مزدلفه جي سفر جي شروعات ڪئي ويندي آهي.

**ايام نحر:** 10 ذوالحج کان 12 ذوالحج جي ڏينهن کي ايام نحر چيو ويندو آهي.

**ايام رمي:** 10 ذوالحج کان 13 ذوالحج جي ڏينهن کي ايام رمي چوندا آهن.

**ايام تشريق:** 9 ذوالحج فجر کان 13 ذوالحج عصر تائين جي ڏينهن کي ايام تشريق چيو ويندو آهي. انهن ڏينهن ۾ حاجي ۽ غير حاجي جتي به هجن فرض نمازن جي سلام ورائڻ کان پوءِ هڪ دم ايام تشريق جون تڪبيرون چوندا آهن. جيڪي هيٺ لکيل آهن:

اَللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ

**حج جا عمل:**

8 ذوالحج کان 12 ذوالحج جي وچ ۾ حج جا هيٺ درج ٿيل عمل ادا ڪيا ويندا آهن. (13 ذوالحج جو ڏينهن اختياري هوندو آهي)

## حج جا فرض:

حج جا ٽي فرض آهن.

1. احرام ۽ نيت. 2. وقوفِ عرفات .3. طوافِ زيارت.

جنهن ۾ هڪ فرض ۾ ڇڏي ڏنو ان جو حج مڪمل نہ ٿيندو. پر جيڪڏهن ڪو شخص طواف زيارت وقت تي نہ ڪري سگهي ۽ دير سان ڪري تہ طواف ڪان پوءِ ان جو دم ۾ ڏيڻو پوندو.

**نوٽ:**”دم“ مان مراد گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال جو ننڍو جانور (يعني ٻڪرو يا ٻڪري، دنبو يا دنبي) يا وڏي جانور ڳئون يا اُٺ جو ستون حصو آهي. جيڪو حج يا عمري جو واجب گسي وڃڻ يا ڪو منع ڪيل ڪم ڪرڻ سان فديہ جي طور تي لازمي ڏيڻو هوندو آهي. هي دم حرم جي حدن ۾ ڏيڻ لازمي آهي. ان کي حاجي يا ڪنهن مالدار کي ڪارائڻ جائز نہ آهي.

**حج جا واجب:** حج جا واجب هي آهن.

1. وقوف مزدلفہ. 2. رمي جمرات (شيطانن کي پٿريون هڻڻ).
3. قرباني. 4. **حلق** / قصر.
5. سعي (طواف زيارت ڪان پوءِ) 6. طواف وداع.

## احرام:

ڇاڪاڻ تہ منيٰ جي لاءِ حاجي سڳورن جي روانگي 7 ذوالحج جي شام ڪان شروع ٿي ويندي آهي انهيءَ ڪري ان ڪان پهريان حجامت / غير ضروري وارن جي صفائي ۽ ننهن ڪٽڻ ڪان پوءِ احرام جي نيت سان غسل نہ تہ وضو ڪندا. حج تمتع ڪرڻ وارا مرد ۽ عورتون مڪہ مڪرمہ ۾ پنهنجي رهائش گاهہ ڪان ئي احرام جو لباس

پائي ڇڏيندا. فرض نماز کان پوءِ احرام ٻڌڻ مسنون آهي پر جيڪڏهن فرض نماز جو وقت نہ هجي تہ ٻہ رڪعتون نفل پڙهي ڪري ٻہ احرام جي نيت ڪري سگهجي ٿي. جيڪڏهن نماز جي لحاظ کان مڪروھ وقت هجي تہ نفل ڇڏي ڏيندا.

## حج جي نيت:

اَللّٰھُمَّ اِنِّیۡ اُرِیۡدُ الۡحَجَّ فَیَسِّرۡهُ لِیۡ وَتَقَبَّلۡهُ مِنِّیۡ وَاَعِنِّیۡ عَلَیۡهِ وَبَارِكۡ لِیۡ فِیۡهِ نَوَیۡتُ الۡحَجَّ وَاَحۡرَمۡتُ بِهٖ لِلّٰهِ تَعَالٰی

" اي الله مان حج جي نيت ڪريان ٿو پوءِ ان کي منهنجي لاءِ آسان ڪري ڇڏ ۽ مون کان قبول فرماءِ ۽ ان ۾ منهنجي مدد فرماءِ. ۽ ان ۾منهنجي لاءِ برڪت وجھ. نيت ڪئي مون حج جي ۽ احرام ٻڌو الله تعاليٰ جي لاءِ".

يا

لَبَّيۡكَ حَجَّةً

اي الله مان حج جي لاءِ حاضر آهيان.

ان کان هڪ دم پوءِ عورتون آهستي جڏهن تہ مرد ٿورڙو وڏي آواز ۾ ٽي دفعا تلبيو پڙهندا، آهستي آواز سان درود شريف پڙهندا ۽ دعا بہ گهرندا، هاڻي توهان تي هڪ دفعو ٻيهر احرام جون پابنديون لاڳو ٿي ويون.

## منيٰ جي لاءِ روانگي:

منيٰ جي لاءِ روانگي 8 ذوالحج جي فجر کان پهريان يا رات جو ڪنهن بہ وقت ٿي سگهي ٿي. ان ۾ ڪوئي حرج نہ آهي. منيٰ روانو ٿيڻ وقت پاڻ سان گڏ مختصر سامان کڻي ويندا. هڪ عدد

شلوار قميص، چپل، چٽي، ٽشو پيپر، ڪاٺ پيٽڻ جي لاءِ شيون، ضروري دوائون ، پٽراٽي، ٽوٿ پيسٽ / برش، ڪاٺ جو ڏندڻ، احرام جي وڏيڪ چادر، ٽوال، ڪاٺ ۽ چانهه جا مختصر ٿانو، چمچا وغيره ۽ سفر جي دوران خرچ لا رقم ساڻ کڻي ويندا.

منيٰ ۾ حج جا پانڌيئڙا 8 ذوالحج جو ظهر، عصر، مغرب، عشاء جون نمازون ادا ڪندا آهن ۽ 9 ذوالحج جو فجر جي نماز کان پوءِ سج چڱي طرح نڪري اچڻ کان پوءِ منيٰ کان عرفات روانا ٿيندا آهن. منيٰ ۾ ترسڻ دوران يعني 8 ذوالحج جو ۽ پوءِ 10 کان 13 ذوالحج جون نمازون پنهنجي پنهنجي خيمن ۾ ئي باجماعت ادا ڪيون وينديون آهن.

## عرفات جي لاءِ روانگي (9 ذوالحج):

9 ذوالحج جي صبح سج اڀرڻ کان پوءِ عرفات لاءِ روانو ٿيڻو هوندو آهي. انتهائي مجبوري يا معلم جي انتظام جي صورت ۾ فجر کان پهريان پهچڻ ۾ به ڪوئي حرج نه آهي، رستي ۾ تلبيه، تڪبير، تهليل ڪندا رهندا. جيتوڻيڪ عرفات پهچڻ جو وقت ظهر تائين آهي تنهن هوندي به رش جي ڪري دير ٿي وڃي ته پريشان نه ٿيندا.

## عرفات ۾ حج جو خطبو:

جيڪي ماڻهو مسجد نمره وڃي سگهن تا اُهي مسجد ۾ اِمام جي پويان نماز پڙهن ۽ جيڪي نه وڃي سگهن اُهي پنهنجي خيمن ۾ ئي جماعت ڪرائن يا پنهنجي نماز پڙهن. عرفات جي ميدان ۾ مسجد نمره ۾ حج جو خطبو ڏنو ويندو آهي، اتي ظهر ۽ عصر جون نمازون ملائي ڪري پڙهيون وينديون، نمازون قصر ٿينديون، هڪ

آذان ۽ ٻن اقامتن سان گڏ. ٻنهي نمازن جي وچ ۾ ڪائي سنت يا نفل ناهن پڙهڻا. (حنفي مسلڪ جي تحت خيمن ۾ نماز جي صورت ۾ ظُهر ۽ عصر جون نمازون الڳ الڳ پنهنجي پنهنجي وقتن تي پڙهيون وينديون).

## وَقوفِ عرفات (فرض)

ظهر ۽ عصر جي نماز پڙهڻ کان پوءِ مغرب تائين قبلہ رُخ تي ڪري دعائون گهرندا ان کي وقوف عرفات چوندا آهن. هٿ مٿي ڪري دُعا گهرڻ مسنون آهي. بيماري، ڪمزوري ۽ ڪراڙپ جي ڪري دعا ويهي ٻہ گهري سگهجي ٿي. ٿڪجڻ جي صورت ۾ ٿوري دير ويهي رهندا ۽ پوءِ بيهي رهندا. عرفات ۾ آرام جي نيت سان ۽ بيڪار وقت نہ گذاريندا ۽ نہ ئي وڏيڪ ڪائڻ پيئڻ ۾ مشغول رهندا. جيڪڏهن ڪوئي ماڻهو مغرب کان ٿورو پهريان بہ عرفات پهچي ويو تہ ان جو وقوف ٿي ويو. حاجي سڳورن جي لاءِ عرفہ جو روزو رکڻ منع آهي. عرفات جو وقوف حج جو لازمي رُڪن آهي چاڪاڻ تہ اهڙي نموني جيڪڏهن هي فوت ٿي وڃي تہ حج ادا نہ ٿيندو. انهيءَ ڪري جيڪي ماڻهو بيمار ٿي پوندا آهن ۽ اسپتال ۾ هوندا آهن انهن کي سعودي حڪومت طرفان ايمبولينس جي ذريعي عرفات پهچايو ويندو آهي. انتهائي عذر جي صورت ۾ 10 ذوالحج جي فجر کان پهريان پهچڻ واري شخص جو بہ وقوف ٿي ويندو آهي.

## ميدان عرفات جي دعا:

لَا إِلٰهَ إِلَّااللّٰهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ , لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيِيْ وَ يُمِيْتُ بِيَدِهِ الْخَيْرُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ

"الله کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق نہ آهي هو اڪيلو آهي ان جو ڪوئي شريڪ نہ آهي، بادشاهي ان جي لاءِ آهي، حمد جي لائق اُهو ئي آهي ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي."

**مزدلفہ جي لاءِ روانگي:**

9 ذوالحج جو سج لهڻ کان پوءِ مغرب جي نماز پڙهڻ کان بغير پنڌ، بس يا ٽرين جي ذريعي عرفات جي ميدان کان مزدلفہ جي لاءِ روانگي شروع ٿيندي آهي. مغرب جي نماز عرفات ۾ ناهي پڙهڻي توڙي جو روانگيءَ ۾ دير ٿي وڃي.

**مزدلفہ ۾ ترسڻ (واجب):**

مزدلفہ پهچي ڪري مغرب ۽ عشاء جون نمازون عشاء جي وقت ۾ ڪنيون ڪري پڙهڻيون آهن. جنهن وقت بہ مزدلفہ پهچو اطمينان سان نمازون ادا ڪندا ۽ مزدلفہ جي رات آرام ڪندا، اهو ئي مسنون آهي. رمي جي لاءِ مٽر جي داڻن جيتريون گهٽ ۾ گهٽ 70 پٿريون گڏ ڪندا. (10 ذوالحج جي لاءِ 7 پٿريون، 11 ۽ 12 ذوالحج جي لاءِ 21، 21 ۽ جيڪڏهن 13 ذوالحج جو بہ رمي ڪرڻي آهي تہ وڌيڪ 21 پٿريون). 10 ذوالحج جو صبح جو فجر کان پوءِ ڪجهہ دير قبلہ رُخ بيهي ڪري دعائون گهرڻ ڪي وقوف مزدلفہ چئبو آهي.

**منيٰ جي لاءِ روانگي (10 ذوالحج):**

10 ذوالحج جي صبح فجر جي نماز ۽ وقوف مزدلفہ کان پوءِ سج ايرڻ کان پهريان منيٰ جي لاءِ روانگي ٿيندي. ان ڏينهن جڏهن حج جا پانڌيئڙا مزدلفہ کان منيٰ ۽ پوءِ رمي جمرات جي لاءِ پنڌ هلڻ واري رستي تي هلندا آهن رستي ۾ سعودي قانون نافذ ڪرڻ وارن

ادارن جا اهلڪار حج جي پانديئڙن ڪي وڏيڪ سامان پاڻ سان گڏ کڻي وڃڻ جي اجازت ناهن ڏيندا. ڇاڪاڻ تہ ان سامان جي ڪري جمرات جي علائقن ۾ ٻين ڪي ايذاءُ پهچندو آهي ۽ حادثن جو خطرو بہ هوندو آهي. تنهنڪري بهتر اهو ٿيندو جو مزدلفہ کان منيٰ پهچڻ کان پوءِ پهريان پنهنجو واڌو سامان يعني بيگ، پٿراٽي ۽ ڇٽي وغيره پنهنجي خيمن ۾ رکندا ۽ پوءِ رمي جمرات يعني پٿريون هڻڻ ويندا. اڄ حاجي سڳورن جو مصروف ترين ڏينهن آهي. منيٰ ۾ اڄ حاجي سڳورن جي اهم حج جي فعلن ۾ جمرهء عقبہ جي رمي، قرباني ۽ حلق يا قصر شامل آهي.

## جمرہ عقبہ جي رمي (واجب 10 ذوالحج)

جن جڳهن تي پٿريون هنيون وينديون آهن انهن کي جمرات چوندا آهن. رميءَ جي معنىٰ هڻڻ آهي ۽ پٿرين کي جمار چوندا آهن. جن ٽن جڳهن تي رمي جمار ٿيندي آهي انهن کي جمرهء عقبہ، جمرهء وسطيٰ ۽ جمرهء اوليٰ يا اخريٰ چوندا آهن. 10ذوالحج جو منىٰ پهچي ڪري صرف جمرهء عقبہ جي رمي ڪرڻ واجب آهي. مسنون وقت سج اڀرڻ کان زوال تائين آهي پر سعودي علماء جي فتوائن جي مطابق موجوده حالتن جي پيش نظر مغرب تائين بلڪ مغرب کان پوءِ بہ بغير ڪنهن ڪراهت جي جائز آهي. (ڪمزور، عورتن ۽ ٻارن جي طرف کان وڪيل رمي ڪري سگهي ٿو). رمي کان پهريان تلبيہ پڙهڻ بند ڪندا. رميءَ جي لاءِ پٿريون مٽر جي داڻن جي برابر هجن. وڏا وڏا پٿر نہ هڻڻ گهرجن ۽ نہ ئي جوتو يا ڪا ٻي شيءِ. رميءَ جي وقت اڪثر حادثا ٿيندا آهن. هتي ڏاڍو احتياط ڪندا ۽ پاڻ سان گڏ سامان نہ کڻي ويندا. جنهن رستي تي وڃي رهيا آهيو ان رستي کان واپس نہ موٽندا. رش جي ڪري رستي ۾ ويهڻ يا بيهڻ کان بہ پاسو ڪندا.

رمي ڪرڻ وقت خيال رکڻ جي هڪ خاص ڳالهه هي آهي تہ جمري ڪان ٿورو پر پرو ٿي ڪري ان جي اڳئين حصي ۾ وجي ڪري رمي ڪندا اتي اڪثر ڪري رش تمام گهٽ هوندي آهي.

## رمي جمار جي دعا:

رمي جمرات وقت ساڄي هٿ سان هر پٿري هڻڻ وقت هي چوڻ مسنون آهي.

بسم الله الله اڪبر

## قرباني(واجب/10 ذوالحج):

قربان گاهہ تي وڃي ڪري پاڻ قرباني ڪرڻ اڄڪلهہ نهايت مشڪل ۽ ٿڪائي ڇڏڻ وارو عمل آهي. وزارت مذهبي امور حج جي پانڌيئڙن جي سهولت جي لاءِ حج درخواستن سان گڏ قرباني جي رقم جي وصولي جو بندوبست ڪيو آهي جنهن جا ڪوپن حاجي سڳورن کي سعودي عرب ۾ انهن جي رهائش گاهن تي حج کان پهريان ڏنا ويندا آهن. ۽ قربانيءَ جو وقت بہ ٻڌايو ويندو آهي. ان وقت تائين انتظار ڪرڻ ڪان پوءِ حلق يا قصر ڪرائي ڇڏجي. جيڪي حج جا پانڌيئڙا سعودي عرب ۾ پنهنجي طور تي قرباني ڪرڻ چاهن يا ڪنهن ڳالهہ جي ڪري دم جي ادائگيءَ ڪرڻ چاهن تہ انهن جي سهولت جي لاءِ حرم ڪان ٻاهران سعودي اِدارن جي مخصوص ڪائنٽرن تي بہ رقم جمع ڪرائي قرباني/ دم جا ٽوڪن پڻ حاصل ڪري سگهجن ٿا.

**حلق يا قصر(واجب، 10 ذوالحج):**

جمرهء عقبه (وڏي شيطان) جي رميءَ کان واپس اچي ڪري قرباني کان پوءِ حلق (وار ڪوڙائڻ) يا قصر (پوري مٿي جا وار هڪ آنگر جي ويڙهي جي برابر ڪترائڻ) ڪترائيندا. جيڪڏهن پهرين عمري کان پوءِ حلق ڪرائي هئي تڏهن به بيهر پاڪي ڦيرائڻي پوندي. عورتن جي لاءِ مٿو ڪوڙائڻ جائز ناهي، آڱر جي هڪ ويڙهي يا انچ يا ان کان وڌيڪ سمورا يا گهٽ ۾ گهٽ چوٿائي وارن جي چوٽي پڪڙي ڪري ڪٽائيندا. حلق يا قصر ڪانپوءِ ننهن به ڪٽڻ مستحب آهن.

**نوٽ:** مرد حاجي سڳورا حجمن جي دڪانن تي وڃي ڪري حلق يا قصر ڪرائين.

**احرام کولي ڪري عام لباس پائڻ (10 ذوالحج):**

حلق يا قصر کان پوءِ احرام جو لباس بدلائي ڪري عام لباس پائيندا. وهنجي سهنجي مير مٿي صاف ڪندا. هاڻي احرام جون سيئي پابنديون ختم ٿي ويون سواءِ ازدواجي (زال مڙس جي تعلق) جي ادائگيءَ جي، جنهن جي پابندي طواف افاضه يا طواف زيارت کان پوءِ ختم ٿيندي. (حج جي دوران اُن ڏينهن عيد جي نماز ناهي پڙهڻي هوندي حاجي جي لاءِ عيد ملهائڻ جو ڪوئي تصور ناهي).

**طواف زيارت/طوافِ اضافه جي لاءِ روانگي: (فرض/10 ذوالحج)**

قرآن پاڪ ۾ هڪ جڳهه تي ارشاد آهي:

ترجمو:"۽ ڪجهه مقرر مهينن ۾ انهن جانورن (جي قرباني) تي الله جو نالو وٺو جيڪي ان انهن کي بخشيا آهن، پاڻ به کائو ۽ تنگ دست محتاجن

ڪي ٻه ڏيو پوءِ پنهنجي مير متي صاف ڪندا ۽ پنهنجا صدقا پورا ڪندا ۽ هن آڳاٽي گهر جو طواف ڪندا". (الحج 29-28)

مير متي صاف ڪندا "يعني يوم نحّر (10 ذوالحج) جو قربانيءَ ڪان واندا ٿي ڪري حجامت ڪرائيندا، وهنجندا.

"هن آڳاٽي گهر جو طواف ڪندا" مان مراد طواف زيارت آهي جيڪو يوم نحر جي قرباني ڪرڻ ۽ احرام کولي ڇڏڻ ڪان پوءِ ڪيو ويندو آهي. خيال رهي ته طواف زيارت پنهنجي روز مره جي ڪپڙن ۾ ڪيو ويندو آهي. طواف زيارت جو افضل وقت ڏهين ذوالحج آهي ۽ هي ٻارهين تاريخ جي سج لهڻ تائين ڪري ڇڏيو ته جائز آهي. ۽ جيڪڏهن ٻارهين تاريخ گذري وئي ۽ طواف زيارت نه ڪيو ته دير ٿيڻ جي ڪري دم ڏيڻ واجب ٿيندو ۽ طواف ٻه ڪرڻو پوندو. هي طواف ڪنهن به حال ۾ ساقط ناهي ٿيندو ۽ نه ئي ان جو ڪوئي بدلو ڏئي ڪري ادا ٿي سگهي ٿو، بلڪي آخري عمر تائين ان جي ادائيگي فرض رهندي آهي ۽ جيستائين ان ڪي ادا نه ڪيو ويندو زال مڙس جي متعلق پابنديون برقرار رهنديون. توهان جڏهن طواف زيارت ڪري ڇڏيو ته هاڻي  زال مڙس جي متعلق پابندين سميت احرام جون سمورين پابنديون ختم ٿي ويون. هاڻي توهان لاءِ جيڪو ڪجهه احرام جي حالت ۾ حرام هيو اُهي سڀ حلال ٿي ويا.

محترم عورتن جي لاءِ ڪجهه اهڙيون حالتون هونديون آهن جيڪي انهن ڪي فطري طور تي پيش اينديون آهن. جن جي ڪري انهن جو مسجد ۾ داخل ٿيڻ ، نماز پڙهڻ ۽ قرآن جي تلاوت ڪرڻ جي بندش هوندي آهي. جيڪڏهن حج ۾ اهڙي صورت پيش اچي ته اُهي حج جا سمورا معاملا سرانجام ڏينديون. صرف طواف ان وقت تائين نه ڪنديون جيستائين اُهي پاڪ نه ٿيون ٿين. ان ۾ دير ٿيڻ سان دم واجب ناهي ٿيندو ۽ نه ڪنهن طرح جو گناهه ٿيندو آهي.

**طواف زيارت کان پوءِ صفا مروه جي وچ ۾ سعي: (واجب)**

طواف زيارت کانپوءِ صفا مروه جي وچ ۾ سعي واجب آهي. هيءَ سعي توهان احرام کان سواءِ پنهنجي روزمره جي ڪپڙن ۾ ڪندا ڇاڪاڻ ته احرام ان کان پهريان ختم ٿي ويندو آهي. هاڻي توهان احرام جي پابندين کان مڪمل طور تي آجا ٿي ويا.

طواف ۽ سعي کان واندا ٿي ڪري وري منيٰ هليا ويندا، رات هر حالت ۾ منيٰ ۾ ئي گذارڻي آهي توڙي جو رات جي ڪنهن به حصي ۾ طواف کان واندا ٿيو. طواف زيات کان پوءِ به راتيون ۽ به ڏينهن منيٰ ۾ ترسڻو آهي. قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

ترجمو:" ۽ ڳڻيلن ڏينهن (مِنيٰ وارن) ۾ الله کي ياد ڪريو، پوءِ جيڪو ٻن ڏينهن ۾ تڪڙو نڪري تنهن تي گناهه ڪونهي، ۽ جيڪو دير ڪري تنهن تي (به) گناهه نه آهي (اهو حُڪم) اُن لاءِ آهي جيڪو پرهيزگاري ڪري، ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو ته اوهين ڏانهس گڏ ڪيا ويندؤ". (البقرة 203)

يعني ايام تشريق ۾ منيٰ کان مڪ جي طرف واپسي توڙي 12 ذوالحج جو هجي يا 13 ذوالحج جو هجي، ٻنهي صورتن ۾ ڪوئي حرج نه آهي. اهميت ان جي نه آهي ته توهان ڪيترا ڏينهن ترسيا بلڪي ان ڳالهه جي آهي ته جيترا ڏينهن ترسيا انهن ۾ الله جو ذڪر ڪندا رهيا يا صرف گهمڻ ڦرڻ يا فضول ڳالهين ۾ وقت ضايع ڪيو.

**11 ذوالحج حج جو پنجون ڏينهن: (منيٰ ۾ ترسڻ- پٿريون هڻڻ، واجب)**

جيڪڏهن توهان ڪنهن ڳالهه جي ڪري يا رش وڌيڪ هجڻ جي ڪري ڏهين تاريخ تي قرباني يا طواف زيارت نه ڪري سگهيا

آهيو تہ اج ڪري ونو. يارهين، ٻارهين، تيرهين ذوالحج جو "ايام رمي" يعني (شيطانن کي پٿريون هڻڻ جو ڏينهن) چوندا آهن. ان لاءِ انهن ڏينهن ۾ رمي ئي اها عبادت آهي جنهن جي لاءِ منيٰ ۾ ترسڻ سنت مُوڪده آهي ۽ ڪجهہ علماء جي ويجهو واجب آهي ۽ منيٰ کان ٻاهر مڪ مڪرمہ يا ڪنهن ٻي جڳهہ تي رات گذارڻ تي بندش آهي.

منيٰ جي وڏي مسجد کان جنهن جو نالو مسجد خيف آهي، جيڪڏهن آساني سان تي سگهي ۽ توهان مسجد جي ويجهو رهائش پذير آهيو تہ زوال کان پوءِ ظهر جي نماز جماعت سان مسجد خيف ۾ يا پنهنجي رهائش گاهہ تي ادا ڪندا ۽ رمي (پٿريون هڻڻ) جي لاءِ نڪري ويندا. اڄ جي ڏينهن يعنيٰ يارهين ذوالحج جو ٽنهي جمرن جي رمي ڪرڻي آهي. اڄ رمي (پٿريون هڻڻ) جو وقت زوال کان شروع ٿي ڪري سج لهڻ تائين آهي. ۽ هاڻي مغرب کان پوءِ بہ جائز آهي، صبح صادق کان پهريان تائين. رستي ۾ سڀ کان پهريان "جمره اُوليٰ" ايندو، بلڪل اهڙي جهڙي طرح جمره عقبہ جي رمي ڪئي هئي، ان کي ست پٿريون هڻندا ۽ هر پٿريءَ تي بسم الله الله اڪبر پڙهندا. رميءَ کان پوءِ ٿورو ساڄي طرف هٽي ڪري قبلي رُخ ٿي ڪري دعا گهرندا. توبهہ، استغفار ۽ تسبيح ۽ ذڪر کان پوءِ درود شريف پڙهندا. پنهنجي لاءِ دعائون گهرندا، پنهنجي مٽن مائٽن ۽ دوستن جي لاءِ دعا گهرندا. جيڪڏهن رش وڌيڪ هجي تہ اڳتي وڌي ويندا. ۽ ان کان پوءِ "جمره وُسطيٰ" تي ايندا ۽ اهڙي طرح ست پٿريون ان کي هڻندا جهڙي طرح "جمره اُوليٰ" کي هنيون هيون ۽ ٿورو کاٻي پاسي هٽي ڪري قبلي جي طرف ٿي ڪري دعا گهرندا ۽ ايتري دير ئي ويهندا جيتري دير "جمره اُوليٰ" تي ويٺا هئا. ان کان پوءِ "جمره عقبہ" تي ايندا. اهڙي طرح ست پٿريون ان کي بہ هڻندا جهڙي طرح پهريان هنيون هيون. پر هن جمره تي ويهڻ يا دعا گهرڻ جي ڪائي ثابتي نٿي ملي. ان کان

پوءِ سڌو پنهنجي رهائش گاهه ڏانهن هليا ويندا ڇاڪاڻ تہ رسول اللهﷺ جن ائين ئي ڪيو هيو.

**12 ذوالحج-حج جو پنجون ڏينهن:(منيٰ ۾ ترسڻ-پٿريون هڻڻ,واجب)**

جيڪڏهن توهان قرباني يا طواف زيارت يارهين ذوالحج جو بہ نہ ڪيو تہ اڄ ڪري سگهو ٿا، اڄ جو مخصوص عمل ٽنهي جمرات کي زوال کان پوءِ رمي ڪرڻ پڻ آهي. بلڪل انهيءَ ترتيب سان اهڙي طريقي سان جهڙي طرح توهان ڪالهہ ڪري چڪا آهيو.

يارهين ۽ ٻارهين تاريخ تي رميءُ جو وقت زوال کان پوءِ شروع ٿيندو آهي. ان کان پهريان رمي ڪرڻ جائز نہ آهي. زوال کان پوءِ سج لهڻ تائين جائز آهي پر تمام گهڻي رش جي ڪري جيڪڏهن توهان رمي نہ ڪري سگهيا تہ سج لهڻ کان پوءِ صبح صادق کان پهريان تائين جائز آهي (اڄڪلهہ ڪجهہ عرب علماء ڪرامن وڏي انبوهہ جي صورت ۾ زوال کان پهريان بہ رميءَ جي فتويٰ ڏني آهي) ڪراڙن، بيمارن ۽ عورتن کي پڻ رات جي وقت ئي رمي ڪرڻ بهتر آهي ڇاڪاڻ تہ ان وقت رش گهٽ هوندي آهي.

ٻارنهن ذوالحج جي رميءَ کان پوءِ تيرنهن ذوالحج جي رميءَ جي لاءِ منيٰ ۾ وڌيڪ ترسڻ ۽ نہ ترسڻ توهان تي اختياري آهي. توهان چاهيو تہ توهان اڄ ٻارنهن ذوالحج جي رمي کان واندا ٿي ڪري مڪہ معظمہ وڃي سگهو ٿا انهيءَ شرط تي تہ سج لهڻ کان پهريان منيٰ کان نڪري ويندا. جيڪڏهن ٻارهين ذوالحج جو سج لهڻ کان پهريان توهان منيٰ کان نہ نڪري سگهيا تہ هاڻي منيٰ مان وڃڻ مڪروهہ آهي. جيڪڏهن توهان 13 ذوالحج جو صبح صادق تائين منيٰ ۾ رهيا ۽ رميءَ کان بغير هليا ويا تہ دم ڏيڻو پوندو.(توهان کي گهرجي تہ هاڻي

ٻارهين ذوالحج جي رات منيٰ ۾ ئي گذاريندا ۽ 13 ذوالحج جو ٽنهي جمرات جي رمي ڪري مڪ مڪرم ويندا).

12 ذوالحج جو ظهر ۽ عصر جي وچ ۾ منيٰ کان هڪ دفعو ٻيهر هي قافلا مڪ معظم جي طرف ڊوڙندڙ هوندا. اُهي سڀ پنهنجي خوش بختيءَ تي فخر ڪندڙ آهن . اهي ان ڳالھ تي خوش ۽ آسودا آهن ت انهن الله جي حڪم تي، پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون تقويٰ سان گڏ گذاريون. هاڻي حج جا سيئي رڪن ادا ٿي چڪا آهن. صرف طواف وداع باقي رهجي ويو آهي ۽ ماشاء الله حج جي سعادت عظميٰ توهان کي حاصل ٿي چڪي آهي. (توهان کي مبارڪون هجن).

**نوٽ: سعودي هدايتن ۾ مشوري جي مطابق 50 سيڪڙو حاجين کي 13 ذوالحج تائين منيٰ ۾ رهڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ مڪتب جي طرف کان مليل هدايتن تي عمل ڪرڻ ضروري آهي تنهنڪري حاجين کي مڪتبن جي شيڊول جي مطابق مڪ مڪرم جي عمارتن (بلڊنگز) ڏانهن راوانو ڪيو ويندو.**

## طواف وداع:

ميقات کان ٻاهر رهڻ وارن تي واجب آهي ت جڏهن هو مڪ معظم کان روانو ٿيڻ مهل موڪلاڻيءَ جو طواف ڪن ۽ هي حج جو آخري واجب آهي. توهان جو حج "حج افرد" هجي "قران" هجي يا "تمتع" هر صورت ۾ توهان تي طواف وداع واجب آهي.

جيڪڏهن توهان ميقات کان ٻاهر رهڻ وارا آهيو ۽ طواف زيارت کان پوءِ جيڪڏهن توهان نفلي طواف ب ڪري ڇڏيو آهي ت طواف وداع ٿي ويو ۽ جيڪڏهن طواف وداع کان پوءِ ڪنهن ضرورت سان مڪ ۾ ترسي پيا ت هلڻ وقت طواف وداع ٻيهر ڪرڻ مستحب آهي. طواف وداع جو وقت طواف زيارت کان پوءِ شروع

ٿيندو آهي ۽ پُڄاڻيءَ جو ڪوئي وقت مقرر ناهي. جيستائين مڪي ۾ ترسيل آهيو هي طواف ڪري سگهو ٿا. طواف وداع ۾ رمل نہ ڪندا ۽ طواف کان پوءِ ٻہ رڪعتون واجب الطواف پڙهندا، ان کان پوءِ پيٽ ڀري ڪري زم زم پيئندا ۽ پنهنجي سيني ۽ بدن تي لڳائيندا، جيڪڏهن ٿي سگهي تہ ملتزم سان چمبڙي ڪري ۽ ممڪن ٿئي تہ خانہ ڪعبہ جو غلاف پڪڙي ڪري روئندي نهايت عاجزيءَ سان دعائون گهرندا ۽ الله اڪبر چئي ڪري خانہ ڪعبہ کان جدا ٿيڻ تي افسوس جو اظهار ڪندا.

هن آخري طواف جي موقعي تي بہ جيڪو ڪجهہ چاهيو گهرندا. دل کولي ڪري پنهنجي لاءِ دعائون گهرندا، مغفرت، تندرستي، سلامتي، ايمان، حج ۽ ڪاروبار ۾ برڪت. خاتمہ باالخير (نيڪيءَ واري پڄاڻي) حاجتون ۽ مرادون جيڪي بہ هجن، پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي مٽن ۽ مائٽن جي لاءِ ۽ سيني ڄاڻ سڃاڻ وارن ۽ پوري امت جي لاءِ دعائون گهرندا. (هن ناچيز کي بہ دعائن ۾ ياد رکندا تہ توهان جي وڏي مهرباني ٿيندي).

الحمدلله حج جا سڀئي ڪم پورا ٿي ويا. الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪندا تہ ان توهان کي زندگيءَ جو ايترو وڏو اعزاز بخشيو. پنهنجي گهر ۾ گهرايو، پنهنجي گهر کي ڇهڻ جو موقعو ڏنو، عرفات جي ميدان ۾ ترسڻ عطا ڪيو.

## مناسڪ حج هڪ نظر ۾

| | |
|---|---|
| حج جو پهريون ڏينهن<br>8 ذوالحج | مڪي کان منيٰ روانگي، منيٰ ۾ ظهر، عصر، مغرب. عشاء پڙهڻيون آهن. رات منيٰ ۾ ترسڻو آهي. |

**حج جو ٻيو ڏينهن**
**9 ذوالحج**

فجر جي نماز منيٰ ۾ ادا ڪري عرفات جي جي لاءِ روانگي، ظهر ۽ عصر جون نمازون عرفات ۾ پڙهڻيون پونديون، وقوف عرفات ٿيندو، سج لهڻ کانپوءِ مغرب جي نماز پڙهڻ کان بغير مزدلفہ جي لاءِ روانگي، مغرب ۽ عشاء جون نمازون عشاء جي وقت مزدلفہ ۾ ادا ڪرڻيون آهن ۽ مزدلفہ ۾ ترسڻو آهي.

**حج جو ٽيون ڏينهن**
**10 ذوالحج**

مزدلفہ ۾ فجر جي نماز کان پوءِ وقوف ۽ منيٰ جي لاءِ روانگي، وڏي شيطان کي پٿريون هڻڻ، قرباني ڪرڻ، مٿي جا وار ڪوڙائڻ يا ڪترائڻ، احرام کولڻ، طواف زيارت، سعي، رات منيٰ ۾ ترسڻ

**حج جو چوٿون ڏينهن**
**11 ذوالحج**

زوال کان پوءِ منيٰ ۾ ننڍي ، وچين ۽ وڏي شيطان کي ترتيب سان پٿريون هڻڻ. طواف زيارت جيڪڏهن ڪالهہ نہ ڪيو هيو تہ اڄ ڪندا، رات منيٰ ۾ ترسندا.

**حج جو پنجون ڏينهن**
**12 ذوالحج**

زوال کانپوءِ منيٰ ۾ ننڍي، وچئين ۽ وڏي شيطان کي ترتيب سان پٿريون هڻڻ. طواف زيارت جيڪڏهن ناهي ڪيو تہ اڄ سج لهڻ کان پهريان ضرور ڪندا. سج لهڻ کان پهريان منيٰ مان نڪري ويندا نہ تہ 13 ذوالحج جي رمي ڪري پوءِ مڪہ مڪرمہ ويندا.

## باب ڇهون:

## مديني منوره جي زيارت

مديني منوره جي زيارت جيتوڻيڪ حج جي عملن جو حصو نه آهي پر ڪنهن به مسلمان جي مديني منوره ۾ حاضري تمام وڏي سعادت آهي. مديني منوره ۾ ڪجهه حاجين کي مرڪزيه ۽ ڪجهه حاجين کي مرڪزيه کان ٻاهر رهائش ڏني ويندي پر جن حاجي سڳورن کي مرڪزيه کان ٻاهر رهائش ملندي انهن کي ڪرائي (Rent) جي مد ۾ ڪاٽيل رقم جي ڪرائي جو فرق واپس ڪيو ويندو آهي. هن سال به ڪوشش ڪئي وڃي رهي آهي ته حج جي پانڊيئڙن جي اڌ تعداد کي پاڪستان کان سڌو سنئون (Direct) مديني منوره روانو ڪيو وڃي جنهن سان نه صرف وقت ۽ خرچن جي بچت ٿيندي بلڪي سفري مشڪلاتون به گهٽ ٿي وينديون.

مڪه مڪرمه کان مديني منوره جو مفاصلو تقريبن 440 ڪلوميٽر آهي. عام حالتن ۾ هي سفر تقريبن 6 کان 8 ڪلاڪن ۾ طئي ٿي ويندو آهي. ان مبارڪ سفر ۾ نهايت توجهه سان درود شريف جي ڪثرت رکندا. درود شريف جي جيتري ڪثرت ٿيندي اوترو ئي فائدي مند ٿيندو. هي سفر نهايت ئي ادب ۽ محبت جو سفر آهي. مڪه مڪرمه کان مديني منوره جي آخري منزل ذوالحليفه جي ويجهو آهي. هي مديني منوره کان تقريبن 9 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي. هتان کان گاڏي روانو ٿيڻ کان ڪجهه منٽن کان پوءِ توهان کي مديني منوره جي آبادي ۽ مسجد نبوي جا بلند مينار نظر اچڻ شروع ٿي ويندا آهن.

### مديني منوره ۾ داخل ٿيڻ وقت جي دعا:

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ السَّلَامُ وَ مِنْكَ السَّلَامُ وَ اِلَيْكَ يَرْجِعُ السَّلَامُ ۚ فَحَيِّنَا رَبَّنَا بِالسَّلَامِ ۚ وَاَدْخِلْنَا دَارَا السَّلَامِ ۚ تَبَارَكْتَ رَبَّنَا وَتَعَالَيْتَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ ۚ رَبِّ اَدْخِلْنِيْ مُدْخَلَ صِدْقٍ وَّاَخْرِجْنِيْ مُخْرَجَ صِدْقٍ وَّاجْعَلْ لِّيْ مِنْ لَّدُنْكَ سُلْطَانًا نَّصِيْرًا ۝ وَقُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَ زَهَقَ الْبَاطِلُ ۚ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا ۝ وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَاهُوَ شِفَآءٌ وَّ رَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ وَلَا يَزِيْدُ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا خَسَارًا ۝

ترجمو الاهي! تون سلامتيءَ وارو آهين ۽ تنهنجي طرف کان ئي سلامتي آهي ۽ تنهنجي طرف سلامتي موٽندي آهي. اي اسان جا رب زنده رک اسان کي سلامتيءَ سان گڏ ۽ داخل فرماءِ تون اسان کي پنهنجي گهر ۾ جيڪو سلامتيءَ وارو آهي. بابرڪت آهي تہ اي اسان جا رب ۽ عاليشان، اي عظمت ۽ بزرگيءَ وارا پروردگار! يا رب مونکي جتي داخل فرماءِ سنائيءَ سان داخل فرماءِ ۽ جتان ڪان ڪڍين تہ سنائيءَ سان ڪڍجانءِ. ۽ مونکي خاص پنهنجي طرفان اهڙو اقتدار عطا فرماءِ جنهن ۾ گڏ (تنهنجي) مدد هجي. ۽ چئو تہ حق اچي ويو باطل متجي ويو ۽ يقينن باطل اهڙي ئي شيءِ آهي جيڪا مٽجڻ واري آهي. ۽ اسان قرآن نازل ڪري رهيا آهيون جيڪو مومنن جي لاءِ شفا ۽ رحمت جو سامان آهي. البتہ ظالمن جي حصي ۾ ان سان نقصان ڪان سواءِ ڪنهن بي شيءِ جو اضافو نہ ٿيندو.

جڏهن توهان مدينہ منوره پهچي وڃو تہ پنهنجو سامان اطمينان سان پنهنجي رهائش گاھ تي رکندا ۽ ڪجھ دير آرام ڪندا ۽ پنهنجو ٿڪ لاهيندا. ان ڪانپوءِ جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي تہ غسل ڪندا نہ تہ صرف وضو ڪندا. مسواڪ (ڏندڻ) ڪندا ۽ صاف سٿرا ڪپڙا پائيندا ۽ خوشبو لڳائيندا ۽ هاڻي مسجد نبويءَ ۾ داخل ٿيڻ ۽ حضور اڪرم صلي الله عليھ وسلم جي روضہ اقدس تي حاضري ڏيڻ جي ارادي سان مسجد نبوي جي طرف هلندا. جنهن جو بنياد اڄ

ڪان چوڏهن صديون پهريان پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم پاڻ پنهنجي هٿن مبارڪ سان رکيو هيو ۽ ان ئي مسجد ۾ پنهنجي حجري ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي آخري آرام گاهه آهي.

هاڻي توهان مسجد نبويءَ ۾ درود شريف ۽ مسجد ۾ داخل ٿيڻ جي دعا پڙهندي داخل ٿيندا. روضه مبارڪ جي طرف وڃڻ جي لاءِ اولهه طرف باب السلام ڪان سڌو رستو روضه مبارڪ ڏانهن وڃي ٿو. اوڀر ڪان باب جبريل ڪان داخل ٿي ڪري کاٻي هٿ تي رياض الجنت مان گذرندي روضه مبارڪ صلي الله عليه وسلم تي پهچي سگهجي ٿو. داخل ٿيڻ ڪان پهريان ڪجهه صدقو ڏيندا ۽ داخل ٿيڻ وقت هيءَ دعا پڙهندا.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰٓى اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ ط اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِيْ ذُنُوْبِيْ ط وَافْتَحْ لِيْ اَبْوَابَ رَحْمَتِكَ ط اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنِيَ الْيَوْمَ مِنْ اَوْجَهِ مَنْ تَوَجَّهَ اِلَيْكَ ط وَاَقْرَبِ مَنْ تَقَرَّبَ اِلَيْكَ ط وَاَنْجَحِ مَنْ دَعَاكَ ط وَابْتَغْ مَرْضَاتِكَ ط

ترجمو: ”اي الله! درود موڪل اسان جي سردار حضرت مُحَمَّد ﷺ ۽ ان جي آل تي. اي الله! منهنجي گناهن کي بخشي ڇڏ ۽ منهنجي لاءِ پنهنجي رحمت جا دروازا کولي ڇڏ. اي الله! اڄوڪي ڏينهن مونکي پنهنجي طرف متوجهه ٿيڻ وارن ۾ مونکي سڀ ڪان وڌيڪ متوجهه ٿيڻ وارو بڻاءِ ۽ تنهنجو قرب حاصل ڪرڻ وارن ۾ مونکي سڀ ڪان وڌيڪ ويجهو ڪري ڇڏ ۽ مونکي انهن ماڻهن ڪان وڌيڪ ڪامياب ڪرجن توکان دعا ڪئي ۽ جيڪي تنهنجي رضا جا طالب ٿيا“.

جيڪڏهن مڪروهه وقت نه هجي يا فرض نماز نه ٿي رهي هجي ته ٻه رڪعتون تحيته المسجد پڙهندا. نماز ڪان پوءِ الله جو

شڪر ادا ڪندا ته حرم نبويءَ صلي الله عليہ وسلم ۾ داخل ٿيڻ جي سعادت بخشي ۽ خوب توبهہ استغفار ۽ دعائون گهرندا.

**رياض الجنته:**

مسجد نبوي صلي الله عليہ وسلم ۾ منبر رسول ۽ حجره مبارڪ جي وچ واري حصي کي رياض الجنت چيو ويندو آهي. ان جڳهہ جي نسبت حديث ۾ آئي آهي ”جيڪا جڳهہ منهنجي گهر ۽ منبر جي وچ ۾ آهي. اها جنت جي باغن مان هڪ باغ آهي.“

يعنيٰ هي جڳهہ حقيقت ۾ جنت جو هڪ ٽڪرو آهي جيڪو هن دنيا ۾ منتقل ڪيو ويو آهي ۽ قيامت جي ڏينهن هي ٽڪرو جنت ۾ هليو ويندو. ان ئي رياض الجنت ۾ حضور پاڪ ﷺ جو مُصليٰ بہ آهي. جتي پاڻ ﷺ بيهي ڪري امامت فرمائيندا هئا.

حضور اڪرم ﷺ جي وصال کان پوءِ مُصليٰ رسول جهڙي مُتبرڪ جڳهہ جي تعظيم کي برقرار رکڻ جي غرض سان حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنہ حضور ﷺ جي نماز پڙهڻ واري جڳهہ کان سواءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي قدم مبارڪ جي جڳهہ ڇڏي ڪري باقي جڳهہ تي پٽ نهرائي ڇڏي ته جيئن پاڻ سڳورن ﷺ جي سجدي جي جڳهہ ماڻهن کان محفوظ رهي. ان جڳهہ تي اڄ هڪ خوبصورت محراب ٺهيل آهي جنهن کي محراب نبوي چئبو آهي. وليد بن عبدالمالڪ جي دور ۾ وليد جي حڪم سان عمر بن عبدالعزيز جڏهن مسجد نبوي جو واڌارو ڪيو ته ان جڳهہ تي هي محراب ٺهرايو. جيڪڏهن ڪوئي حاجي مُصليٰ رسول جي سامهون بيهي ڪري نماز پڙهي ته ان جو سجدو حضور اقدس ﷺ جي قدمن جي جڳهہ تي پوندو.

هن وقت جيڪو مقدس محراب ٺهيل آهي اهو 9 فوٽ سنگ مرمر جي هڪ ئي ٽُڪري جو آهي. جنهن تي سون جي پاڻيءَ سان خوبصورت چٽسالي ڪئي وئي آهي. ٻنهي پاسن کان ڳاڙهي سنگ مرمر جا بيمثال ٿنڀ ٺهيل آهن. محراب جي مٿان اُها آيت لکيل آهي جنهن ۾ درود شريف پڙهڻ جو حُڪم ڏنو ويو آهي. سورة احزاب جي 56 آيت آهي.

**مُواجهہ شريف ۽ مقصوره شريف:**

روضہ اقدس تي پتل جون جاريون ٻن طرفن کان لوهہ جي جارين وانگر دروازن سان بند ڪيو ويو آهي. مُواجهه شريف جي طرف ٽنهي مزارات متبرڪ جي آمهون سامهون گول گول جي ويجهو لڳ ڀڳ 6 انچ گولائيءَ ۾ سوراخ آهن. هڪ دروازو بہ آهي جيڪو ٻين دروازن وانگر بند رهندو آهي هن عمارت کي مقصوره شريف چوندا آهن.

هن برڪت ڀري جڳهہ تي حضرت ابو بڪر صديق رضہ جو منهن مبارڪ حضور صلي الله عليهہ وسلم جي سيني مبارڪ جي ويجهو آهي ۽ حضرت عمر رضہ جو منهن حضرت ابو بڪر صديق رضہ جي سيني جي ويجهو آهي ان کان سواءِ هڪ قبر جي جڳهہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي لاءِ محفوظ پئي آهي.

**روضہ اقدس صہ تي حاضريءَ زيارت جا ادب:**

پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جي هن دنيا ۾ تشريف آوري باعث سعادت ۽ رحمت آهي. پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وسلم جن جا هن امت تي لاتعداد احسانن جو تقاضو آهي تہ اسان پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جن تي ڪثرت سان درود موڪليون. توهان جي

سنن اخلاقن تي هلڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪريون. حج جي سعادت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ سيد الانبيا ۽ ختم الرسل صلي الله عليہ وسلم جي روضہ اقدس تي حاضري ڪنهن خوش نصيبيءَ کان گهٽ نہ آهي. ان موقعي تي نهايت ادب ۽ احترام عجز ۽ انڪساريءَ جو اظهار پيش نظر رهڻ گهرجي. آقا جي دربار تي حاضريءَ وقت انهن جي تعليمات تي عمل پيرا ٿيڻ جو جذبو موزن (ڇوليون هلندڙ) هجي. جيئن ئي مواجهہ شريف جي سامهون پهچندا تہ هيٺ درج ٿيل لفظن سان گڏ نذرانہ درود شريف پيش ڪندا.

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللهِ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَانَبِیَّ اللهِ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا حَبِيْبَ اللهِ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا خَيْرَ خَلْقِ اللهِ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَامُزَّمِّلُ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَامُدَّثِّرُ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَانَبِیَّ الرَّحْمَةِ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاشَفِيْعَ الْاُمَّةِ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَآ اَبَا الْقَاسِمِ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَابَشِيْرُ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَانَذِيْرُ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَآ اَكْرَمَ وُلْدِ اٰدَمَ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاسَيِّدَ الْاَنْبِيَآءِ وَ الْمُرْسَلِيْنَ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا خَاتَمَ النَّبِيِّيْنَ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا قَآئِدَ الْغُرِّ الْمُحَجَّلِيْنَ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاقَآئِدَ الْخَيْرِ ؕ وَ فَاتِحَ الْبِرِّ ؕ وَهَادِیَ الْاُمَّةِ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ وَعَلٰٓى اَهْلِ بَيْتِكَ الطَّيِّبِيْنَ الطَّاهِرِيْنَ الَّذِيْنَ أَذْهَبَ اللهُ عَنْهُمُ الرِّجْسَ وَطَهَّرَهُمْ تَطْهِيْرًا ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ وَ عَلٰٓى اَصْحَابِكَ اَجْمَعِيْنَ ؕ وَ عَلٰٓى اَزْوَاجِكَ الطَّاهِرَاتِ أُمَّهَاتِ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ وَعَلٰى سَآئِرِ الْاَنْبِيَآءِ وَ عَلٰى عِبَادِ اللهِ الصَّالِحِيْنَ ؕ جَزَاكَ اللهُ يَا رَسُوْلَ اللهِ اَحْسَنَ وَ اَفْضَلَ مَا جَزٰى نَبِيًّا عَنْ قَوْمِهٖ ؕ وَرَسُوْلًا عَنْ اُمَّتِهٖ ؕ اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ ؕ وَاَشْهَدُ أَنَّكَ عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ وَاَمِيْنُهٗ وَ صَفِيُّهٗ وَ خِيَرَتُهٗ مِنْ خَلْقِهٖ ؕ اَشْهَدُ أَنَّكَ قَدْ بَلَّغْتَ الرِّسَالَةَ وَ اَدَّيْتَ الْاَمَانَةَ وَ نَصَحْتَ اُمَّتَكَ وَ أَوْضَحْتَ الْحُجَّةَ وَجَاهَدْتَّ فِیْ اللهِ حَقَّ جِهَادِهٖ ؕ حَتّٰى اَتٰىكَ الْيَقِيْنُ ؕ يَا خَيْرَ الرُّسُلِ ؕ إِنَّ اللهَ عَزَّ وَجَلَّ ؕ أَنْزَلَ عَلَيْكَ كِتَابًا صَادِقًا قَالَ فِيْهِ ؕ وَلَوْ أَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْٓا

اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا۝

(سورة النساء آيت: 64)

(ترجمو) اي الله جا رسول پاڻ ﷺ تي سلام، اي الله جا نبي پاڻ ﷺ تي سلام، اي الله جا حبيب پاڻ ﷺ تي سلام، اي الله جي سيني مخلوق کان بهتر پاڻ ص تي سلام، اي مزمل پاڻ ﷺ تي سلام، اي مدثر پاڻ ﷺ تي سلام، اي نبي رحمت پاڻ ﷺ تي سلام، اي اُمت جي شفاعت ڪرڻ وارا پاڻ ﷺ تي سلام، اي ابو القاسم پاڻ ﷺ تي سلام، اي بشارت ڏيڻ وارا پاڻ ﷺ تي سلام، اي ڊپ ڏيارڻ وارا پاڻ ﷺ تي سلام، اي آدمؑ جي سڀ کان وڏي معزّز فرزند پاڻ ﷺ تي سلام، اي نبين ۽ مرسلين جا سردار پاڻ ﷺ تي سلام، اي خاتم النبين پاڻ ﷺ تي سلام، اي سڀ کان مشهور قائد پاڻ ﷺ تي سلام، اي ڀلائي جا رهنما، نيڪي جا فاتح ۽ هادي امت پاڻ ﷺ تي سلام، پاڻ ﷺ تي سلام هجي ۽ پاڻ ﷺ تي سلام هجي ۽ انهن طيب ۽ طاهر اهل بيت جن تان الله تعاليٰ نجاست پري ڪري انهن کي خوب پاڪ ۽ صاف ڪري ڇڏيو آهي. پاڻ ﷺ تي سلام ۽ پاڻ ﷺ جا سيئي اصحاب رضہ ۽ پاڻ ﷺ جون ازواج مطهرات رضہ اُمهات المومنين تي سلام، پاڻ ﷺ تي سلام ۽ سيني نبين و مرسلين ۽ الله جي نيڪ ٻانهن تي سلام هجي، اي الله جا رسول ﷺ! الله توهان ﷺ کي اهڙو احسن ۽ افضل بدلو ڏئي جو ان ڪنهن نبيءَ کي ان جي قوم جي طرف کان ۽ رسول کي ان جي امت جي طرف کان ڏنو. مان گواهي ڏيان ٿو/ ڏيان ٿي ته الله کان سواءِ ڪوئي معبود نه آهي، هو اڪيلو آهي ۽ ان جو ڪوئي شريڪ نه آهي، مان گواهي ڏيان ٿو/ ڏيان ٿي ته توهان ﷺ ان جا ٻانها آهيو، ان جا رسول آهيو. ان جا امين آهيو، ان جا مخلص دوست آهيو، ان جي مخلوق منجهان ان جا اعليٰ ٻانها آهيو. مان گواهي ڏيان ٿو/ ڏيان ٿي ته توهان ﷺ الله جو پيغام پهچايو.

توهان ﷺ امانت ادا ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي امت کي پوري خير خواهي ۽ دين حق جي دليل روشن ڪئي ۽ الله جي راهه ۾ خوب جهاد ڪيو ۽ دين کي مضبوط ڪيو. توهان ﷺ پنهنجن دشمنن سان جهاد ڪيو ۽ پنهنجي رب جي عبادت ڪئي ايستائين جو توهان ﷺ انتقال فرمائي ويا. اي خير الرُسُل، الله عز و جلّ توهان ﷺ تي سچو ڪتاب نازل فرمايو جنهن ۾ ان فرمايو:

”ڪوئي پيغمبر نہ موڪليوسون پر هن لاءِ تہ الله جي حڪم سان سندس تابعداري ڪئي وڃي، ۽ جڏهن انهن (ماڻهن) پاڻ تي ظلم ڪيو تڏهن جيڪڏهن تو وٽ اچن ها پوءِ الله کان بخشش گهرن ها ۽ پيغمبر انهن لاءِ بخشش گهري ها تہ الله کي ٻاجهہ سان موٽندڙ مهربان لهن ها“. (سورةالنساء 64)

هر نماز کان پوءِ درود ۽ سلام جي لاءِ رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي روضي مبارڪ تي حاضريءَ جو اهتمام توهان تي منحصر آهي. سلام پڙهي ڪري اتان هٽي ويندا تہ جيئن ٻين کي موقعو ملي. مسجد ۾ ڪٿي بہ ويهي ڪري دورد پڙهي سگهو ٿا. حضرت ابو هريره رضہ چون ٿا تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم فرمايو ”پنهنجي گهرن کي قبرستان نہ بڻايو (يعني گهرن ۾ نفل نماز پڙهو ۽ قرآن مجيد جي تلاوت ڪندا ڪيو) ۽ منهنجي قبر کي سير گاهہ نہ بڻايو ۽ مون تي دورود موڪليو، توهان جتي ڪٿي بہ هوندا توهان جو درود مون تائين پهچايو ويندو“. (ابوداود)

## زيارت حضرت ابوبڪر صديق (رضي الله عنہ)

هاڻي ٿورو ساڄي هٿ تي ڪري حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي زيارت ڪندا ۽ هي پڙهندا:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاسَيِّدَنَآ اَبَا بَكْرِ ‌ الصِّدِّيْقِ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاخَلِيْفَةَ رَسُوْلِ اللّٰهِ عَلَى التَّحْقِيْقِ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاصَاحِبَ رَسُوْلِ اللّٰهِ ثَانِيَ اثْنَيْنِ اِذْهُمَا فِي الْغَارِ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَامَنْ اَنْفَقَ مَالَهٗ كُلَّهٗ فِيْ حُبِّ اللّٰهِ وَحُبِّ رَسُوْلِهٖ ؕ حَتّٰى تَخَلَّلَ بِالْعَبَا رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْكَ ؕ وَاَرْضَاكَ اَحْسَنَ الرِّضَا وَجَعَلَ الْجَنَّةَ مَنْزِلَكَ ؕ وَمَسْكَنَكَ وَ مَحَلَّكَ وَمَأْوٰكَ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَآ اَوَّلَ الْخُلَفَآءِ وَتَاجَ الْعُلَمَآءِ ؕ وَصِهْرَالنَّبِيِّ الْمُصْطَفٰى وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَ بَرَكَاتُهٗ ؕ

ترجمو: سلام هجي توهان رضہ تي اي اسان جا سردار ابوبڪر صديق رضہ سلام هجي توهان رضہ تي اي رسول الله جا حقيقي خليفہ، سلام هجي توهان رضہ تي اي رسول الله ﷺ جا ساٿي، ٻن مان ٻيا، جڏهن تہ هو غار ۾ هئا. سلام هجي توهان رضہ تي اي اها هستي جنهن پنهنجو سمورو مال الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي محبت ۾ خرچ ڪري ڇڏيو ايستائين جو پنهنجي عبا کي بہ لاهي ڇڏيو. الله توهان رضہ سان راضي ٿئي ۽ سهڻي طريقي سان توهان رضہ کي راضي ڪري ۽ جنت کي توهان رضہ جو گهر ۽ رهڻ جي جڳهہ ۽ نڪاڻو بڻائي. سلام توهان تي اي سڀ کان پهريان خليفہ ۽ سرتاج علماء ۽ نبي محمد ﷺ جا سُهرا ۽ الله جي رحمت نازل ٿئي ۽ ان جون برڪتون نازل ٿين توهان رضہ تي.

### حضرت عمر (رضي الله عنہ) جي زيارت

ان کان پوءِ ساڄي طرف هڪ هٿ هٽي ڪري حضرت عمر فاروق رضہ جي زيارت ڪندا ۽ پڙهندا:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاعُمَرَ بْنَ الْخَطَّابِ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَانَاطِقًا ۢ بِالْعَدْلِ وَالصَّوَابِ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاحَنَفِيَّ الْمِحْرَابِ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَامُكَسِّرَالْاَصْنَامِ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ

يَآ اَبَا الْفُقَرَآءِوَالضُّعَفَآءِ وَالْاَرَامِلِ وَالْاَيْتَامِ ؕ اَنْتَ الَّذِیْ قَالَ فِیْ حَقِّكَ سَيِّدُالْبَشَرِ لَوْ كَانَ نَبِیٌّ مِّنْ بَعْدِیْ لَكَانَ عُمَرَبْنَ الْخَطَّابِ ؕ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْكَ ؕ وَاَرْضَاكَ اَحْسَنَ الرِّضَا وَجَعَلَ الْجَنَّةَ مَنْزِلَكَ ؕ وَمَسْكَنَكَ وَمَحَلَّكَ وَمَاْوٰكَ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاثَانِیَ الْخُلَفَآءِ وَتَاجَ الْعُلَمَآءِ ؕ وَصِهْرَ النَّبِیِّ الْمُصْطَفٰی وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ ؕ

ترجمو: سلام هجي توهان رضہ تي اي (حضرت) عمر بن الخطاب، سلام هجي توهان تي اي انصاف ۽ سچي ڳالھ ڪرڻ وارا، سلام هجي توهان رضہ تي اي محرابن ڪي زينت ڏيڻ وارا، سلام هجي توهان رضہ تي اي دين اسلام ڪي غلبو (واڌارو) ڏيڻ وارا، سلام هجي توهان رضہ تي اي بتن ڪي ڀڃڻ وارا، سلام هجي توهان رضہ تي اي فقيرن، ضعيفن، بيواهن ۽ يتيمن جي مدد ڪرڻ وارا. توهان رضہ اُهي آهيو تہ توهان رضہ جي حق ۾ حضور ﷺ جن فرمايو جيڪڏهن مون کان پوءِ ڪوئي نبي هجي ها تہ عمر بن خطاب رضہ هجي ها. الله توهان رضہ کان راضي هجي. ۽ توهان رضہ ڪي سهڻي طريقي سان راضي ڪري. ۽ جنت توهان جو گهر ۽ رهڻ جي جڳھ ۽ نڪاڻو بڻائي. سلام توهان تي اي ٻيا خليفہ ۽ سرتاج علماءِ نبي مصطفيٰ ﷺ جا سهرا ۽ رحمت نازل ٿئي توهان تي ۽ ان جون برڪتون نازل ٿين توهان رضہ تي.

**پوءِ مسجد مان نڪري ڪري قبلي رُخ تي ڪري هيٺ درج ٿيل دعا يا ڪابہ دعا پڙهندا:**

اَللّٰهُمَّ لَا تَدَعْ لَنَافِیْ مَقَامِنَا هٰذَا الشَّرِيْفِ بَيْنَ يَدَیْ سَيِّدِنَا رَسُوْلِ اللّٰهِ ذَنْبًا اِلَّا غَفَرْتَهٗ ؕ وَلَاهَمًّا يَآ اَللّٰهُ اِلَّا فَرَّجْتَهٗ ؕ وَلَا عَيْبًا يَآ اَللّٰهُ اِلَّا سَتَرْتَهٗ ؕ وَلَا مَرِيْضًا يَآ اَللّٰهُ

اِلَّا شَفَيْتَهٗ وَعَافَيْتَهٗ ط وَلَا مُسَافِرًا يَآ اَللّٰهُ اِلَّا نَجَّيْتَهٗ ط وَلَا غَآئِبًا يَآ اَللّٰهُ اِلَّآ رَدَدْتَّهٗ ط وَلَا عَدُوًّا يَآ اَللّٰهُ اِلَّا خَذَلْتَهٗ وَدَمَّرْتَهٗ ط وَلَافَقِيْرًا يَآ اَللّٰهُ اِلَّآ اَغْنَيْتَهٗ ط وَلَا حَاجَةً يَآ اَللّٰهُ مِنْ حَوَآئِجِ الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ لَنَا فِيْهَا صَلَاحٌ اِلَّا قَضَيْتَهَا وَيَسَّرْتَهَا ط اَللّٰهُمَّ اقْضِ حَوَآئِجَنَا ط وَيَسِّرْ اُمُوْرَنَا ط وَاشْرَحْ صُدُوْرَنَا ط وَتَقَبَّلْ زِيَارَتَنَا ط وَاٰمِنْ خَوْفَنَا ط وَاسْتُرْ عُيُوْبَنَا ط وَاغْفِرْ ذُنُوْبَنَا ط وَاكْشِفْ كُرُوْبَنَا ط وَاخْتِمْ بِالصَّالِحَاتِ اَعْمَالَنَا ط وَرُدَّ غُرْبَتَنَآ اِلٰى اَهْلِنَا وَ اَوْلَادِنَا ط سَالِمِيْنَ غَانِمِيْنَ مَسْتُوْرِيْنَ مِنْ عِبَادِكَ الصَّالِحِيْنَ ط مِنَ الَّذِيْنَ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ بِرَحْمَتِكَ يَآ اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ يَا رَبَّ الْعَالَمِيْنَ

ترجمو:اي الله! نہ ڇڏ اسان جي لاءِ هن مبارڪ جڳهہ ۾ سامهون اسان جي آقا رسول الله صہ جو ڪوئي گناهہ، پر تون ان ڪي بخشي ڇڏ ۽ نہ ڇڏ ڪوئي غم اي الله! پر تون ان ڪي مٽائي ڇڏ، ۽ نہ ڇڏ ڪوئي عيب اي الله، پر تون ان ڪي لڪائي ڇڏ، ۽ نہ ڇڏ ڪوئي مريض اي الله، پر تون ان ڪي شفا ۽ عافيت ڏي، ۽ نہ ڇڏ ڪوئي مسافر اي الله! پر اُن ڪي سفر جي تڪليف ڪان نجات ڏئي ڇڏ ۽ نہ ڇڏ ڪوئي ﭘليل اي الله! پر ان ڪي واپس فرمائي ڇڏ، ۽ نہ ڇڏ ڪوئي دشمن اي الله! پر ان ڪي رسوا فرمائي ڇڏ، ۽ ان ڪي هلاڪ ڪري ڇڏ، ۽ نہ ڇڏ ڪوئي فقير اي الله! پر ان ڪي غني فرمائي ڇڏ، ۽ نہ ڇڏ ڪائي ضرورت اي الله، دنيا ۽ آخرت جي ضرورتن منجهان، جنهن ۾ اسان جي ڀلائي هجي، پر ان ڪي پورو ۽ آسان فرمائي ڇڏ، اي الله! اسان جون حاجتون پوريون فرمائي ڇڏ ۽ آسان فرمائي ڇڏ اسان جا ڪم ۽ کولي ڇڏ اسان جو سينو، ۽ قبول فرماءِ اسان جي زيارت ۽ امن سان بدلائي ڇڏ اسان جي خوف ڪي، ۽ پردو رکج اسان جي عيبن تي، ۽ بخشي ڇڏ اسان جي گناهن ڪي، ۽ پري فرمائي ڇڏ اسان جي تڪليفن

ڪي، ۽ خاتمو فرماءِ نيڪين تي اسان جي عملن جو، ۽ موتاءِ اسان ڪي پنهنجي اهل ۽ اولاد ۾ صحيح ۽ سالم، خوشحال، پرده پوشيءَ سان گڏ، پنهنجي نيڪ ٻانهن کان انهن ماڻهن منجهان ته ناهي ڪوئي خوف انهن کي ۽ نه ئي اهي غمگين ٿيندا، تنهنجي رحمت کان. اي سڀ کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارا، اي پروردگار سموري جهان جا.

**عورتن جي لاءِ روضہ مبارڪ جي زيارت جا ادب:**

عورتن جي لاءِ سلام پڙهڻ لاءِ ٿي وقت مقرر ٿيل آهن ۽ انهن جي ئي مطابق عورتن جي لاءِ مسجد ۾ هال سان ڳنڍيل دروازو کوليو ويندو آهي. اُهي وقت اشراق، ظهر ۽ عشاء کان پوءِ جا آهن. عورتن لاءِ روضہ رسول صلي الله عليه وسلم جي زيارت جي لاءِ وڃڻ لاءِ باب عثمان (باب نمبر 25) ۽ باب علي رضہ (باب نمبر 28) جي اندران رستو آهي. ان کان سواءِ عورتن جي لاءِ نماز جي جڳهه باب عمر بن خطاب رضہ ۽ باب ملڪ عبدالمجيد جي اندر واري هال کان به آهي. پر اتان کان زيارت جي لاءِ نٿو وڃي سگهجي. سعودي حڪومت جي طرفان عورتن لاءِ روضہ مبارڪ جي حاضري ۽ رياض الجنت ۾ نفلن جي ادائيگيءَ جي لاءِ گروپ جي صورت ۾ وڃي وڃڻ جا انتظام ڪيا ويا آهن. جيڪي انتهائي تعريف جوڳا آهن. مختلف ملڪن کان هڪ جهڙي ٻولي ڳالهائڻ ۽ سمجهائڻ وارين عورتن جا گروپ ناهيا ويا آهن ۽ انهن جي اڳواٽي ڪرڻ واريون عورتون سندن ٻوليءَ ۾ رهنمائي ڪنديون آهن. ترتيب سان هڪ گروپ کي مسجد جي ان حصي ۾ پهچايو ويندو آهي جتان روضہ مبارڪ تي سلام پڙهي سگهجي ٿو ۽ رياض الجنت ۾ نفل ادا ڪري سگهجن ٿا. انهيءَ دوران هي رهنمائي ڪندڙ عورتون روضہ مبارڪ ۽ مسجد نبوي جي زيارت جا ادب، درود جا فضائل ۽ ٻيا حڪم ٻڌائينديون رهنديون آهن.

پنهنجي لاڳاپيل گروپ ۾ رهندي بغير ڪنهن گهبراهٽ ۽ پريشانيءَ جي هي مرحلو طئي ٿي ويندو آهي.

**ست ٿنڀ:**

هونءَ ته مسجد نبويءَ جي هر جڳهه بابرڪت آهي پر رياض الجنت جا اُهي ٿنڀ جن کي سنگ مرمر، سون ۽ چانديءَ سان رنگين چٽساليءَ جي ڪم سان چٽيو ويو آهي. خاص طور تي قابل ذڪر آهن هي ست ٿنڀ جيڪي روضه انور صلي الله عليه وسلم جي اولهه واري پٽ سان گڏ اچي رنگ سان نمايان ڪيا ويا آهن.

1. **ستون حنانه:** هي محراب نبوي صلي الله عليه وسلم جي ويجهو آهي نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم هن ٿنڀ جي پرسان بيهي ڪري خطبو ارشاد فرمائيندا هئا. هتي اهو کجيءَ جو وڻ دفن ٿيل آهي جيڪو ڪاٺيءَ جو ممبر ٺهي وڃڻ ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي فراق ۾ ٻارن وانگر رُنو هيو.
2. **ستون عائشه صديقه رضه:** هڪ دفعو نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو ته منهنجي مسجد ۾ هڪ اهڙي جڳهه آهي جيڪڏهن ماڻهن کي اتي نماز پڙهڻ جي فضيلت جو علم ٿي وڃي ته اُهي ڪٺا ڪيڻ لڳندا.(طبراني). ان جڳهه جي نشاندهي حضرت عائشه صديقه رضه فرمائي هئي. هاڻي اتي ستون عائشه ناهيو ويو آهي.
3. **ستون ابي لبابه:** هتي صحابي حضرت ابو لبابه رضه جو قصور هن جڳهه تي معاف ٿيو هيو. ان پنهنجو پاڻ کي هن ٿنڀ سان ٻڌي ڇڏيو هيو.
4. **ستون وفود:** هن جڳهه تي نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم ٻاهران ڪان اچڻ وارن وفدن سان ملاقات فرمائيندا هئا.

5. **ستون سُرير:** هن جڳهه تي نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم اعتڪاف فرمائيندا هئا ۽ رات جو پاڻ سڳورن صه جو بسترو وڇايو ويندو هيو.

6. **ستون حرس:** هن جڳهه تي حضرت علي رضه اڪثر نماز پڙهندا هئا ۽ ان جڳهه تي ويهي ڪري ٻنهي جهانن جي سردار جي نگهباني ڪندا هئا. هن کي ستون علي به چوندا آهن.

7. **ستون تهجد:** نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم هن جڳهه تي تهجد جي نماز ادا فرمائيندا هئا.

هي سيئي ٿنڀ هن مسجد جي حصي ۾ آهن جيڪي حضور اقدس صلي الله عليه وسلم جي زماني ۾ هئا. جڏهن به موقعو ملي ان جي ڀرسان سنتون ۽ نفل ادا ڪندا هي اُهي برڪت ڀريون جڳهون آهن جتي نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي نظر ڪرم پئجي چڪي آهي.

**اصحاب صفه رضوان الله عليهم اجمعين:**

صفه، ڇپرَ ڇانورَي واري جڳهه کي چئبو آهي پراڻي مسجد نبوي صلي الله عليه وسلم جي اتر اوير ڪناري، مسجد سان مليل هڪ چبوترو هيو هيءَ جڳهه باب جبرائيل کان اندر داخل ٿيندي ئي ساڄي هٿ کان محراب تهجد جي بلڪل سامهون آهي. ان جي ڊگهائي ۽ ويڪرائي 40x40 فوٽ آهي. ان جي سامهون خدام وينل رهندا آهن ۽ هتي ماڻهو قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ چاهي ته مشڪل سان ئي جڳهه ملندي آهي.

**مسجد نبوي ۽ گنبد خضراء:**

1 هجري (622ع) ۾ آنحضرت صہ هن مسجد جو بنياد رکيو، شروعات ۾ ڊيگهہ 90 فوٽ، ويڪر 105 فوٽ ۽ بلندي تقريبن 10 فوٽ ڀتين جو ٿولهہ ڏيڍ فوٽ، ٽي دروازا، کجين جي ڀتن جي ڇت ۽ فرش ڪچو هيو خيبر فتح کان پوءِ 7 هجري (628ع) ۾ آنحضرت صہ واڌارو ڪري ڊيگهہ 150 فوٽ ۽ ويڪر 150 فوٽ يعني سئو هٿ هم چورس ڪري ڇڏي. مسجد سان ويجهو ازواج مطهرات جا نوَ حجرا تعمير ٿيا.

18 هجري ۾ حضرت عمر رضہ جن ڊيگهہ 210 ويڪر 180 فوٽ ۽ ڇهہ دروازا ٺهرايا. 29 هجري ۾ حضرت عثمان رضہ ڊيگهہ 480 ويڪر 450 فوٽ ڪري ڇڏي ۽ نقش ۽ نگار سان سينگاريو. قبلي جي طرف کان اضافو ڪيو جنهن جي محراب "محراب عثماني" سان موسوم ٿي. 88 هہ کان 91 هجري تائين واڌارو وليد بن عبدالمالڪ ڊيگهہ 600 فوٽ ۽ ويڪر 486 فوٽ ڪري ڇڏي.

161 هجريءَ کان 165 هجري تائين خليفہ مهدي ڊيگهہ 900 فوٽ ۽ ويڪر 540 فوٽ ڪري ڇڏي. پوءِ معتصم بالله (الله تي ڀروسو ڪندڙ) تعمير ڪرائي. ملڪ ناصر ويراندن جا دالان ٺهرايا. ملڪ اشرف هي دالان ڀيجي ڪري نوان ٺهرايا، 853 هہ ۾ شاهہ ظاهر حقيق روضہ پاڪ ۽ مسجد ڀيهر نهرائي. 924 هہ ۾ ملڪ ناصر غازيءَ ڀيهر ڀتيون نهرايون. 980 هہ (1572ع) ۾ سليم خان ثانيءَ عظيم الشان تعمير ڪرائي. 999 هہ ۾ سلطان مراد ڊيگهہ ۾ واڌارو ڪيو. 1254هہ کان 1266 هہ (1838 کان 1850ع) ۾ سلطان عبدالمجيد نئين سر تعمير ڪرائي. گنبد خضراء نهرايو عمارت کي گنبد نما ۽ قرآني آيتن سان سينگاريو. ان کانپوءِ سلطان عبدالعزيز کم مکمل ڪرايو.

812 ع/ 1233 هه ۾ سلطان محمود گنبد نبويءَ صہ کي نئين سر ٺهرايو پهريان گنبد جو رنگ اڇو هيو پر 1255ع ۾ ان گنبد تي سائو رنگ ڪرايو ويو تڏهن کان ئي گنبد خضراء جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. هي اهو گنبد خضراء آهي جنهن کي عاشقان رسول صلي الله عليهہ وسلم پنهنجي خوابن ۾ ڏسندا آهن ۽ قسمت وارا جڏهن اُتي پهچي ويندا آهن تہ ان جون روشنيون انهن جي دلين ۾ نور، انهن جي اکين ۾ ايمان جي روشني ۽ انهن جي روح ۾ سرور پيدا ڪري ڇڏينديون آهن.

### مسجد قبا:

مسجد نبويءَ کان ٽي ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي جيڪا آبادي آهي ان کي قبا چيو ويندو آهي. هجرت مدينہ جي زماني ۾ هتي انصار جا گهڻا خاندان آباد هئا حضور اڪرم صہ چار ڏينهن تائين قبا ۾ قيام فرمايو هيو ۽ اتي ئي پنهنجن هٿن مبارڪ سان مسجد قبا جو بنياد رکيو هو اسلام جي تاريخ ۾ سڀ کان پهريان هيءَ مسجد ناهي وئي هئي هن مسجد جي فضيلت جو ان واقعي سان بہ گهرو تعلق آهي.

هڪ صحيح حديث جي مطابق مسجد قبا ۾ ٻہ نفل پڙهڻ جو ثواب هڪ مقبول عمري جي برابر آهي ۽ هيءَ حديث مبارڪ مسجد جي محراب تي عربيءَ ۾ لکيل آهي.

### مسجد قبلتين:

هيءَ مسجد نبويءَ کان تقريبن ٽن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي واقع آهي هيءَ مسجد اسلام جي تاريخ جي هڪ اهم واقعي جي علامت آهي شروعات ۾ مسلمان بيت المقدس جي طرف منهن ڪري

نماز ادا ڪندا هئا حضور اڪرم صلي الله عليھ وسلم جيستائين مڪ معظمہ ۾ تشريف فرما رهيا اهو ئي دستور رهيو پر پاڻ سڳورا صہ نمازون اهڙي رخ سان ادا فرمائيندا هئا تہ جيئن خانہ ڪعبہ بہ پاڻ سڳورن جي سامهون هوندو هيو پر مدني زندگيءَ جي شروعات ڏينهن ۾ مڪمل طور تي بيت المقدس ئي قبلو هو ۽ تقريبن سورنهن سترنهن مهينا پاڻ سڳورن صلي الله عليھ وسلم بيت المقدس جي طرف منهن ڪري نمازون پڙهيون (بيت المقدس مسلمانن جي لاءِ انهي ڪري بہ مقدس هيو ۽ آهي جو هتان کان حضور صہ معراج تي تشريف وٺي ويا هئا). پر ان سموري عرصي ۾ حضور اڪرم صلي الله عليھ وسلم جي هيءَ دلي خواهش رهي تہ مسلمان حضرت ابراهيم عليہ السلا جي ناهيل خانہ ڪعبہ جي طرف رخ ڪري نماز ادا ڪن. حضور اڪرم صلي الله عليھ وسلم لاڳيتو ان خواهش ۾ آسمان ڏانهن ڏسندا هئا آخرڪار هڪ ڏينهن نيڪ ان وقت نماز جي حالت ۾ آيت نازل ٿي.

قَدْ نَرَى تَقَلُّبَ وَجْهِكَ فِي السَّمَاءِ فَلَنُوَلِّيَنَّكَ قِبْلَةً تَرْضَاهَا فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ وَحَيْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوا وُجُوهَكُمْ شَطْرَهُ

ترجمو: هي توهان جو منهن بار بار آسمان جي طرف ڪٽڻ اسان ڏسي رهيا آهيون هاڻي اسان ان قبلي جي طرف توهان کي ڦيري ٿا ڇڏيون جنهن کي توهان پسند ڪندا آهيو، مسجد حرام (خانہ ڪعبہ) جي طرف رخ ڦيري ڇڏيو هاڻي جتي ڪٿي بہ هجو ان جي طرف منهن ڪري نماز پڙهندا ڪريو. (البقره 144)

هي حڪم رجب يا شعبان 2 هجريءَ ۾ ٿيو هيو حضور اڪرم صلي الله عليھ وسلم بشر بن براء بن معرور رضہ وٽ بنو سلمہ جي محلي ۾ تشريف وٺي ويا هئا اتي ظهر جي نماز جو وقت ٿيو تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليھ وسلم بنو سلمہ جي مسجد ۾ نماز جي

امامت فرمائڻ لاءِ بيهي رهيا ٻه رڪعتون پڙهائي چڪا هئا ته ٽئين رڪعت ۾ اوچتو وحيءَ جي ذريعي تحويل قبلي جي هيءَ آيت نازل ٿي ۽ ان ئي وقت پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي پيرويءَ ۾ جماعت جي سمورن ماڻهن جان مُنهن بيت المقدس کان خانہ ڪعبہ ڏانهن ڦري ويا ۽ هي تحويل قبلہ جي آيت مسجد جي محراب تي لکيل آهي.

## مسجد جمعہ:

مسجد قبا کان ڪجهه فاصلي تي مدينہ منوره آباد هيو حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جڏهن هجرت ڪري مدينہ منوره روانا ٿيا هئا تہ جمعي جو ڏينهن هيو بنو سالم جي قبيلي ۾ پهتا هئا تہ جمعي جي نماز جو وقت ٿي ويو جمعي جي نماز ادا فرمائي مدينہ منوره ۾ جمعو هيو ان جڳهه تي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جمعو ادا فرمايو اتي مسجد ٺاهي وئي آهي قبا کان واپسيءَ تي ٻہ رڪعتون نفل نماز ادا ڪندا.

## مسجد غمامہ:

مسجد نبويءَ ۾ باب السلام کان ٻاهر ايندا تہ ڏکڻ اوڀر طرف تقريبن 1500 فوٽن جي مفاصلي تي چار ديواريءَ جي ٻاهر هيءَ مسجد واقع آهي. حضور اقدس صلي الله عليه وسلم هتي 2 هجريءَ ۾ پهريون دفعو عيد جي نماز ادا فرمائي هئي ۽ نائين صدي هجريءَ تائين عيدن جون نمازون پڙهايون وينديون رهيون. هن کي مسجد مصليٰ بہ چوندا آهن، پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم هن جڳهه تي نماز استسقاء بہ ادا فرمائي هئي ان وقت ڪڪر (جُهڙ) ظاهر ٿيو ۽ مينهن وسڻ شروع ٿي ويو، انهيءَ لاءِ هن مسجد کي مسجد غمامہ

بہ چوندا آهن. هيءَ مسجد هاڻي بند هوندي آهي ڇاڪاڻ تہ هاڻوڪي مسجد نبويءَ جي نئين نهڻ ڪانپوءِ هيءَ مسجد نبويءَ جي تمام ويجهو ٿي وئي هئي انهيءَ ڪري هتي نماز نہ ٿيندي آهي. ان کي حضور صلي الله عليه وسلم جي يادگيري طور محفوظ ڪيو ويو آهي.

## جنت البقيع:

مسجد نبويءَ ۾ روضہ مبارڪ صلي الله عليه وسلم تي درود ۽ سلام ڪان واندا ٿي ڪري جنهن دروازي ڪان توهان ٻاهر ويندا ان کي باب بقيع چيو ويندو آهي. ان جي بلڪل سامهون جنت البقيع جو قديم ۽ متبرڪ مشهور قبرستان آهي جيڪو چئني طرفن ڪان مضبوط ۽ مٿانهين چار ديواريءَ ۾ گِهريل آهي. ان جو مرڪزي دروازو مسجد نبويءَ طرف کلي ٿو. عورتن کي ڪنهن بہ وقت اندر داخل ٿيڻ جي اجازت نہ آهي. انهن جي لاءِ زيارت ۽ سلام پڙهڻ لاءِ دروازي سان گڏ ڄاريون لڳايون ويون آهن. هتي گهڻو ڪري عورتون ۽ مرد جمع ٿيندا آهن ۽ جنت البقيع وارن تي سلام موڪليندا رهندا آهن. جنت البقيع ۾ اهل بيت ڪان علاوه ڏهہ هزار صحابہ ڪرام رضہ هزارا اولياء ڪرام ازواج مطهرات حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جا صاحبزادا ۽ صاحبزاديون آرام فرما آهن. روايت جي مطابق قيامت ۾ 70 هزار اهڙا نيڪ ماڻهو اٿندا جن جا منهن چوڏينهن جي چنڊ وانگر چمڪندا رهندا ۽ بغير حساب جي جنت ۾ ويندا. حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم اڪثر ڪري جنت البقيع تشريف وٺي وڃي ڪري مغفرت جي دعا فرمائيندا هئا. جنت البقيع ۾ هيءَ دعا پڙهندا جيڪڏهن اندر وڃڻ جو موقعو نہ ملي تہ قبرستان جي ٻاهران ئي هي دعا پڙهندا:

اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ يَآاَهۡلَ الۡبَقِيۡعِ يَآاَهۡلَ الۡجَنَابِ الرَّفِيۡعِ اَنۡتُمُ السَّابِقُوۡنَ وَنَحۡنُ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ بِكُمۡ لَاحِقُوۡنَ اَبۡشِرُوۡا بِاَنَّ السَّاعَةَ اٰتِيَةٌ لَّارَيۡبَ فِيۡهَا اَنَّ اللّٰهَ يَبۡعَثُ مَنۡ فِي الۡقُبُوۡرِ اٰنَسَكُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى وَشَرَّفَكُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى بِقَوۡلِ اَشۡهَدُ اَنۡ لَّآ اِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ وَحۡدَهٗ لَاشَرِيۡكَ لَهٗ وَاَشۡهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبۡدُهٗ وَرَسُوۡلُهٗ

سلام هجي توهان تي اي اهل بقيع اي اعليٰ بارگاه وارؤ! توهان اسان کان پهريان هليا ويا ۽ اسان انشاالله توهان سان ملڻ وارا آهيون. خوشخبري حاصل ڪيو تہ قيامت اچڻ واري آهي، ناهي شڪ ان ۾ ۽ بنا شڪ ۽ شبهي جي الله زنده ڪري اٿاريندو قبرن وارن کي، پسنديده ٻٽائي ڇڏي الله تعاليٰ توهان کي، عزت وارو ڪري توهان کان ان قول سان تہ مان گواهي ڏيان ٿو هي، تہ ناهي ڪوئي معبود سواءِ الله جي هو هڪ آهي، ناهي ڪوئي شريڪ ان جو ۽ گواهي ڏيان ٿو تہ محمد صلي الله عليه وسلم الله جو ٻانهو ۽ ان جو رسول آهي.

## مدينہ شريف مان رخصت ٿيڻ وقت (الوداعيہ دعا):

توهان جڏهن مدينہ منوره کان رخصت ٿيو تہ ٻہ رڪعتون نفل مسجد نبوي ۾ ادا ڪندا ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي روضي مبارڪ تي ايندا. پنهنجي والدين، مٽ مائٽن ۽ دوستن ۽ سيني دشمنن جي هدايت ۽ مغفرت جي لاءِ دعا گهرندا ۽ جنهن جنهن ماڻهوءَ توهان کي سلام پڙهڻ ۽ دعا ڪرڻ جي درخواست ڪئي هئي انهن سيني جي لاءِ دعا گهرندا. حضور ﷺ کان رخصت ٿيڻ تي ڳوڙها ڳاڙيندا ۽ دعا گهرندا:

اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ اَسۡئَلُكَ بِنُوۡرِ وَجۡهِكَ اَنۡ تَغۡفِرَلِيۡ وَلِجَمِيۡعِ اَهۡلِ بَيۡتِيۡ وَاَحِبَّآئِيۡ وَلِنَاشِرِ هٰذِهِ الۡاَدۡعِيَةِ وَلِوَالِدَيۡهِ وَلِلۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَالۡمُؤۡمِنٰتِ مَغۡفِرَةً لَّا تُغَادِرُ ذَنۡبًا وَّ تُدۡ خِلَنَا الۡجَنَّةَ جَمِيۡعًا

بِغَيۡرِ حِسَابٍ ط اَللّٰهُمَّ اَعِذۡنَا جَمِيۡعًا مِّنۡ هَمَزَاتِ الشَّيَاطِيۡنِ ط وَ اَمِتۡنَا وَاَمِتۡهُمۡ مَّعَ الۡاِيۡمَانِ عَلٰى مَحَبَّتِكَ وَ مَحَبَّةِ نَبِيِّكَ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ وَ سُنَّتِهٖ ط بِرَحۡمَتِكَ يَآ اَرۡحَمَ الرَّاحِمِيۡنَ ط

ترجمو: يا الله! مان دعا ڪريان ٿو تنهنجي طفيل تنهنجي ذات نور جي، تون مونکي ۽ منهنجي سيني خاندان ۽ سيني دوستن ۽ انهن سيني دعائن جي ناشر ۽ انهن جي والدين ۽ اهل عيال، ڪل مؤمن مردن ۽ عورتن کي بخشي ڇڏ ۽ اسان سيني کي قبر جي عذاب کان محفوظ رکجان ۽ اهڙي بخشش عطا فرماءِ جو ڪنهن جو گناهه ڪي باقي نہ رهي ۽ اسان سيني کي بغير حساب جي جنت ۾ داخل فرماءِ. اي اللهُ! اسان سيني کي شيطان جي شر کان محفوظ رک ۽ اسان سيني کي ايمان سان گڏ خاتمو باخير ڪر، اي الله پنهنجي ۽ پنهنجي نبي پاڪ حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي محبت ۽ ايمان تي اسان جو خاتمو فرماءِ. اي رحم ڪرڻ وارا اسان تي رحم فرماءِ.


مدينه منوره ۾ جنت البقيع (قبرستان)
مسجد قبا
مسجد نبوي ﷺ
مسجد جمعه
مسجد قبلتين


ان الذين يغضون اصواتهم عند رسول الله اولئك الذين امتحن الله قلوبهم للتقوى
لهم مغفرة واجر عظيم
روضہ رسول الله صہ (مواجہ شريف) جو منظر


مسجد نبوي ۾ رياض الجنت جا ٻہ منظر

## باب ستون:

## ياد رکڻ جون ڳالهيون

### حج جا ڪجھ انتظامي ۽ شرعي معاملا:

هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ حج جي مبارڪ سفر دوران مختلف مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پوندو آهي. هن سفر ۾ حج جي پانڌيئڙن کي ننڍين وڏن مسئلن سان منهن ڏيڻو پوندو آهي. هي مسئلا ڪڏهن ڪڏهن مختلف ڪارڻن جي ڪري پيدا ٿيندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن حاجين جي بي صبري بہ انهن مسئلن جو باعث بڻبي آهي. شايد انهيءَ لاءِ حج جي نيت ڪرڻ وقت رب تعاليٰ کان نہ صرف ان جي قبوليت جي التجا ڪئي ويندي آهي بلڪي حج جي دوران آسانيءَ جي دعا بہ ڪئي ويندي آهي. سفر جي مختلف مرحلن تي حج جي پانڌيئڙن کي هيٺ ذڪر ڪيل مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پئجي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري اهڙن وقتن ۾ نهايت اعليٰ درجي جي صبر جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي ۽ هر مرحلي تي ٻين جي ضرورتن کي پنهنجو پاڻ تي ترجيح ڏيڻ گهرجي.

### چيڪ پوائنٽس تي تاخير (دير):

سعودي حڪومت ويزا ڏيڻ کان وٺي حج جي پڄاڻيءَ تائين جا سمورا مرحلا ڪمپيوٽرازڊ ڪري ڇڏيا آهن ۽ نہ صرف سعودي عرب ۾ داخل ٿيڻ وقت بلڪي مڪ مڪرمہ ۽ مدينہ منوره جي سفر دوران مختلف جڳهن تي چيڪ پوسٽون ٺاهيون ويون آهن جتي حاجين سان تعلق رکندڙ ضروري انفارميشن جي دفتر ۾ داخلا ۽ تصديق ڪئي ويندي آهي. ان سموري ڪاروائيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن چيڪ پوائنٽس تي دير جو منهن بہ ڏسڻو پئجي سگهي ٿو.

## نظم ۽ ضبط/قانون جو احترام:

حج جي سفر جي تياري جي مرحلي ۾ حاجي ڪيمپ مان ڪاغذ پٽ ونڻ وقت، گردن ٽوڙ بخار ۽ فلو جي حفاظتي ٽڪن لڳڻ وقت وڏي انبوهه (ماڻهن جو ميڙ) سان بہ منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري اهڙن مرحلن تي قطار ٺاهي نظم ۽ ضبط جو مظاهرو ڪندا.

سفر دوران ايئرپورٽ تي انتظار جي تڪليف ڪٽڻي پئجي سگهي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن جهاز جي اُڏام ۾ دير ٿيڻ جي صورتحال بہ سامهون اچي سگهي ٿي.

سعودي عرب ۾ ترسڻ دوران ۽ حج فرض جي ادائگيءَ ۾ سعودي تعليمات ۽ وقت بہ وقت جاري ڪيل حُڪمن جي مڪمل پاسداري ڪندا. نظام کي ٽوڙن سان نہ صرف توهان بلڪي پنهنجن بين ساٿين کي بہ مشڪل ۾ وجهي سگهو ٿا. حرم جي حدن ۾ ڪابہ هيٺ ڪريل شيءِ ڪڏهن بہ نہ کڻندا. ان عمل کي چوري ڪرڻ سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن ڪائي قيمتي شيءِ هيٺ پيل نظر اچي تہ ڪنهن اهلڪار کي سڏي ڪري نشاندهي ڪندا پاڻ نہ کڻندا. درحقيقت حج جي سفر جي شروعات کان وٺي ڪري آخر تائين هر مرحلي تي حج جي پانڌيئڙن کي نظم ۽ ضبط جو مظاهرو ڪرڻ جي ضرورت پيش ايندي آهي.

## روڪ رقم، قيمتي شيون ۽ ذاتي حفاظت:

روڪ رقم ۽ قيمتي شين جي حفاظت حج جي پانڌيئڙن جي پنهنجي ذميداري هوندي آهي. روڪ رقم ۽ قيمتي شين جي گم ٿيڻ ۽ کيسا ڪنجڻ جا واقعا ٿيندا رهندا آهن. انهيءَ ڪري پاڻ سان

گڏ سموري رقم هر وقت کيسي ۾ يا بيلٽ ۾ ڪٽي نه هلندا بلڪي صرف ضرورت جيترا پيسا پاڻ وٽ رکندا ۽ ضرورت کان وڌيڪ رقم ڪنهن محفوظ جڳهه تي رکندا. پنهنجي سامان جي ٿيلهي جي تالن جي چابين جا 2 عدد سيٽ مختلف جڳهن تي محفوظ ڪري رکندا ته جيئن هڪ سيٽ گم ٿي وڃڻ جي صورت ۾ ٻيو چابين جو سيٽ ڪم اچي سگهي.

حج جا پانڌيئڙا خاص ڪري عورتون رات دير تائين اڪيليون نه گهمن يا ڪنهن اڻ واقف جي سڏ (ڪوٺ) تي ان جي گاڏيءَ ۾ سفر نه ڪن. سدائين گروپ ۾ يا گهٽ ۾ گهٽ ٻه ماڻهو گڏ ملي ڪري هلندا ۽ هر دفعي ٻاهر نڪرڻ وقت پنهنجي مٽ مائٽ، دوست جو موبائيل نمبر پنهنجي کيسي ۾ يا ٻانهن تي لکي ڇڏيندا ته جيئن ڪاغذ يا پرس گم ٿيڻ جي صورت ۾ رابطو ٿي سگهي.

ان ڳالهه کي يقيني بڻائيندا ته پاڪستان واپسيءَ تائين توهان وٽ گهٽ ۾ گهٽ 100 ريال موجود هجن ته جيئن تمام گهڻي ضرورت يا جهاز جي روانگيءَ ۾ دير ٿيڻ جي صورت ۾ ڪاڌو وغيره ڪائي سگهو.

## هوٽل جا ڪمرا خالي ٿيڻ ۾ دير (مدينه منوره ۾):

عام طور تي هڪ ئي ڏينهن مدينه منوره ۾ هڪ گروپ هوٽل خالي ڪندو آهي ۽ ٻيو گروپ انهن ڪمرن ۾ داخل ٿي رهيو هوندو آهي. هوٽل جي انتظاميه جي ڪوشش هوندي آهي ته ڪنهن گروپ جي داخل ٿيڻ کان پهريان هوٽل جا ڪمرا خالي ڪرايا وڃن پر ڪڏهن ڪڏهن مختلف سببن جي ڪري ان ۾ دير واقع ٿي ويندي آهي. حج جي پانڌيئڙن کي گهرجي ته اهڙي صورت ۾ انتظاميه سان تعاون ڪن.

## ٽرانسپورٽ بابت لاڳاپيل مسئلا:

حج جي سيزن ۾ مڪه مڪرمه ۽ مدينه منوره وارن روڊن تي ٽريفڪ جي رش ڪافي وڌي ويندي آهي ۽ بسون هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه تي پهچڻ ۾ گهڻو وقت وٺي ڇڏينديون آهي. انهيءَ ڪري جڏهن ٻه ٽوهان ڪي هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه تي وڃڻ لاءِ بسن ملڻ جو وقت ڏنو وڃي ته عام طور تي ان ۾ دير ٿي ويندي آهي. انهيءَ ڪري اهڙي صورت حال ۾ صبر جو مظاهرو ڪندا.

- حج جي ڏينهن ۾ هزارين گاڏيون هڪ ئي جڳهه کان گڏيل منزل جي طرف روانيون ٿينديون آهن جنهن جي ڪري روڊن تي به بي پناهه رش ٿي ويندي آهي جنهن جي ڪري غير متوقع دير ٿيڻ جو منهن ڏسڻو پئجي سگهي ٿو.
- گهڻو ڪري بسون صرف حج سيزن ۾ هلنديون آهن ۽ باقي پورو سال بيڪار رهنديون آهن انهيءَ جي ڪري انجڻ يا (AC) جي خرابي جا واقعا پيش اچي سگهندا آهن.
- حج جي سيزن ۾ سعودي حڪومت وقتي طور تي ڪيترن ئي پاڙيسري ملڪن جي ڊرائيورن کي ڀرتي ڪندي آهي. انهن ڊرائيورن جو تعلق مصر، شام ۽ ٻين آفريڪي ملڪن سان هوندو آهي ۽ عام طور تي هو مڪه مڪرمه ۽ مدينه منوره جي روڊن رستن کان اڻ واقف هوندا آهن. انهيءَ ڪري پنهنجي منزل تي دير سان پهچندا آهن.
- مڪه مڪرمه کان مدينه منوره ۽ واپسيءَ تي هر هڪ بس جي مسافرن جي لسٽ هوٽل جي استقباليه (آڊر ياءُ ڪرڻ) واري ڪائونٽر تي لڳائي ويندي آهي. حج جي پانڌيئڙن کي گهرجي ته مليل وقت تي پنهنجي بس ۾ سوار ٿين.

- جيتوڻيڪ مختلف مرحلن تي سفر جي لاءِ بسون مليل وقت تي ناهن پهچي سگهنديون پر حج جي پانڌيئڙن کي وقت جي پابنديءَ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي نہ تہ ٻي صورت ۾ مشڪلات جو منهن ڏسڻو پئجي سگهي ٿو.
- مدينہ منوره کان مڪ مڪرمہ جي سفر دوران بسون رستي ۾ هڪ اسٽاپ ڪنديون آهن ۽ اُتي هڪ ئي وقت ۾ ڪيتريون ئي بسون بيٺيون هونديون آهن. انهيءَ ڪري بسن مان لهڻ وقت پنهنجي بس جو نمبر، رنگ، ڪمپني وغيره چڱيءَ طرح ذهن نشين ڪرڻ گهرجي. نہ تہ نماز، ڪاڌي کائڻ جي وقفي کان پوءِ بس ۾ سوار ٿيڻ جي لاءِ پنهنجي بس ڳولهڻ ۾ مشڪل پيش اچي سگهي ٿي.
- سعودي عرب ۾ ٽريفڪ ساڄي پاسي هلندي آهي. انهيءَ ڪري رستو پار ڪرڻ وقت ان ڳالهہ جو خيال رکندا.

## صحت بابت مسئلا:

ڪائڻ پيئڻ ۾ بي احتياطي جي ڪري پيٽ جا مرض ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي. انهيءَ ڪري گهٽي مصالحي دار کاڌن کان پاسو ڪندا. اهڙن مرضن کان بچڻ لاءِ شربت ۽ پاڻيءَ جو استعمال وڌيڪ ڪندا. پنهنجي ڪمري ۾ موجود فريزر ۾ پاڻيءَ جو ذخيرو ضرور ڪندا. کاڌو هميشہ صاف جڳهہ تي کائيندا. اگهاڙي پير بيت الخلاء ۾ وڃڻ ڪيترين ئي بيمارين جو سبب بڻجي سگهي ٿو.

## پاڪستاني کاڌن جا هوٽل:

ياد رهي تہ هن دفعي بہ سعودي حڪومت جي هدايتن تي کاڌو رهائش گاهن تي حڪومت جي طرفان ڏنو ويندو. تنهن هوندي بہ بازارن ۾ پاڪستاني هوٽلون بہ هر هنڌ ڪليل هونديون آهن.

## خريداري:

تمام گهڻي خريداري نہ صرف مهانگي بلڪي وقت ۽ ذهني سڪون جو زيان بہ آهي. انهيءَ ڪري بازارن ۾ گهٽ کان گهٽ وڃڻ ويندا ۽ گهڻو وقت عبادتن ۽ پنهنجي رب سان مضبوط تعلق کي ڳنڍڻ ۾ صرف ڪندا. جيڪڏهن خريداري گهڻي ڪري ڇڏي تہ واپسيءَ تي سامان گهڻو ٿيڻ جي صورت ۾ ايئرلائين جي گهربل وزن جي حد کي اورانگهڻ جي صورت ۾ ڪرائي جي واڌو رقم ادا ڪرڻ سان مشڪلاتن جو سبب بڻجي سگهي ٿو. (وزن جي حد 30 ڪلو گرام ۽ هينڊ ڪيري 7 ڪلو گرام آهي). کجور مدينہ منوره جي کجور منڊيءَ مان ڪجهہ سستي اگهہ تي ملي سگهندي آهي.

## سامان جي لاءِ احتياط (خبرداري):

هيٺ ذڪر ڪيل شيون سعودي عرب ڪٽي وڃڻ تي پابندي آهي ۽ انهن کي پاڻ سان گڏ ڪٽي وڃڻ تي قانون جي خلاف ورزي سمجهيو ويندو آهي.

- خنجر، چاقو، هٿيار، خشخاس (ڪس ڪس) ۽ الڪوهل وغيره.
- منشيات (نشي جي ڪابہ شيءِ) سعودي عرب ڪٽي وڃڻ جي سزا موت آهي.
- پاڻ سان گڏ ڪنهن بئي ماڻهوءَ جو سامان ڪٽي وڃڻ کان پاسو ڪندا.

## صفائيءَ جو خيال:

صفائي اڌ ايمان آهي انهيءَ ڪري هر مرحلي تي صفائيءَ جو خاص خيال رکندا. فروٽ جون کلون، ريپرز ۽ خالي بولتون وغيره سدائين گند ڪچري اڇلائڻ واري ٽوڪريءَ ۾ وجهندا. جڳهه جڳهه تي ٿڪڻ کان پاسو ڪندا. روزانو هڪ دفعو ضرور وهنجندا. هميشہ صاف لباس پائيندا.

## موبائيل فون:

سعودي عرب ۾ موبائلي، ساوا ۽ زين نالي موبائيل فون جون وڏيون ڪمپنيون آهن. موبائلي ۽ زين نسبتن بهتر سروس مهيا ڪنديون آهن. ان سلسلي ۾ اهم ڳالهيون هيٺ ذڪر ڪيون وڃن ٿيون:

- سم ڪارڊ عام طور تي 30، 60 ۽ 90 ريال ۾ ملندا آهن جنهن ۾ اوترو ئي بيلينس موجود هوندو آهي.
- پاڪستاني موبائيل نمبر جي رومنگ جي سهولت ڏني ويندي آهي. پر هيءَ تمام گهڻي مهانگي پوندي آهي.
- جده ايئرپورٽ تي يا گهڻين بازارين ۾ سم ۽ موبائيل ڪارڊ وڪڻڻ وارا هوندا آهن. انهن کان خريداري ڪرڻ کان پاسو ڪندا. ڇاڪاڻ تہ اهي غير مؤثر ٿي سگهن ٿا. جده ايئرپورٽ جي بلڊنگ جي ٻاهران مختلف موبائيل ڪمپنين جا ڪائونٽر ناهيا ويندا آهن ۽ حرم جي ويجهو ئي ڪيترين ئي فرنچائيز جا دفتر کوليا ويندا آهن. انهيءَ ڪري ايئرپورٽ کان نڪرندي ئي انهن ڪائونٽرن تان يا مڪہ مڪرمہ ۾ ڪنهن

موبائيل ڪمپنيءَ جي فرنچائيز جي دفتر مان سم خريد ڪندا.

- پاڻ سان گڏ ڪوبہ سستو ۽ سادو موبائيل فون کڻي ويندا. ضرورت کان وڌيڪ يعني (Extra) موبائيل جي بيٽري بہ منيٰ ۾ ترسڻ دوران فائدي مند ثابت ٿي سگهي ٿي. موبائيل چارجر جا (Three pin converter) ضرور کڻي ويندا. منيٰ ۾ موبائيل چارجنگ لاءِ ايڪسٽينشن بورڊ موجود هجي تہ ڪيترين ٻيون موبائيلز هڪ ئي وقت ۾ چارج ڪري سگهجن ٿيون.
- ڪوشش ڪندا تہ موبائيل گهٽ ۾ گهٽ استعمال ٿئي گهڻو وقت پنهنجي رب جي طرف مائل رهندا.
- موبائيل تي گاني واري ٽون يا گهنٽي نہ رکندا ۽ سيني نمازن خاص ڪري حرم شريف ۾ موبائيل بند رکندا.

## قربانيءَ جا انتظام:

حڪومت پاڪستان سرڪاري حج اسڪيم جي تحت حج تي وڃڻ وارن ماڻهن لاءِ عام طور تي سعودي بينڪ جي ذريعي قربانيءَ جو بندوبست ڪندي آهي جيڪو هڪ سنو انتظام آهي جنهن ۾ قربانيءَ جي گارنٽي بہ هوندي آهي ۽ گوشت بہ ضرورت مندن تائين پهچايو ويندو آهي. جيڪڏهن قرباني سرڪاري پيڪيج ۾ شامل نہ هجي تہ پرائيويٽ ماڻهن يا ٺيڪيدارن جي ذريعي قرباني ڪرڻ کان پاسو ڪندا. بدقسمتيءَ سان ان سلسلي ۾ ڪيترائي ماڻهو دوکو ڏيندا آهن.

**موسم جي شدت(گهٽائي):**

حج جي ڏينهن ۾ مڪ مڪرمہ مدينہ منوره خاص ڪري منيٰ ۽ عرفات ۾ اڪثر ڪري درجہ حرارت 50 ڊگري سينٽي گريڊ کان وڌي ويندي آهي ۽ هوا ۾ گِهمَ جو تناسب بہ گهٽ هوندو آهي. انهيءَ لاءِ ٻاهر نڪرڻ وقت خاص ڪري حرم وڃڻ وقت ڇٽيءَ جو استعمال ضرور ڪندا ۽ پيئڻ جي لاءِ پاڻي جي بوتل هميشہ پاڻ سان گڏ رکندا. جيڪڏهن منجهند جي وقت حرم وڃو هجي تہ هميشہ پاڻ سان گڏ ڇٽي رکندا . وڏي عمر جي حاجين لاءِ عشاء کان پوءِ جو وقت طواف جي لاءِ وڌيڪ مناسب هوندو آهي. عورتون طواف جي وقت جورابا استعمال ڪن ڇاڪاڻ تہ ماربل جي فرش تي اگهاڙي پير هلڻ اٽانگو هوندو آهي.

**حرم جي نماز:**

باجماعت نماز جي وقت توهان ڪيترن ئي حاجين کي مطاف ۾ صفن جي وچ ۾ چڪر لڳائيندي ڏسندا جيڪي دراصل نماز جي لاءِ خالي جڳهہ جي ڳولها ۾ هوندا آهن. ان مونجهاري کان بچڻ لاءِ طواف جي وقتن جي چونڊ اهڙي طرح ڪندا تہ جيئن نماز باجماعت آرام سان ادا ٿي سگهي. مطاف ۾ رڪن يمانيءَ کان وٺي رڪن حجر اسود ۽ مقام ابراهيم جي علائقي تائين تمام گهڻي رش هوندي آهي ۽ اتي جماعت جي وقتن ۾ نماز جي لاءِ جڳهہ ملڻ تمام مشڪل هوندو آهي. پر ان وقت حطيم کان وٺي رڪن يمانيءَ جو ڪجهہ حصو خالي هوندو آهي ۽ اتي نماز جي لاءِ عام طور تي جڳهہ آرام سان ملي ويندي آهي. پر جڏهن گروپ جي صورت ۾ حرم شريف ويندا تہ سڀني گروپ کي ڪنهن هڪ هنڌ نماز پڙهڻ جي لاءِ جڳهہ ملڻ

مشڪل هوندو آهي ها پر ٻن يا ٽن ماڻهن جي لاءِ ويجهو ويجهو جڳهه ملي ويندي آهي.

**منيٰ ۾ نمازون:**

ان موقعي تي منيٰ ۾ نمازن جي باري ۾ ٻه رايا سامهون ايندا آهن جيڪي ڪجهه وقتن تي حج جي پانڌيئڙن جي وچ ۾ بحث ۽ مباحثي جو سبب بڻجندا آهن.

اول اهو ته منيٰ ۾ نماز قصر ادا ڪئي وڃي. انهيءَ لاءِ منيٰ ۾ حاجي مسافر هوندو آهي ۽ مسافر قصر نماز ادا ڪندو آهي. جڏهن ته ڪجهه علماءَ ڪرامن جو رايو اهو آهي ته جيڪڏهن مڪه، منيٰ ۽ عرفات ۾ مجموئي طور تي پندرنهن ڏينهن يا ان کان وڌيڪ ترسڻ جي نيت آهي، مقيم شمار ٿيندو ۽ منيٰ ۾ پوري نماز پڙهندو. سعودي عرب حڪومت به منيٰ کي مڪه مڪرمه جو حصو شمار ڪندي آهي. ٻنهي مان ڪنهن هڪ راءِ تي عمل ڪري سگهجي ٿو.

ياد رکندا ته حج جي ڏينهن ۾ اسان کي جهيڙي جهڳڙي ڪرڻ کان پاسو ڪرڻو آهي ڇاڪاڻ ته ان جي باري ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ جو قرآن مجيد ۾ واضع حڪم موجود آهي.

لَا رَفَثَ وَلَا فُسُوْقَ وَلَا جِدَالَ فِي الْحَجِّ (البقرة:197)

جيڪڏهن امام صاحب قصر جڏهن ته ڪوئي مقتدي پوري نماز پڙهڻ چاهيندو هجي ته جڏهن امام صاحب پنهنجون ٻه رڪعتون نماز پوري ڪري ڇڏي ته پوري نماز پڙهڻ وارا مقتدي پنهنجي نماز مڪمل ڪندا.

## ڪجھ شرعي مسئلا ۽ انهن جا جواب:

**سوال:** عين حج جي پنجن ڏينهن ۾ عورت کي جيڪڏهن حيض جاري ٿي وڃي تہ ڇا ھوءَ حج جا سڀئي رڪن ان حالت ۾ پورا ڪري سگهي ٿي؟

**جواب:** طواف کان سواءِ ٻيا رڪن ادا ڪندي، پوءِ جڏهن حيض کان پاڪ ٿي وڃي تہ طواف ڪندي.

**سوال:** جيڪڏهن ڪا عورت عمري جي نيت سان مڪہ مڪرمہ وئي ۽ احرام جي حالت ۾ حيض جاري ٿي پيو تہ ڇا اُن کي مڪہ مڪرمہ پهچي ڪري طواف ۽ سعي ڪري احرام کولي ڇڏڻ گهرجي يا ان کان پهريان پاڪ ٿيڻ جو انتظار ڪري؟

**جواب:** پاڪ ٿيڻ جو انتظار ڪري، پوءِ جڏهن پاڪ ٿي وڃي تہ طواف ۽ سعي ڪري ان کان پوءِ احرام جي حالت مان ٻاهر نڪرندي.

## اخلاق جي متعلق ڪجھ ڳالهيون:

- حج جا پانڌيئڙا حج جي مقدس سفر دوران اخلاق جو دامن نہ ڇڏن. عملي ۽ ٻين ملڪن جي حاجين سان بہ اخلاق سان پيش اچن.
- حاجي ڪيمپ ۾ پنهنجي ٽڪيٽ / پاسپورٽ وٺڻ وقت بد نظمي نہ ڪندا بلڪي قطار ۾ رهي ڪري سمورا ڪاغذ پٽ جلد وصول ڪري سگهجن ٿا.
- هوائي جهاز جي اچڻ يا روانگيءَ ۾ دير ٿي وڃي تہ ايئر پورٽ تي صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺندا ۽ سٺي امن پسند پاڪستاني هئڻ جو ثبوت ڏيندا. سگريٽ پيئڻ ۽ فضول

گفتگو نہ ڪندا تلبيہ جو ورد ڪثرت سان ڪندا. سفر جي دوران مليل هدايتن تي سختيءَ سان عمل ڪندا.

- جده يا مدينہ منوره ايئرپورٽ تي توهان کي ڪجهہ وقت ڪاٽڻ پيئڻ ۽ نماز جي ادائيگيءَ جي لاءِ ملندو انهيءَ دوران بہ بدنظميءَ کان بچندا، صبر کان ڪم وٺندا ۽ توبهہ استغفار ڪندا رهندا.
- جنهن بلڊنگ ۾ جهڙو بہ ڪمرو ڏنو وڃي اهو خوشيءَ سان وٺندا ڪُراڙن ۽ بيمار ماڻهن لاءِ ايثار کان ڪم وٺندا. جيڪڏهن توهان کي هيٺين منزل تي ڪمرو مليو آهي تہ توهان انهن کي ڏيندا تہ جيئن انهن کي لهڻ چڙهڻ ۾ ڪنهن قسم جي پريشاني نہ ٿئي.
- بلڊنگ ۾ کاڌو ورهائڻ وقت نظم ۽ ضبط جو مظاهرو ڪندا ۽ پنهنجي واري اچڻ تي کاڌو وٺندا. کاڌي کائڻ جي ادبن کي ڌيان ۾ رکندي صرف ايترو کائيندا جيترو کائي سگهو.
- رهائش گاهہ تي بہ توهان کي مختلف مسئلن ۽ مشڪلاتن سان واسطو پئجي سگهي ٿو. ڪنهن بہ مسئلي جي لاءِ توهان بلڊنگ ۾ موجود اسٽاف سان رابطو ڪندا ۽ صبر کان ڪم وٺندا.
- مڪہ مڪرمہ ۽ مدينہ منوره کان علاوه ڪنهن ٻئي شهر ۾ وڃڻ جي هرگز اجازت نہ آهي، اهڙي طرح جده ايئرپورٽ يا حج ٽرمينل کان توهان جده شهر نٿا وڃي سگهو.
- مقدس جڳهن تي دنياوي ڳالهين کان پاسو ڪندا.
- مسجدالحرام ۽ مسجد نبوي ۾ سنگ مرمر جا فرش ٻڏل آهن انهن تي احتياط سان هلندا.

- حج جي پنجن ڏينهن ۾ پاڻيءَ جي بوتل پاڻ سان گڏ ضرور رکندا.
- مسجدالحرام ۽ مسجد نبوي وڃڻ وقت وڏيڪ رقم پاڻ سان گڏ نہ رکندا.
- طواف يا شيطانن کي پٿريون هڻڻ وقت جيڪڏهن توهان جي ڪا شيءِ هيٺ ڪري پوي تہ ان کي کڻڻ جي هرگز ڪوشش نہ ڪندا. ائين ڪرڻ سان هيٺ ڪِرڻ جو خطرو هوندو آهي. جيڪڏهن خدانخواستہ ڪري پوي تہ رش جي ڪري چيپاڄڻ يا موت جو بہ ڊپ هوندو آهي احتياط ڪندا.
- عورتون حرم شريف وڃڻ وقت شيشي جون چوڙيون پائي نہ وڃن ڇاڪاڻ تہ رش ۾ چوڙيون ٽٽڻ سان توهان پاڻ بہ زخمي ٿي سگهو ٿيون ۽ ٻين حاجي سڳورن جا پير بہ زخمي ٿي سگهن ٿا.
- عورتون وڏيءَ ڪڙيءَ وارو سينڊل نہ پائن انهيءَ سان هلڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي ۽ جلدي ٿڪجي پوندا.
- عورتن جي لاءِ عبايا پائڻ ضروري آهي عورتون اهڙو لباس نہ پائن جيڪو ملڪي وقار خلاف هجي خاص ڪري سنهو لباس نہ پائن جنهن سان توهان جو جسم ظاهر ٿئي.
- عورتون جنهن بلڊنگ ۾ رهائش رکندڙ هجن انهيءَ بلڊنگ ۾ رهندڙ ٻين عورتن سان رابطو رکن ۽ ڏکيي وقت ۾ هڪ ٻئي جي مدد بہ ڪن.
- پنهنجي ڪمري ۽ بلڊنگ ۾ صفائيءَ جو خيال رکندا جيڪڏهن صفائيءَ وارو نہ بہ اچي تہ صفائي پاڻ ڪندا ۽ ماحول کي صاف سٿرو رکندا.

- حرم جي حدن ۾ ڪابہ هيٺ ڪريل شيءِ هرگز نہ کڻندا. ان عمل کي چوري سمجهيو ويندو آهي.
- ڪنهن حادثي جي صورت ۾ گهبراهٽ (ڀڄ ڊوڙ) پيدا نہ ڪندا ۽ زخمي يا ميت (لاش) کي پاڻ نہ کڻدا بلڪي ويجهي سيڪٽر آفيس کان مدد وٺندا يا پاڪستان هائوس ۾ اطلاع ڏيندا.
- حق تي بہ هجو تڏهن بہ جهيڙو جهڳڙو نہ ڪندا. مذهبي ۽ سياسي گفتگو/ بحث کان پاسو ڪندا.
- جيڪڏهن ڪنهن رش ۾ ڦاسي پئو تہ انهيءَ طرف هلندا جنهن طرف سڀ هلندا هجن ابتڙ پاسي هرگز نہ هلندا.
- گڏيل رهائش تي اعتراض نہ ڪندا. ڪُراڙن ڪمزورن ۽ عورتن کي رضاڪارانہ جڳهہ ڏيندا. ضعيف ڏبرن ماڻهن جي لاءِ خدام الحجاج کان مدد وٺندا. گنجائش کان وڌيڪ حاجي ڪمري ۾ رهايا وڃن تہ پاڪستان هائوس يا خدام الحجاج کي اطلاع ڏيندا. پاڻ ۾ نہ جهڳڙندا.
- لفٽ ۾ گنجائش کان وڌيڪ ماڻهو سوار نہ ٿيندا. واري واري تي استعمال ڪندا.
- باٿ روم اڪثر ڪري 8 کان 12 ماڻهن جي استعمال لاءِ هوندا آهن. واري واري تي استعمال ڪندا.
- بيت الخلاء ۾ پٿر پتر استعمال نہ ڪندا نہ تہ گٽر بند ٿي ويندو ۽ سيني کي تڪليف ٿيندي.
- انگريزي طرز جي ڪموڊ جو استعمال ضرور سکندا. ڪجهہ غسل خانن ۾ استنجي (طهارت) جي لاءِ الڳ ڪموڊ هوندو آهي ان کي صرف استنجي لاءِ استعمال ڪندا.

## باب اٺون:

## حج جي سفر جي لاءِ طبي سهولتون

حج جي پاڻديئڙن جي علاج معالجي جون بهترين سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ نہ صرف حڪومت پاڪستان بلڪ سعودي حڪومت بہ وسيع انتظام ڪندي آهي. ان مقصد جي لاءِ سيني طبي مرڪزن ۽ اسپتالن ۾ مُفت سهولتون مهيا ڪيون وينديون آهن. مڪ مڪرمہ ۾ حاجين سڀڱورن جي سهولت جي لاءِ سعودي اسپتال ۽ 75 طبي مرڪز ٺاهيا ويا آهن انهن کان علاوه حڪومت پاڪستان جو ميڊيڪل حج مشن حج جي پاڻديئڙن جي لاءِ هڪ وڏي اسپتال بہ قائم ڪندو آهي جتي هر قسم جون سهولتون موجود هونديون آهن ان کان علاوه مختلف بلڊنگز ۾ ڊسپينسريون بہ ٺاهيون ويون آهن جتي ماهر ڊاڪٽر ۽ ڪواليفائيڊ عملو هر وقت موجود هوندو آهي. جن جي نشاندهي سيني بلڊنگز ۾ ڪئي ويندي آهي. تمام گهڻي ايمرجنسيءَ جي صورت ۾ بلڊنگ ۾ موجود معاون يا چوڪيدار جي مدد سان سعودي هلال احمر جي ايمبولينس گُهرائڻ لاءِ 997 تي رابطو ڪندا.

حج جي دوران انهن مقدس جاين تي صرف سعودي حڪومت طبي مرڪز ۽ اسپتالون قائم ڪندي آهي ڪنهن بي حڪومت کي طبي سهولتون مهيا ڪرڻ جي اجازت ناهي هوندي. منیٰ ۾ 6 وڏيون اسپتالون ۽ 44 طبي مرڪز قائم ڪيا ويندا آهن. جنهن جي نشاندهي مختلف روڊن تي بورڊ لڳائي ڪري ڪئي ويندي آهي انهيءَ ڪري حج جي پاڻديئڙن کي طبي سهولتن جي لاءِ پنهنجي رهائش گاهن کان وڏيڪ پري نہ وڃڻو پوندو آهي. هتي سيئي سهولتون مثال طور ضروري دوائون وغيره مُفت ڏنيون وينديون آهن. منیٰ ۾ وڏين اسپتالن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

| نمبر شمار | اسپتال جو نالو | هنڌ |
|---|---|---|
| 1 | مستشفی الطواری | مسجد خيف وٽ |
| 2 | مستشفی الواردی | زون 6 ۾ رستو نمبر 616 تي |
| 3 | مستشفی الجديد | زون 2 ۾ رستو نمبر 202 تي |
| 4 | مستشفی القوات المسلح | زون 7 ۾ طريق 44 القصر المکي تي |
| 5 | مستشفی منی الجسر | ڪبري عبدالعزيز جي ويجهو |
| 6 | مستشفی الحرس الوطنی | طريق 44 القصر المکي تي ڪبري عبدالعزير جي ويجهو |

## ضروري طبي هدايتون:

- روانگيءَ کان پهريان گردن توڙ بخار ۽ فلو (Influenza) جا حفاظتي ٽڪا بہ لڳرائيندا.
- حج کان پهريان ورزش ۽ پنڌ هلڻ جي عادت وجهندا. پنهنجي وزن کي مناسب رکندا.
- طبي ڪٽ (Medical Kit) جنهن ۾ سموريون دوائون هجن پاڻ سان گڏ رکندا.
- حج تي وڃڻ کان پهريان پنهنجي ڏندن جو معائنو ڪرائيندا.
- غير ضروري دوائن جي استعمال کان پاسو ڪندا ۽ دوائون صرف ڊاڪٽر جي هدايتن جي مطابق استعمال ڪندا.

## حج جي دوران ضروري طبي هدايتون:

- حج جي مناسڪ جي ادائگيءَ ۾ اعتدال (وچترائي نہ گهٽ نہ وڌ) رکندا، ضرورت کان وڌيڪ پنهنجو پاڻ کي تڪليف نہ ڏيندا.
- ذاتي صفائيءَ جو خيال رکندا.
- کاڌو کائڻ کان پهريان هٿن کي چڱي طرح ڌوئندا.
- اهو کاڌو کائيندا جيڪو ڍڪي ڪري رکيو ويو هجي.
- دٻي ۾ بند کاڌو معياد جي مطابق کائيندا. (جنهن تي Expiry date لکيل هجي).
- فروٽ، سبزيون ۽ اٻريل کاڌو کائيندا تہ جيئن معدي جو مسئلو نہ ٿئي.
- بازارن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ويندا تہ جيئن ٿڪاوٽ گهٽ ٿئي.
- رش ۾ ڌڪي ڏيڻ کان پاسو ڪندا.
- سرنگ (Tunnel) ۽ روڊ تي سمهڻ کان پاسو ڪندا.
- انهن ماڻهن سان گڏ گهٽ ويهندا جن کي وچڙندڙ بيماري هجي.
- حج جا مناسڪ ادا ڪرڻ کان پهريان مناسب آرام ڪندا تہ جيئن توهان جو جسم تازو توانو رهي.
- بغير ڪنهن ضرورت جي اُس ۾ نہ ويندا جيڪڏهن وڃڻ ضروري هجي تہ پاڻي گهڻو پيئندا، نمڪول استعمال ڪندا ۽ اُس ۾ ڇٽيءَ جو استعمال ضرور ڪندا. جيڪڏهن احرام ۾ نہ هجو تہ مٿو ڍڪي رکندا.
- بيماريءَ جي صورت ۾ پاڪستاني يا سعودي ڊسپينسريءَ مان مفت علاج ڪرائيندا.ممڪن ٿي سگهي تہ ڊسپينسريءَ تائين پهچائڻ ۾ بيمار مريضن جي مدد ڪندا.

**طبي ڪٽ (MedicalKit):**

طبي ڪٽ حج جي پانڌيئڙن وٽ هئڻ ضروري آهي. ان ۾ دوائون ڀن طرح جون هئڻ گهرجن.

**(الف) دائمي (هميشہ وارين) بيمارين جون دوائون:**

- هائي بلڊ پريشر (Hypertension) ۽ دل جي مرضن جون دوائون.
- ذيابطيس (شوگر) (Diabetes) جي مريضن جي لاءِ انسولين (Insulin) جون انجيڪشن ۽ شوگر کي قابو رکڻ واريون دوائون.
- دم (Asthma) جي مريضن جا انهيلر (Inhaler).
- سموريون دوائون ڊاڪٽر جي مشوري سان سفر کان پهريان مناسب مقدار ۾ کڻندا.

**(ب) عام علامتن جي علاج جون دوائون:**

- او-آر-ايس (ORS) جيئن نمڪول جيڪو حج پانڌيئڙن کي سن اسٽروڪ (لُو لڳڻ) ۽ گهڻا دست (Diarrhea) ۾ پاڻيءَ جو جسم کان وڏيڪ نڪرڻ کانپوءِ ضروري هوندو آهي.
- بخار ۽ سُور ختم ڪرڻ جون دوائون.
- سڙڻ (Burn) جي تڪليف ۽ داغ ختم ڪرڻ جي مرهم.
- معدي جي تيزابيت کي گهٽ ڪرڻ جون دوائون.
- پٽي، ڪپهه ۽ سني پلاسٽ (Suniplast) .

**وچڙندڙ مرضن جي**(CommunicableDiseases)**متعلق اهم هدايتون:**

حج جي مقدس موقعي تي پوري دنيا کان ماڻهو ايندا آهن ۽ بنيادي طبي معلومات نہ هجڻ جي ڪري ڪيترين ئي بيمايون پکڙجي سگهن ٿيون جهڙڪ فلو (Influenza) هيپيٽائٽس انهن بيمارين جون علامتون آهن. بخار، درد (سور) ٿڪاوٽ. مٿي ۾ گهٽو سور بہ انهن بيمارين جو حصو آهي. انهن علامتن سان گڏ ڊاڪٽر سان رابطو ڪندا. درج ٿيل هدايتن تي پڻ عمل ڪندا:

- کاڌي کي چڱي طرح صاف ڪري کائيندا.
- پاڻي صاف ۽ گهڻي مقدار ۾ پيئندا.
- اس ۾ وڌيڪ هلڻ ۽ بيهي رهڻ سان چمڙيءَ جون بيماريون ٿي سگهن ٿيون.
- ڪپڙا هلڪا ۽ صاف پائيندا.
- چمڙيءَ کي خشڪ رکندا ۽ ٽيلڪم پائوڊر استعمال ڪندا.
- زخم کي ڍڪي رکندا ۽ جراثيم ختم ڪرڻ واريِ دوا استعمال ڪندا.
- حج کان پوءِ وار صاف بليڊ سان ڪوڙائيندا تہ جيئن (HIV) ۽ هيپاٽائيٽس کان بچي سگهجي.

**غير متعدي** (Non Communicale Diseases)**بيمارين متعلق ضروري هدايتون:**

**(الف) سن اسٽروڪ (لُو لڳڻ)** (Sunstroke)

- سج جي تاڪ گرميءَ ۾ وڌيڪ دير بيهڻ سان لو (لُڪَ) لڳي سگهي ٿي. جنهن سان جسم جا وڌ ۾ وڌ نمڪيات ۽ پاڻيات نڪري ويندا آهن. ان سان ڪمزوري ۽ بي هوشي ٿي سگهي ٿي.

- اُس ۾ چٽيءَ جو استعمال ڪندا. اُن ڪان بچڻ لاءِ گهڻي دير سج ۾ نہ ويهندا.
- پاڻي پيئڻ جو مقدار وڌيڪ ڪندا ته ٻي جو اچ نہ ٻہ لڳي.
- وڌيڪ ٿڌو پاڻي پيئڻ ڪان پاسو ڪندا.

(ب) **دل جا مرض**(Heart Diseases)**:**

- دوائون باقاعدگيءَ سان ڪائيندا.
- ضرورت ڪان وڌيڪ پنهنجو پاڻ کي نہ ٿڪائيندا.
- سيني ۾ سُور هجڻ جي صورت ۾ زبان جي هيٺان رکڻ واري ٽڪي استعمال ڪندا.
- پوري طرح آرام ڪندا.
- سيني ۾ غير معمولي سُور ٿيڻ جي صورت ۾ اسپتال سان رابطو ڪندا.

(پ) **ذيابطيس (شوگر)**(Diabetes)**:**

- ذيابطيس (شوگر) جا مريض انسولين کي ٿڌي جڳهہ تي رکن.
- انسولين ۽ شوگر کي قابو رکڻ واريون دوائون وقت تي باقاعدگيءَ سان استعمال ڪندا.
- کاڌي جي وقتن جو خيال رکندا ۽ کاڌي کائڻ ۾ وڌيڪ وقفو نہ رکندا.
- پنهنجي آرام جو خيال رکندا.
- شوگر کي حد ڪان وڌيڪ يا گهٽ ٿيڻ نہ ڏيندا.
- کيسي ۾ هر وقت مٺي ٽڪي رکندا.
- شوگر گهٽ هجڻ جي صورت ۾ مٺي ٽڪي چوسيندا.

(ڀ) **دم جا مريض**(Asthma)**:**

- دوائون باقاعدگيءَ سان ڪائيندا.

- هر وقت پاڻ سان گڏ انهيلر رکندا.
- آرام جو خيال رکندا. وڌيڪ رش ۾ وڃڻ کان پاسو ڪندا.
- سيني ۾ سڙڻ جي صورت ۾ اينٽي بايوٽڪ پاڻ سان گڏ رکندا.
- پاڻي وڌيڪ پيئندا ۽ تيز اُس ۾ گهٽ رهندا.

**(ت) هائي بلڊ پريشر جا مريض** (Hypertension)**:**

- دوائون باقاعدگيءَ سان استعمال ڪندا.
- کاڌي ۾ لوڻ جو مقدار گهٽ رکندا.
- پنهنجو بلڊ پريشر (Blood presure) باقاعدگيءَ سان چيڪ ڪرائيندا.

**(ث) ساهه جو انفيڪشن (نمونيا)** (Respiratory track infection)**:**

- ساهه جي انفيڪشن حج جي موقعي تي ڪيترن ئي حاجي سڳورن کي ٿيندي آهي. ان کان بچڻ جي لاءِ هٿن جي صفائيءَ جو خيال رکندا.
- منهن تي ماسڪ جو استعمال ڪندا.
- ڪنگهڻ وقت منهن تي هٿ رکندا.
- فاصلو رکي ڪري ڳالهائيندا.
- وڌيڪ ٿڌي پاڻيءَ کان پاسو ڪندا.
- جيڪڏهن ٽي بي جي علامت محسوس ٿئي جيئن ڪنگهه سان گڏ بلغم يا رت ، سيني ۾ سُور، ڪمزوري بخار ۽ رات جو پگهر اچي ته ڊاڪٽر سان رابطو ڪندا.

## باب نائون:

## حادثن کان بچاءُ

### باھ کان بچاءُ:

باھ لڳڻ جا بنيادي سبب ۽ انهن جي بچاءَ جا طريقا هيٺ بيان ڪجن ٿا:

- بجلي جو شارٽ سرڪٽ.
- بجلي جي تارن جا ڪنيڪشن ڍلا نہ ٿيڻ ڏيندا.
- هڪ پوائنٽ ۾ هڪ وقت ۾ هڪ کان وڌيڪ بجلي جا اوزار استعمال نہ ڪندا نہ تہ تارون گرم ٿي ڪري باھ پڪڙجي سگهي ٿي.
- بجليءَ جي استري سان بہ باھ لڳي سگهندي آهي. ان جي استعمال ۾ احتياط ڪندا. گرم استري ڇڏي نہ ويندا جيڪا ڪپڙي تي لڳي ڪري باھ لڳڻ جو سبب ٿي سگهي ٿي.
- رهائشي جڳهن تي خيمن جي اندر ۽ ٻاهر مناسب صفائي هئڻ گهرجي. گند ڪچرو اڇلڻ لاءِ ٽوڪري استعمال ڪندا. وڪريل ڪاغذ ۽ ڪپڙا باھ کي دعوت ڏيندا آهن.
- خيمن جي اندر ڪاڏو نہ پچائيندا.
- سمهڻ وقت بستري تي سمهي ڪري سگريٽ نہ پيئندا.
- ٻرندڙ سگريٽ کي بي احتياطيءَ سان نہ اڇليندا بلڪي ان کي وسائي Ashtray ۾ وجهندا.
- ماچس کي ٻارن جي پهچ کان پري رکندا.
- گيس جي سلينڊر کي هميشہ سڌو رکندا.
- گيس سلينڊر ان جي ٽيوب کي گرمائش کان بچائي رکندا.

- گيس سلينڊر جڏهن استعمال ۾ نہ هجي تہ بُجيءَ کي مظبوطيءَ سان بند رکندا.
- گيس سلينڊر کي چلهي کان گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ ميٽرن جي فاصلي تي رکندا.
- جيڪڏهن سلينڊر مان گيس نڪرندي هجي تہ ان کي صابڻ سان چيڪ ڪندا باهہ جي ذريعي ڪڏهن بہ چيڪ نہ ڪندا.
- گيس جو چلهو يا هيٽر استعمال ڪرڻ وقت گيس جي خارج ٿيڻ تي ڌيان رکندا. ان سان گيس جمع ٿي ڪري ڌماڪو ٿيڻ جو خطرو هوندو آهي. جيڪڏهن ڪمري ۾ گيس جي ڌپ محسوس ڪريو تہ پڙدا ۽ دريون کولي ڇڏيندا ۽ ارد گرد ماڻهن کي هوشيار ڪندا.
- باهہ لڳڻ جي صورت ۾ مدد لاءِ دانهيندا.
- پاڻي يا واري باهہ جي پيڙ تي هاريندا.
- باهہ کي ويجهي کان ويجهو ٿي ڪري وسائيندا.
- باهہ جي آس پاس کان سڙڻ وارين شين کي هٽائيندا.
- بجلي جي باهہ هجي تہ سوئچ بند ڪري ڇڏيندا.
- تيل جي باهہ کي واريءَ سان وسائيندا. پاڻيءَ سان وسائڻ جي ڪوشش نہ ڪندا.
- جيڪڏهن ڪٿي باهہ بي قابو هجي تہ هڪدم پهريان ڪان ڏنل هنگامي نمبر تي ٽيلي فون ڪندا.
- جيڪڏهن ڪنهن جي ڪپڙن کي باهہ لڳي وڃي تہ ڪمبل يا ڪوٽ وغيره ۾ ويڙهي زبردستي هيٺ ڪيرائيندا ۽ ٽيڙن سان باهہ کي وسائيندا ان تي پاڻي هرگز نہ وجهندا.

- جيڪڏهن پنهنجي ڪپڙن کي باهه لڳي وڃي ته هڪدم هٿن سان منهن کي ڍڪي ڇڏيندا ۽ زمين تي ليٽڻ شروع ڪندا ۽ مدد لاءِ سڏيندا.
- دونهي واري ڪمري ۾ بي هوش ماڻهوءَ کي ڪڍڻ لاءِ فرش تي ريڙهيون پائيندي ڪمري ۾ داخل ٿيندا ۽ ان جا ٻئي هٿ ٻڌي ڪري پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهندا ۽ گهليندا ٻاهر ڪڍي ايندا.

**صدمي جو علاج:**

- مريض کي سمهاريندا.
- مريض جي جسم کي گرم رکندا.
- مٿو جسم جي سطح کان هيٺ رکندا جيڪڏهن مٿي ۾ ڌڪ لڳل هجي ته ان کي مٿانهون رکندا ۽ رت وهي رهيو هجي ته ان کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندا.
- بي هوشيءَ ۽ نيم بي هوشيءَ ۽ الٽي اچڻ جي صورت ۾ زخميءَ کي ڪجهه نه پيئاريندا.
- هوش اچڻ تي گرم ۽ گهٽي مِٺي چانهه پيئاريندا.

**دم گهٽجڻ جو علاج:**

- مريض کي ان شيءَ کان پري ڪندا جنهن سان دم گهٽجي رهيو هجي. جيڪڏهن مريض ڪنهن بجلي جي تار کي ڇُهي رهيو هجي ته ان کي هٿ نه لڳائيندا.
- اهڙي صورت ۾ بجليءَ جو ڪرنٽ ڪاٽي ڇڏيندا يا بجلي جي تار کي الڳ ڪرڻ لاءِ سُڪل ڪاٺيءَ جو ٽڪرو يا ربڙ جو پائيپ استعمال ڪندا.

- دونهي ۾ ورتل مريض کي جلدي ٻاهر ڪڍي ايندا.
- هٿرادو ساهه کڻڻ جي طريقي سان مريض جو ساهه بحال ڪندا.

**ساهه جاري ڪرڻ جا مصنوعي (هٿرادو) طريقا:**

(الف) منهن سان منهن ملائي ڪري:

- منهن سان منهن ملائي ڪري زخميءَ جي مٿي کي پوئتي سرڪائيندا ان جي ڪاڏيءَ کي مٿي رکندا.
- مريض جي ڄاڙي کي اهڙي طرح دٻائيندا ته جيئن ان جو وات کلي وڃي.
- پنهنجو منهن پورو کوليندا ۽ مريض جي منهن تي مظبوطيءَ سان رکندا.
- منهن جي ذريعي زور سان ڦوڪ ڏيندا.
- پنهنجي منهن کي ٿوري دير جي لاءِ هٽائي ڇڏيندا.
- ساهه ڦوڪڻ جو هي عمل مسلسل جاري رکندا ته جيئن وقت تي مريض جو ساهه کڻڻ جاري ٿي وڃي.

(ب) شيفر جو طريقو:

- مريض کي پيٽ پر سمهاريندا ۽ ان جي چيلهه تي گوڏن پر ويهي رهندا.
- ٻنهي هٿن سان مريض جي چيلهه جي هيٺين حصي تي ٽن سيڪنڊن تائين دٻائيندا ۽ ٻن سيڪنڊن لاءِ زور ڏيڻ ڇڏي ڏيندا.
- هي عمل جاري رکندا ته جيئن مريض جو ساهه کڻڻ بحال ٿي وڃي.

**وهندڙ رت کي روڪڻ:**

- زخم کي هڪدم هڪ صاف ڪپڙي سان ڍڪيندا. جيڪڏهن ڪپڙو نہ ملي تہ پنهنجي اگهاڙي هٿ سان زخم کي ڍڪيندا.
- زخم تي ٿورو زور ڏيندا.
- زخم تي زور ڏيڻ وقت زخمي هٿ ۽ پير مٿي ڪٽندا.
- جيڪڏهن رت رڳ مان وهي رهيو هجي تہ آڱر جو دٻاءُ جسم جي مخصوص جڳهہ يعني پريشر پوائنٽ تي وجهندا. اهڙي طرح رت جو وهڻ گهٽ ٿي ويندو.
- جيڪڏهن زخم ڳيچيءَ يا مٿي جي ويجهو هجي تہ اهو طريقو استعمال نہ ڪندا بلڪي زخم تي سڌو دٻاءُ وجهندا.

**جيڪڏهن هڏي ٽُٽي وڃي:**

- جيڪڏهن هڏي ٽُٽڻ جو خدشو هجي تہ مريض کي حرڪت ڪرڻ نہ ڏيندا.
- جتي زخمي ماڻهو وينو هجي يا ستو پيو هجي اتي پلستر جي پٽي لڳائيندا.
- پلستر جي پٽي لڳائڻ لاءِ ٻن ماڻهن جي ضرورت پوندي آهي.
- زخمي ٿيل هٿ پير کي نرمي ۽ مضبوطيءَ سان پڪڙيندا. هڪ هٿ زخمي حصي جي مٿان رکندا ۽ ٻيو هيٺان رکي آهستي سان ڇڪيندا.
- جيڪڏهن ريڙهہ جي هڏيءَ جو مسئلو هجي تہ ڪڏهن بہ زخميءَ کي سڌو ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪندا.

**آلہ آتش ڪشي (فائر اڪسٽنگ شر) جو استعمال:**

- باھہ وسائڻ واري آلي تي جيڪو استعمال لکيل آهي ان کي غور سان پڙهندا ۽ هدايتن تي عمل ڪندا.
- باھہ کي ويجهي کان ويجهو ٿي ڪري وسائيندا. آلہ آتش ڪشي جي نوزل (نالي) باھہ جي جڙ جي طرف رکندا ۽ شعلن جي مٿان گيس يا پائوڊر نہ وجهندا.
- آلہ آتش کي ڪڏهن بہ هوا جي رُخ جي مخالف استعمال نہ ڪندا.

**نوٽ:** حاجي سڀ‍ڳورا جڏهن بہ ڪٿي گاڏي يا بس وغيره ۾ سوار ٿي رهيا هجن تہ ان شيء جو اطمينان ڪري وٺن تہ ان ۾ مناسب باھہ وسائڻ جي سهولت موجود آهي.

# سعودي عرب ۾ ڳالهه ٻول جا عام لفظ

| سنڌي | عربي | سنڌي | عربي |
|---|---|---|---|
| پاڻي | مَآء مَوْيَا | کير | حَلِيْب |
| لسي | لَبَنّ | چانهه | شَائی |
| ماني | خُبز تَمِيْز | کجور | تَمَر |
| مرغي (پڳل) | دَجَاج (شوايا) | مرغي (روسٽ) | دَجَاج (مقلی) |
| چانور | اَرُزّ | دال | عَدَس |
| آنڊو | بَيْضَه | گوشت | لَحْمٌ |
| جوس | عَصِيْر | هوٽل | فُنُدَق |
| بازار | سُوق | کاڌو | طَعَام |
| ناشتو | فَطُوّر | منجهند جي ماني | غَدَا |
| رات جي ماني | عَشَآء | جنرل اسٽور | بَقَالَه |
| ڊاڪٽر | طَبِيْب | ميڊيڪل اسٽور | صَيْدَلِيَّه |
| غسل خانو | حَمَّام | حجم | حَلَّاق |
| مردانو | رِجَالِي | زنانو | حَرِيْم |
| بس | حَافِلَة | سرنگ | نَفَق |
| رستو | طَرِيْق | فلائي اوور پل | كُبْرِی |
| ڪارڊ | بَطَاقَه | موبائل فون | جَوَّال |
| ايئرپورٽ | مَطَار | جهاز | طَيَّارَه |
| پوليس | شُرطَه | پاسپورٽ | جَوَاز |
| ٽرين | قِطَار | ريلوي اسٽيشن | مَحَطَّةُ الْقِطَارِ |

## ليکڪ جو تعارف



| | |
|---|---|
| **نالو** | نور محمد سومرو |
| **ادبي نالو** | نور محمد نور سومرو |
| **ولديت** | خير محمد سومرو |
| **تاريخ پيدائش** | 17 نومبر 1965 |
| **ڄم جو هنڌ** | مورو ضلع نوشهرو فيروز |
| **تعليم** | ايم اي (Eco)، SALU, خيرپورميرس |
| **شادي** | پنهنجي سوٽ حميده سان 9 جنوري 1997 |
| **اولاد** | اريج نور نياڻي 22 سيپٽمبر 1999 |
| | جواد احمد پٽ 16 جنوري 2002 |
| | فواد احمد پٽ 18 آڪٽوبر 2003 |
| | حسيب احمد پٽ 2 فبروري 2007 |
| | ماهه نور نياڻي 20 نومبر 2010 |
| **نوڪري** | ڊپٽي اسسٽنٽ ڊائريڪٽرحج<br>وزارت مذهبي امور،حاجي ڪيمپ سکر |
| **حج جي سعادت** | 1998، 2002، 2005 ۽ 2015 |

## ڇپيل ڪتاب:

رفيق حج 2014

حج جي سفر جي عملي رهنمائي 2015

حاجي سڳورن لاءِ اهم هدايون 2015

اہم ہدایات برائے عازمین حج 2015

رهبر حج 2016 (وزارت مذهبي امور) (ترجمو)

رهبر حج 2017 (وزارت مذهبي امور) (ترجمو)

رهبر حج 2018 (وزارت مذهبي امور) (ترجمو)

(توهان جي هٿن ۾)

## جلد ايندڙ ڪتاب:

حج فرض ۾ جلدي ڪريو بهانا نه ناهيو

فرض حج میں جلدی کیجئے بھانے نہ بنایئے

رہبر عمرہ (قرآن وحدیث کی روشنی میں)

ISBN 978-969-7664-00-9

رهبر عمرو (قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾)

ISBN 978-969-7664-01-6

رہبر حج (قرآن وحدیث کی روشنی میں)

ISBN 978-969-7664-02-3

رهبر حج (قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾)

ISBN 978-969-7664-03-0

مشاعر مقدسه (منيٰ، مزدلفه ۽ عرفات) جو تعارف

(تصويرن سان)

مشاعر مقدسہ (منیٰ، مزدلفہ اور عرفات) کا تعارف (باتصویر)

تاريخ ۽ حج جو فلسفو ساڻ جامع دعاء عرفات

تاريخ وفلسفہء حج مع جامع دعاء عرفات

عمرے کہ سفر کی عملی رہنمائی (قدم بہ قدم)

عمري جي سفر جي عملي رهنمائي (قدم بہ قدم)

ڏس پتو گهر نمبر 1033، هاشمي گهٽي، محلہ گودو شاپ، خيرپور ميرس سنڌ

رابطي لاءِ 03337823941